


# ٿياري

## شبري جا چڪيل جوٿا ڦلَ

مرتب: مرلي ڌر

# ڏياري

## شبري جا چڪيل جوٺا ڦل

مرتب:

**مرلي ڌر**

مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو

(هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن)

# ڏياري- شبري جا چڪيل جونا ٻير


مرتب: مرلي ڌر

ڇاپو پهريون: 2017ع

ڇپائيندڙ: مظهر ميمڻ 03337540515

ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي

پروف ريڊنگ: فضا بانو ڦلپوٽو

ڪمپوزنگ: فاروق احمد قاضي

ٽائيٽل ڊزائننگ: امجد علي ٿهيم (صدرالدين پرنٽرس-ڪراچي)

لي آئوٽ: فرحان علي پٽي، حيدرآباد

تعداد: هڪ هزار

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**ملڻ جو هنڌ:**

ويجهو امان رحمت ڊيڪوريشن

نئون ديرو روڊ، گجڻ پور محلو، لاڙڪاڻو

رابطي لاءِ: 0333-7540515

Email: mjdpabooks@yahoo.co.in


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

كامريڊ سوڀوگيانچنداڻي
جي نانءُ
جنهن پوري
حياتي دکي
انسانيت جي
حقن لاءِ
وڙهندي گذاري
۽
پنهنجي ضمير جو
سودو نہ ڪيو.

- مرلي ڌر

# پنهنجي پارن

1983 ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان ڪجهه دوستن سان گڏجي ڏياري ميگزين ڇپائي پڌري ڪئي. پڙهندڙن ان کي پسند ڪيو. موضوع جي مناسبت سان رامائڻ، رامچندر ۽ ڏياريءَ جو ذڪر ميگزين ۾ مختلف لکندڙن ڪيو، ان ۾ ناميارا ليکڪ بہ هئا تہ شاگرد بہ. ڪجهہ ليکڪ اڄ اسان سان گڏ ڪونهن. مون سوچيو تہ ميگزين جو ٻيون ڇاپو ڇپرائجي، ڪجهہ مضمون گذريل ميگزين ۾ ڇپيل چونڊ ڪيم ۽ ڪجهہ مضمون نوان لکرايم. گذريل ڏياري سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ هئي، هن دفعي اها فقط سنڌي ۾ آهي. ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ پوپٽي هيرانندڻي جا مضمون انگريزي ۾ هيا انهن جو سنڌي ترجمو ڪرائي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. مقصد آهي تہ ماڻهن کي معلومات پهچائجي. مانواري ڊاڪٽر فهميده حسين، محمد علي پناهڻ، سائين روچيرام، سائين جيئل راءِ اوڏ ۽ شيام ڪمار جو ٿورائتو آهيان جن وقت سيڙائي ڪتاب لاءِ مضمون لکي ڏنا. محترم نصير مرزا پنهنجي ڪتاب تان سائين گرداس واڌواڻي تي لکيل مضمون ٻيهر ڇپڻ جي اجازت ڏني ۽ ڪنعيا لال ناگپال جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو. مانواري پشپا ولڀ ۽ مانواري انيتا ڪمليشور جن جا ٿورا جن انگريزي مضمونن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنو. ڊاڪٽر ديپ پرڪاش تلريجا ۽ محترم راڻو مل ڪتاب ڇپرائڻ ۾ سهڪار جي آڇ ڪئي انهن جي بہ مهرباني. سائين مظهر ميمڻ صاحب مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي واري جي بہ مهرباني جنهن خاص دلچسپي وٺي هن ڪتاب کي ڇاپي پڌرو ڪيو ۽ پال پلايا. اميد تہ پڙهندڙ ان کي پسند ڪندا.

مرلي ڌر

## فهرست


| نمبر شمار | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | **مهاڳ** - پروفيسر ڪنعيا لال ناگپال | 9 |
| 2. | **راماڻ جو رچناڪار :والميڪي**<br>_ ولي رام ولڀ | 13 |
| 3. | **راماڻ جو گيان** _ ڪرتار ڏاواڻي | 18 |
| 4. | **ڏياري ۽ راماڻ جو تاريخي پس منظر**<br>_ روچي رام | 22 |
| 5. | **ارملا: راماڻ جو هڪ وساريل ڪردار**<br>_ نيل ڪنٺ | 30 |
| 6. | **ڏياري رڳو ڏيئا ٻارڻ جو نالو ناهي!**<br>_مرلي ڌر | 34 |
| 7. | **مذهب ۽ ذات پات جي وڻ ويڙهي**<br>_ شيام ڪمار | 37 |
| 8. | **شري ڪرشن جو تاريخي پهلو**<br>_ علامہ آءِ آءِ قاضي ترجمو :انيتا ڪمليشور | 62 |
| 9. | **هندو ڌرم جا ڪجه اهم ديوتا _وشنو پڳوان**<br>_يوسف شاهين | 69 |
| 10. | **اسان جا ڌرمي ڏڻ** __ سوڀو گيانچنداڻي<br>ترجمو: انيتا ڪمليشور | 81 |
| 11. | **......سوڀيو روشنيءَ جي سفر ۾** | 86 |

_ محمد علي پٺاڻ

12. **ساڌن ۽ صوفين جو مذهبي فلسفو** 91

_ انور پيرزادو

13. **گرو نانڪ ديو** _ اي .جي .اتم 95

14. **انسانيت جو پرچارڪ: امر شهيد سنت ڪنور رام** _ راجڪمار ڪيسواڻي ڪشور 101

15. **سنڌ جا سپوت** - ڊاڪٽر فهميده حسين 107

16. **ديوان الف م جئسنگهاڻي: هڪ دياوان ۽ صوفي منش** _جيئل راءِ اوڏ 116

17. **امن جي جنگ ، انسان جي بقا لاءِ** 122

_محمد ابراهيم جويو

18. **منهنجا حيدرآباد! تون ڪٿي آهين؟** 130

پوپٽي هيراننداڻي، ترجمو: پشپاولي

19. **گرداس واڌواڻي: منهنجي لانگ شارٽ ۾ ڪيهه جو ڳل** — نصير مرزا 136

20. **گرداس واڌواڻي سان ڳالهه ٻولهه** 145

_ڪرتار ڏاواڻي

# ڏياري

## شبري جا چڪيل جوٺا ڦل

# مهاڳ

هڪ مڪمل اتهاسي ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌ جي سموري مٽيءَ جي مهڪ هبڪار ڏئي رهيو آهي. هر مضمون پڙهڻ پرجهڻ لائق آهي. ويندي ڌرمي ڪتاب رامائڻ تي لکيل ليک انساني آرزوئن اڌمن ۽ جذبن کي مان ڏئي اصلي ڌرم دين جو حق ادا ڪري ٿو. ارملا جا جذبا،جيون جي 14 ورهيه اڪيلائي ۽ اڌمن کي نپوڙي خاموش جيئڻ جو احساس ڏيارائڻ ۽ سري رام جو سيتا کي ڇڏڻ کي منافقي سڏڻ ڪافي آهي. گرداس واڌواڻي جو انٽرويو پڙهڻ لائق آهي.

باقي مضمونن ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جو مضمون لک لهي. انور پيرزادو صوفي سوچن کي ساڌن صوفين جي ميلاپ سان بهتر انداز ۾ بيان ڪيو آهي. وليرام ولڀ رامائڻ جي رچتيڪ تري والميڪي جو جيون چريتر ڏئي ۽ ان جي مهانتا تي ودوانن جا ويچار ڏئي سٺي تقرير ڪئي آهي تہ رامائڻ گانڌي چواڻي هڪ مڪمل لو اسٽوري آهي. مهراج دسرٿ جا درد پيار جي پيڙا آهي جا پراڻ ونڻ سواءِ نہ ڇڏي ۽ رام سيتا جو پريم پڻ سيتا جي جيون قرباني تي پورو ٿئي ٿو.

ڪتاب جا سڀ عنوان پڙهڻ جهڙا آهن، خاص ڪري اڄ جي نوجوان لاءِ ڌرم جي اصل خبر ونڻ لاءِ نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي. مذهب تصور ۽ خوف جي پيداوار آهي پر ان کي ماڻهوءَ کي سڌارڻ، انساني جذبن ۽ مهذب روين پيدا ڪري

منجهن ميٺ محبت ۽ اخلاق ۽ اخلاص وجهڻ لاءِ مذهب نهايت مثبت ڪم ڪيو ۽ اندر جي جانور کي شرعي باندي ڪري ان ۾ ڪي نظم و ضبط جا ضابطا وڌا ۽ هن کي حياتي جو مقصد مطلب سمجهايو. پر شعور جي وڌڻ سان ماڻهو مفاد پرست ٿيندو ويو ۽ ذاتي فائدن کي اجتماعي بهتري تي ترجيح ڏيندي هو خود غرضي جا ڏاڪا چڙهندو اڄ اتي پهتو آهي جتي سندس فڪر The fittest survive جي جهنگلي اصول تي پهتو آهي. ان کي سنڌي ۾ چئون ته جو ڏاڍو سو گابو، يا ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا. ڇا جي انسانيت، ڪنهن جو مذهب ۽ ان جا اصول، ڪهڙو قاعدو قانون يا آئيني پابنديون. ڇون قانون ان لاءِ هوندو آهي ته ان کي ٽوڙيو وڃي، پوءِ اهي خرمستيون اڇي دهشت گردي، لٽ ڦر ۽ خونريزيءَ تي ختم ٿيون آهن، پاڻ ماري هزارن کي مارڻ جي Suicidal bombing حڪمت عملي جا سجاڳ ذهن قبول ڪرڻ کان بي وس آهي سا ممڪن ۽ سڄي دنيا ۾ مجيل دهشت گردي جي اڄوڪي شڪل اختيار ڪري وئي آهي.

هن Mind Set کي بندوق سان ماري نه ٿو سگهجي جو اها هڪ فڪر ۽ فلسفي جي شڪل ۾ پڙهائي سيکاري برين واش ڪري هڪ نئون ذهن ناهي ٿي. ان جو علاج پڻ فڪري شعور بدلڻ ۾ آهي. ته اڄ جو سماج سيني مجيل مذهبن جي هڪ سڌريل سمري گهري ٿو جا سائنسي طريقي سان سمجهائي، سيکاري ۽ عملي طور ڪرائي وڃي. ان کي ساڌ ۽ صوفي ئي هڪ گڏيل بين الاقوامي مسلڪ ڪري ناهين ٿا جو اخلاقي ۽ انساني روايتن تي مشتمل پنهنجي اندر کي صاف ڪرڻ معنيٰ سوچن کي مثبت، سچ ۽ حق لاءِ هموار ڪرڻ سيکاري ٿو. جي ڀلائي ڦهلائبي ته ڀلائي ئي ملندي، نيڪي نيڪيءَ کي جنم ڏيندي ۽ ڌيان مراقبو Transcendental Meditation ماڻهوءَ ۾ نهراءُ، سڪون، شانتي ۽ ڀرپور تخليقي قوت

وڌائي ڪيس صحتمند سگهارو ۽ انساني خدمت لائق نئون ذهن ناهي تي. اها محبت قدر، انسانيت ۽ خدمت گذارن جي مجتا ۾ موجود آهي جنهن کي ڊاڪٽر فائو جي صورت ۾ ورتايو ويو. سول اسپتال تي سندس نالو ۽ ايس آءِ يو ٽي ۾ سندس آويزان تصور ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي خدمت، پيار ۽ قربانيءَ جا سبق سيکاري پئي.

هي ڪتاب ڏياري پنهنجي سموري سٽاءَ، ان جي مواد سميت ساهه سان سانڍڻ جهڙي سوکڙي آهي جيڪا وڌ کان وڌ ورهائي وجي ۽ پيار، پائپي ۽ پائيچاري جا بيا ڪتاب پڻ آندا وڃن. هي فڪري جنگ جو بهتر هٿيار آهي نہ تہ جويو صاحب جي عالمي جنگ ۽ ان جي زهريلي گئسن واري چٽاپيٽيءَ ۾ ماڻهو نهايت غير محفوظ ۽ غير مستحڪم آهي جتي ايڏا هٿيار هجن تہ هن دنيا کي منٽن ۾ ويهہ دفعا تباهہ برباد ڪري سگهجي ٿو اتي پيار جي پالوٽ ڪجهہ هيئن هجي،

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو
تني جي ويڙهي پاڻهي ايندو پاتشاهہ
(شاهہ)

**پروفيسر ناگپال**
سيپٽمبر 2017ع

# رامائڻ جو رچناڪار_ والميڪي

ولي رام ولڀ

هندن جي ڌرمي ڪتابن جي اڀياس مان سڌ پوي ٿي ته، پراڻي زماني ۾ اهڙا ڪئين رشي، مُني، سنت، مهاتما ۽ ڀڳت ماڻهو ٿي گذريا آهن جيڪي شودر طبقي مان هئا ۽ نيچ پيشو ڪندا هئا پر بعد ۾ ايشوري شرڌا ۽ ڪرتويہ جي ڪري اوچي پدوي پاتائون، رشي والميڪي بہ انهن مان هڪ هو .رامائڻ جو وير رس ڪاويہ (The great epic poetry) سندس ئي رچنا آهي، جنهن جو نيم سان پاٺ ڪرڻ هر هندو پاپن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ برابر سمجهندو آهي .ٻئي طرف دنيا جي ڪلاسيڪي ادب ۾ رامائڻ کي هڪ امتيازي حيثيت حاصل آهي.

رشي والميڪي جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو، انهيءَ باري ۾ ڪجهہ بہ پڪ سان نہ ٿو چئي سگهجي پر سندس باري ۾ جيڪي ڳالهيون عام طرح مشهور آهن، اهي مليالم زبان جي ليکڪ راج گوپال آچاري (آزاد هندوستان جو پهريون گورنر جنرل) بيان ڪيون آهن تہ، رشي والميڪي دراصل رتناڪر نالي هڪ شودر هو ۽ پيشي جي لحاظ کان ڌاڙيل هو ۽ رستي تان لنگهندڙ واٽهڙن کي ڦري پنهنجي ڪٽنب جي باقي ڇئن ڀاتين _ ماءُ، پيءُ، زال ۽ پٽ جو گذر سفر ڪندو هو .ڦرڻ وقت هو گهڻو ڪري گهاٽي جهنگ ۾ لڪي ويندو هو

۽ جڏهن واٺهڙو ڪانئس بي خبر اُتان لانگهائو ٿيندا هئا ته، هو مٿن حملو ڪندو هو ۽ ڪين ڦُري وري ٻئي شڪار جي تاڪ ۾ وڻن جي گهاٽي جهنگ ۾ لڪي ويندو هو .ماڻهن، عورتن ۽ ٻارن کي مارڻ سندس ڪابي هٿ جي راند هئي.

هڪ ڀيري جو ذڪر آهي ته، مهارشي نارد مُني پنهنجي ٽن چيلن سان اُتان لانگهائو ٿيو .والميڪي، جيڪو شڪار جي اوسيئڙي ۾ اُتي لڪو ويٺو هو، ساڌُن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جهنگ مان نڪري مٿن حملو ڪري ڏنائين ۽ سامان وغيره ڦُري ڪين رڳو لنگوٽيءَ ۾ ڇڏي ڏنائين .نارد مني والميڪيءَ کي چيو،" ادا !اسان ساڌو لوڪ آهيون، ساڌن سنتن کي ڦُرڻ مها پاپ آهي ".والميڪي وراڻيو،" منهنجي لاءِ ساڌو يا شيطان ساڳي ڳالهه آهي، مون کي پنهنجي ڪٽنب جو پالڻ ڪرڻو آهي تنهنڪري جيڪي بهتر سمجهان ٿو اُهو ڪريان ٿو ".نارد مني تنهن تي ڪانئس پڇيو،" ڀاءُ !جيڪڏهن توکي پنهنجي ڪٽنب جو پالڻ ڪرڻو ئي آهي ته ٻيا به ڪئين سڌا رستا ڪمائي ڪائڻ جا آهن، هن نيچ ڪرم ڪرڻ سان جيڪو ڦل ملندو، اُهو توکي ملندو ۽ تنهنجي ڪٽنب جو ڪوبه ڀاتي تنهنجي ڪرمن جي سزا ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه ٿيندو، يقين نه اچي ته وڃي ڪانئن پڇي اسان کي ٻڌاءِ ته اهي تنهنجي هنن ڪرمن جي ذميواري قبول ڪن ٿا".

والميڪي ڳڻ ڳوت ۾ پئجي ويو .نارد مُنيءَ جي ڳالهه سندس ذهن تي هٿوڙي جيان لڳي هئي .پڪ ڪرڻ خاطر هو پنهنجي ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ کان پڇڻ ويو پر منجهانئن ڪوبه سندس ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ ۾ حصيدار ٿيڻ لاءِ تيار نه هو . ڪٽنب جي ڀاتين کي پنهنجي ڪرمن ۾ ساٿ نه ڏيندو ڏسي سندس اکيون کلي ويون ۽ ڊوڙندو ساڌن وٽ اچي ندامت وچان روئي وينتي ڪيائين،" مهاراج !اوهان سچا آهيو، مان پنهنجي پاپن کان ڇوٽڪارو ٿو گهران، مونکي ڪرپا ڪري

ڪا گيان جي سڌي راهه ڏيکاريو جيئن منهنجي من کي شانتي پراپت ٿئي“

نارد مُني، والميڪيءَ جي شرڌا ۽ گيان ڏسي وڏو اپديش ڏيڻ بدران چيو، ”تون“ رام _ رام ”جو سمرڻ ڪر، انهيءَ مان تنهنجو ڪلياڻ ٿيندو، اسان تيرٿ ياترا تي وڃون ٿا ۽ موٽندي وقت تو وٽ وري ايندا سين“.

والميڪي پريم ۽ شرڌا سان“ رام _ رام ”جو جاپ ڪندو رهيو .لاڳيتو“ رام_رام ”ورجائڻ سان“ مرا مرا ”جو آواز نڪرڻ لڳو .هو انهيءَ تپسيا ۾ ايترو محو ٿي ويو جو ڪيس پنهنجي تن من جي سُڌ بُڌ بہ نہ رهي .ٻارنهن سالن جي عرصي ڪانپوءِ جڏهن نارد مني پنهنجي چيلن سان گڏ تيرٿ ياترا ڪان موٽيو تہ، ڪين والميڪي پنهنجي مقرر هنڌ تي نظر نہ آيو .هيڏانهن هوڏانهن ڳولا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪين سڌ پيئي تہ والميڪي انهيءَ هنڌ ريتيءَ جي هيٺان پنهنجي سڌ بُڌ وڃائي ”مرا مرا“جي ڌن ۾ مست ٿي ويو آهي .نارد مني ريتي هٽائي والميڪيءَ کي آشيرواد ڏنو ۽ اُتان هليو ويو .اهڙيءَ طرح رتناڪر رهزن پنهنجي شرڌا ۽ پريم جي ڪارڻ رشي والميڪي بڻجي ويو .سندس لڪل آتمڪ شڪتي جاڳي اُٿي هئي ۽ پاپ ڪان پيچ طرف آئي هئي ۽ سندس هردي ۾ ڀڳتي رس جون لهرون اُٿڻ لڳيون هيون.

رشي والميڪي رامائڻ جهڙو مهان ويررس ڪاويہ ڪيئن رچيو، اهو داستان بہ پنهنجي جاءِ تي عجيب آهي .هڪ ڀيري رشي والميڪي جهنگ ۾ هڪ شڪاريءَ کي ڪونجن جي هڪ جوڙي ڏانهن تير هڻندي ڏٺو، جنهن جي لڳڻ سان منجهائن هڪ مري ويو .اهو ڏکائيندڙ منظر ڏسي والميڪيءَ جي واتان بد دعا نڪتي“ :اي شڪاري !تون پريم جي مستيءَ ۾ مست جوڙي مان هڪ کي ماري جدا ڪيو آهي، تون بہ سموري ڄمار اڪيلي ڪونج جيان پٽڪندو رهندين.“

توري ئي ويرم ۾ رشي پنهنجو پاڻ سنڀاليو، سوچڻ لڳو" :مون ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجو پاڻ ڪي ڇو وساري ويٺو آهيان، مون ڪي ڪهڙو حق هو جو شڪاريءَ ڪي شراپ ڏيئي وينس، مون ڪي جوش ۾ اچي ائين نہ ڪرڻ گهرجي ها .جڏهن رشيءَ شراپ جا لفظ ورجايا تہ، انهن لفظن جي تاثر تي ڪيس حيرت وني وئي .هن ڏٺو تہ، سندس ڏک ۽ اداسيءَ جي ڪيفيت مان هڪ سندر شلوڪ جُڙي پيو آهي .هن ڄاتو تہ اها سڀ اِيشور جي وچتر ۽ گپت ليلا جو قل آهي.اهو سوچي هو وري ڌيان ۾ مگن تي ويو.

..هن مهل رشي ڌيان ۾ محو هو، ان مهل چتر مُک برهم ڄجو درشن تيس .برهما، والميڪيءَ کي چيو،" دڄ نہ ! اهي ڳالهيون انهيءَ ڪري ٿيون آهن جو توکي رام_ ڪٿا جو آرنڀ ڪرڻو آهي، شِوڪ مان شلوڪ پيدا ٿيو آهي، هاڻي انهيءَ ئي ڇند ۽ سُر ۾ پنهنجي ڪاويہ جي رچنا ڪر، مان توکي اهڙي دويہ درشٽي پرڌان ڪندس جو توکي سڌ پوندي ويندي تہ ڇا تي گذريو آهي .جيئن ڪو پنهنجي هٿ_تريءَ تي رکيل شيءِ چٽي ڏسندو آهي تيئن تون بہ ڏسي سگهندين تہ تنهنجي پاترن (ڪردارن) جي من ۾ ڇا تي وسيو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي"

فرانس جي مشهور تاريخ دان مچليت Michlet 1864ع ۾ رامائڻ بابت حوالو ڏيئي لکيو آهي" :جيڪو بہ چاهي، ڪيس هن وڏي پيالي مان دڳهي ۽ مشڪل زندگي ۽ جوانيءَ جو ڏک پرڻ ڏيو ..... يورپ ۾ سيڪجهہ ٿورڙو ۽ تانگهو آهي، يونان ايڏو ننڍو آهي جو مون کي گهُٽ تي محسوس ٿئي، جو ديا خشڪ آهي ۽ مان اُتي تڪجي ٿو پوان .مونکي عظيم ايشيا ڏانهن نهارڻ ڏيو ۽ يورپ ڏانهن هڪ نگاهہ وجهڻ ڏيو .اُتي هندي مها ساگر جيڏو هڪ مهان ڪاويہ آهي جنهن جي مٿان سج چمڪي ٿو، جنهن ۾ ايشوري ساز آهي ۽ هر هنڌ مڌر

آهي، جا هڪ نرمل شانتي آهي ۽ ٽڪراءَ جي دوران هڪ خاص مدرتا، بي انت قربت سين تي چانيل آهي .اهو ڪاويہ ديا ۽ پريم جو هڪ بي انت مها ساگر آهي"

گانڌيءَ چيو آهي،" رامائڻ پريم _ ڪٿا آهي، دسرٿ جون مشڪلاتون پريم جي ڪري پيدا ٿيون هيون ۽ رام ۽ سيتا جي پريم_ ڪٿا ايوڌيا ڪانڊ جو وشيہ ۽ تت آهي، اهو پريم جيڪو ڌرم جي اُبتڙ ناهي انهيءَ ۾ ايشور جو سروپ سمايل ٿئي ٿو، رامائڻ پريم جي هڪ مهان ڪٿا آهي"

راج گوپال آچاري جنهن والميڪي رامائڻ جي آڌار تي رامائڻ لکي آهي، پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو تہ،" رامائڻ جا ڪيئي ارٿ ڪري سگهجن ٿا ۽ ان جي سندرتا مختلف طريقن سان پرکي ويندي آهي .رامائڻ هڪ سچي هيري جو روپ آهي جنهن ۾ جيئن ڪيئي رنگ چمڪندي نظر ايندا آهن تيئن رامائڻ بہ جيون جي مختلف پهلوئن جي سندر ڪلائن جو درشن ڪرائي ٿي"

شري رام چندر جو ڪوبہ اهڙو ڀڳت نہ هوندو جنهن رامائڻ جي ڪٿا پڙهي يا ٻڌي نہ هجي .رامائڻ جي رچنا کي ڪيئي صديون گذري ويون آهن پر ان جي مهانتا ۾ اج تائين ڪو فرق نہ آيو آهي.

رامائڻ جي رچيندڙ رشي والميڪيءَ جو نالو سموري اپکنڊ ۾ سج سمان چمڪندڙ آهي ۽ سنسار ڀر ۾ ان جو آدرياءُ ڪيو وڃي ٿو .رامائڻ جي رچنا وسيلي ئي رام _ نام جو پرچار ۽ پرسار ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح انسان ذات تي جيڪو اُپڪار رشي والميڪي ڪيو آهي اُهو ڪوبہ شخص وساري نہ ٿو سگهي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان 2 آڪٽوبر تي اردوءَ ۾ نشر ٿيل.

❊ ❊ ❊

# رامائڻ جوڳيان

ڪرتار ڏاواڻي

ڏياريءَ جو ڏڻ، اسين هندو رام (جيڪو ڏند ڪٿائن مطابق وشنوءَ جو اوتار هو) جو ماتيلي ماءُ ڪيڪئي جي سازش تحت 14 سال بنواس، پيءُ دسرٿ جي وچن جي ساک رکڻ خاطر، ڪٽڻ ڪانپوءِ ايوڌيا واپس پهچڻ تي ملهائيندا آهيون.

اڳين زماني ۾ وقت جا ڏاها ماڻهو عام ماڻهن تي سنائين ۽ چڱاين جا اثر پيدا ڪرڻ خاطر ڪجھ اهڙا قصا ۽ ڪهاڻيون جوڙيندا هئا، جنهن مان هو اُميد رکندا هئا ته عام ماڻهو اهڙن سبق آميز قصن ۽ ڪهاڻين مان ڪجھ پرائيندا ۽ سندن مقصد پورو ٿيندو پر لڳي ائين پيو ته، سندن ڏنل سوچ ڪي اُڄ جي دور ۾" ڪٿ "لڳي وئي آهي ۽ اسين ڳهاٽي جي ڏاند وانگر اکين تي ڪوپا چاڙهيو گول، مقرر دَيل گهيرن تي ڦيرا پيا پايون، سواءِ ان سوچ جي ته اسانجا اهي ڦيرا پنهنجي لاءِ يا ايندڙ نسل لاءِ ڪو فائدو به ڪري سگهندا يا نه.

سَر اهي ئي ،سانگ، جت پڪي اچي پيا ٻيا،
جن لِڪي پٽي لاتيون ڪيون، سي ته ويچارا ئي ويا،
اچي ڪانگ پيا، جن ڪينجهر ڪِن ڪيو.

رام جي قربانيءَ جو ڪو مثل ڪونهي، ۽ اسين اهو چوڻ ڪان به رهي نه تا سگهون ته، رامچندر سان گڏ سيتا ۽ لڪڇمڻ جي قرباني به قدر ۽ ياد رکڻ لائق آهي.

دوستو !هن ڏرتيءَ تي جن بہ انسانن قرباني ڏني آهي، پنهنجن سکن کي ٻين جي آرام خاطر ڦٽو ڪيو آهي، پنهنجين خواهشن کي ٻين جي تمنائن اڳيان تڇ سمجهيو آهي اُهي ڪڏهن بہ مري نہ سگهيا آهن .تاريخ ۾ اهڙن عظيم ۽ امر شخصيتن جا ذڪر ان ڪري هوندا آهن تہ، پويان نسل اُن مان اُتساهہ وٺن ۽ پنهنجي لاءِ بہ حق ۽ سچ جي راهہ چونڊي ان مٿان گهورجي وڃن.

سوري سَڏ ڪري، سِر جو سانگهو ڇڏ،
ڏي سڏيندڙ سَڏ تہ عزرائيل اڏ ٿئي.

پاڻ مري ويندا سون، آب حيات ڪنهن ڪونهي پيتو .تنهنڪري چو نہ اڄ اسين ڏياريءَ تي رام جي ڇڏيل نشانين پٺيان هلڻ جو وچن ڪريون:

وينين ناهہ وراڪو ستين ڪونهي سنگ،
هوت هلندن ڪٿيو، جن انگن چاڙهيو انگ.

پر آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ، راوڻ جي همت افزائي خود سيتا جو لڪيمڻ تي شڪ ۽ گمان ڪرڻ ڪري ٿي، جيئن تلسي ڪرت رامائڻ جي صفحي 85 تي ڏنل آهي.

”سيتا ڪروڌ ۾ پرجي لڪيمڻ کي چوڻ لڳي،“ تون تمام نردئي ٿو ڏسجين جو هن آپدا مهل بہ تون پنهنجي ڀاءُ جي مدد لاءِ نٿو وڃين !مان تنهنجي من جي پاپ ڀاونا سمجهي ويس تہ، رامچندر مري تہ تون مون کي پراپت (حاصل) ڪري سگهين“.

جيڪڏهن سيتا لڪيمڻ لاءِ ميرا ويچار مَن ۾ نہ آڻي ها تہ شايد رامائڻ جو هيڏو قصو والميڪ رشي کي جوڙڻو ئي نہ پوي ها !!ءِ ائين هميشہ ٿيو آهي تہ، جڏهن اڳتي وڌڻ جي راهہ ۾ بي اعتمادي ۽ شڪ جا روڙها، رنڊڪون ۽ رڪاوٽون پيدا ڪندا آهن تڏهن سات ٽٽي پوندا آهن ۽ اڳتي وڌڻ جو عمل ٺڏو ٿي ويندو آهي .رام جي راوڻ سان هڪ سيتا خاطر

هيڏي وڏي ۽ خطرناڪ جنگ ڪرڻ اسان کي اتساهه ٿي ڏياري ته، اسين راوڻ تي ايترا حملا ڪريون جو نه صرف هو اسان جون سيتائون اسان کي عزت ۽ شان سان موٽائي ڏئي، پر اڳتي لاءِ پڻ اِها جرئت ئي نه ٿئيس جو اسان جي ننگن تي ننگي نظر وجهي سگهي.!

جان جيئين تان وڙهه، آڻ نه مڃ انياءَ جي!
هٿين پيرين، مونڙين، راڙا ڪندو رڙهه،
ٻن انهيءَ جو مَڙهه، جيڪو مُئو مان ۾!

پر هڪ پيرو وري جي اسان ڏوٻين ) علامتي طور اهي ماڻهو جي ڪنهن جي خوشيءَ ۾ خوش نه هوندا آهن ۽ هميشه اهڙا افواهه ڦهلائيندا آهن جيڪي انتشار پيدا ڪن (جي ڳالهين تي عمل ڪيو ته پوءِ هڪ پيرو وري پنهنجيون سيتائون وڃائي ويهي رهنداسون .اهو سمجهندي ئي والميڪ رشي پنهنجي عظيم ڪاوش ۾ اسان کي اهو سبق ڏنو آهي ته" اوهين ٻين جون ڳالهيون ضرور ٻڌو، پر ان تي هروپرو به عمل نه ڪريو".

هينئر اهو اوهان تي ڇڏيل آهي ته، اوهان راوڻ کي پنهنجي راهه تان هٽايو ٿا يا وقت جي حاڪمن جي ٽيل پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اهو چئي چپ ڪريو ٿا ته، ڀڳوان ظالم سان پاڻهي پڄندو، ڪئي جو ڪيتو لوڙيندا وغيره.

جو چاهين سو چوندِ تون، مٿيو توڙي ماڳ،
پوري تنهنجو ياڳ، آهي تنهنجي هٿ ۾.

دوستو !جي اهو صحيح هجي ها ته ظالم پنهنجي ظلم جي سزا ڀوڳيندو ته، پوءِ راوڻ جهڙي عظيم عالم ۽ ويدن جي ڄاڻو، جنهن جي علمي حيثيت ان مان ظاهر آهي ته، مرڻ گهڙيءَ رامچندر لڪشمڻ کي حڪم ڪيو ته" وڃي راوڻ کان ڪجهه هدايتون وٺي اچي پر ياد رکج ٻيهجانس پيرانديءَ کان "

ڇو راوڻ کي ڪئي جي سزا لاءِ نه ڇڏيو ويو؟ ڇو هن سان انسانن جنگ ڪئي !ڇا ڀڳوان اتي بيوس هو؟ راوڻ کي هڪ

سيتا خاطر تباهه نہ ڪيو وڃي ها ۽ نہ ئي سري لنڪا کي باهه ئي ڏياري وڃي ها.

اهو سڀ اسان تي واضح تہ ڪري ٿو، اسين بہ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪريون .همٿ ۽ جوانمرديءَ جي Symbol رام مان سبق حاصل ڪري، پاڻ ۾ ڪتريپڻي واريون خاصيتون پيدا ڪريون.

آءُ ڪهاڙي ڪيچ ۾، ۽ مون هستي آتٿُ:

رت کي ڌوئي رت، رت نہ ڌوپي نير سان.

لڪڇمڻ جنهن پنهنجي ڀاءُ خاطر ايڏي زبردست قرباني ڏني اسان اڳيان مثال ڇڏيو آهي تہ اسان بہ پنهنجي ڀائرن جي ڏان ۾ پاڻ تڪليف محسوس ڪريون ۽ سندن سکن ۾ پاڻ خوشي ۽ آنند ماڻيون ۽ جڏهن اهڙا اُمنگ ۽ اُدما اسان جي اندر ۾ اٿيا تہ پوءِ ڏکن جا ڏينهن تمام ٿورا آهن ۽ وري رام راڄ قائم ٿي سگهندو.

رامچندر" پيلڻَ "جا" جوتا ٻير " ڪائي برهمڻن جي اوچ نيچ جي پيدا ڪيل ڪوٺ تي هڪ قهري ڌڪ هڻي اسان کي سمجهائي ويو آهي تہ، اسين سڀ انسان پاڻ ۾ برابر آهيون، ڪوبہ نفرت لائق ناهي، جيئن روائتي انداز ۾ هندن جو مٿيون طبقو پنهنجي ناجائز حاڪميت قائم رکڻ خاطر تشريح ڪندو رهندو آهي.

هن ڌرتيءَ تي جيڪڏهن ڪوبہ نظريو ڪابہ روايت يا ڪي بہ اصول هڪ انسان کي ٻئي انسان کان بي سبب نفرت ۽ ڌڪار سيکارين ٿا تہ، پوءِ اهي نظريا يا اصول ڪڏهن بہ Constructive نہ ٿا ٿي سگهن .هاڻي اهو دانشور طبقي جو پهريون فرض آهي تہ، هو اسان کي اهڙن نفرت آميز نظرين کان نفرت سيکارين.

❊ ❊ ❊

# ڏياري ۽ راماڻ جو تاريخي پس منظر

روچي رام

ڏياري انهيءَ ڏينهن جو سينگار آهي جنهن ڏينهن راوڻ کي شڪست ڏيئي لنڪا کان رام چندر، ماتا سيتا، لڇمڻ، هنومان ۽ ٻين ساٿين سميت اوڌپري (ايوڌيا) موٽيو هو .سارو شهر گهرن کان ٻاهر نڪري ڏيئا ۽ لاٽون ٻاري اونداهي اُماس کي روشن ڪري انهن جي آجيان ڪئي هئي .سارو شهر، گهٽيون، گهيڙگهاٽ، گهر سينگاريا هئاٿون ۽ پڻ روشن ڪيو هئاٿون.

ڏياري سرءُ جي موسم جوڏيهاڙو آهي .سرءُ جي موسم کي شرد رُتُو بہ چئبو آهي .انگريزيءَ ۾ ان کي ( Autumn Season) سرءُ جي موسم سڏيندا آهن .اها موسم برسات جي پڄاڻيءَ بعد شروع ٿيندي آهي، جڏهين ٻنين ۾ خريف جا فصل پچندا آهن، لابارا پوندا آهن، دريائن ۾ پاڻي لهندا آهن .درياءَ جا ڪچا پاڻيءَ کان خالي ٿي پوکيءَ لاءِ تيار ٿيندا آهن .برفاني علائقن کان آيل مهمان پکي واپس گهرن ڏانهن روانا ٿيندا آهن .ان موسم کي يورپ ۽ آمريڪا ۾) Fall فال سڏيندا آهن . جڏهين وڻن مان پن سائو رنگ مٽائي پيلا ٿيندا آهن ۽ ڇڻندا آهن. اها موسم (سروءُ) يورپي زبان ۾ حُسن جو موضوع آهي ۽ اسان وٽ ترقيءَ جو.

آريہ لوڪن ويدڪ دور جي راماڻ جي زماني ۾ سرءُ جي موسم جو جڏهين سروءُ جي موسم ۾ فصل لهڻ شروع ٿيندا آهن تہ ڏياري جي موسم شروع ٿيندي هي ڪير ڏيندڙ

جانور ويامندا آهن ۽ ججهو کير موجود ملندو آهي تڏهن ٻن مهينن جو پروگرام بدي (سيپٽمبر) کان شروع ٿيندو (بدي) مهيني جي پورنما کان 16 ڏينهن (آسو) آڪٽوبرجي شروع ٿيڻ کان ڏرمي سمون شروع ٿينديون .پهريائين 16 شراڌ پوءِ 9 نوراتا ڏهون دسهڙو ۽ ان کان 20 ڏينهن پوءِ ڏياري، اسو مهيني جي اُماس ڏينهن ڏياري ٿيندي آهي .سري رام چندر ڀڳوان جي جنم کان اڳ ٻه دنيا هئي، ماڻهو هئا، سماج هئو ۽ راجا هئا .برسات جي موسم سيپٽمبر تائين هلندي هئي .ان وسڪاري ۾ زرعي زمين آباد ڪئي ويندي هئي جيڪا بدي مهيني تائين تيار ٿيندي هئي .ان وقت کير ڏيندي چوپائي مال جي وياءَ ڪري کير ٻه ججهو موجود هوندو هو .اهي سورنهن ڏينهن پنهنجي ٽن پيڙهين جي پرکن جي سمت پوڄا ۽ پروهتن کي خدمت ذريعي شراڌ ڪيا ويندا آهن. انهي 16 ٽٽن ۾ هر ڪنهن گذريل پرکن جي موت جي تٿ تي هرڪو هندو شراڌ جي رسم ڪري ٻنيءَ تي لابارو شروع ڪندو آهي .اهو لابارو اسو مهيني جي پهرين تاريخ کان 9 ڏينهن هلندو آهي لابارو ڪندي سمورا پجن ڀائيندا فصل ڪاٽيندا ويندا ۽ اهو معاشي پورائي لاءِ جهد هوندي آهي ان کي ايتري اهميت ڏني وجي ٿي .اسان وٽ ته اهي رسمون آهن .محنت ڪاوش کي خوشيءَ سان سيني سان گڏجي ٻچندي ڀائيندي گذارجي .سنڌ، گجرات، مهاراشٽر ۽ ساري هندوستان ۾ نوراتري جون نو ڏينهن ۽ راتيون انهيءَ معاش جي محنت کي خوشي خوشي مڪمل ٿو ڪجي، ڏهين ڏينهن درگا پوڄا جو ڏينهن ٿو هجي کي حلقا ان ڏينهن قرباني ٻه ڪندا آهن .دسهڙي کان پوءِ 20 ڏينهن لابارو ڪيل فصل صاف ڪبو، تيار ڪبو، اناج ضرورت مطابق وڪرو ڪبو، واڻئي سان حساب ڪبو ۽ اسو جي اماس واڻين واپارين پوڄا ۽ ڀڳتي گهٽو ڪري رام نالي تي ڪئي وجي ٿي .ملاقات ۽ ودا جو اکر ٻه رام رام ٿئي ٿو

آخري (ارتي) لاش ڪٽڻ وقت رام رام سنگ ئي اچاريو وجي ٿو.

پر رام جي ڪٿا، رام جي ليلا، راڳ رنگ ۽، رام ڪٿا جو وستار ۽ سرءُ جي موسم ۾ ٿئي .رام جي ايوڌيا واپسي جو موقعو مهينو ڪن اڳ ۾ نورتا کان شروع ٿئي جو جڻ لاباري وقت لاهيارا لابارو ڪندي موج ۾ اچي نچندا ڳائيندا لابارو ڪندا رهن ٿا.

فصل لهن ٿا، آسودگي اچي ٿي، محنت جو ڦل فصل لهي ٿو ۽ ان فصل جي حاصلات نيڪال، وڪري ۽ واپاري جي ليکي تي ڏياري اچي ٿي زراعت جي حساب ڪتاب جي پڄاڻيءَ تي دولت جي ديوي لڪشميءَ جي ساهوڪار پوڄا ڪري شڪرانا مڃين ٿا .زرعي سال جي خير پڄاڻي ڏياري ٿئي ٿي جا ڏيئا جلائي اجالو ڪيو وڃي ٿو.

هندي جيڪا اوڌيري ۾ اوڌ ڀاشا ۾ تلسيداس صدي ۾ خوبصورت شاعريءَ ۾ لکي آهي. هندستان جي چپي چپي تي رام جو نالو ۽ اچارڻ قائم آهي.

رامائڻ سبق سيکاري ٿي.

- واعدي تي قائم رهو، انجام ڀاڙيو توڙي ڪيترو پي دک سهڻو پوي.
- پنهنجي ڌرم ۽ فرض تي قائم رهجي.

رامائڻ جي ڪٿا عام طرح هندوستان ۾ هرسال ڏياري جي موقعي تي رام ليلا جي ڊرامن ۾ ورجائي وڃي ٿي .هن وقت رامائڻ جي ڪٿا ڀڳتي ڀاو ۾ لکيل تلسيداس جي هندي ٻوليءَ جي شاخ برج ڀاشا ۾ آهي پر اصلي رامائڻ چوتين پائي جي رشي والميڪي جي سنسڪرت زبان ۾ لکيل آهي .ان ۾ ست چيپٽر ڇهه ڪانڊ آهن، چيپٽر هن ريت آهن.

1. بال ڪانڊ ۾ ڪٿا رام چندر جي جنم، ٻالڪپڻ کان بلوغت تائين.

2. ايوڌيا ڪانڊ، جنهن ۾ ايوڌيا جو دور، راجا دسرٿ جي ڪورٽ، شاديون ۽ راجا جي سندس راڻي ڪيڪئي وچ ۾ سمواد ۽ رام جو 14 سالن جو بنواس ۽ ايوڌيا مان رام، لڪشمڻ ۽ سيتا جو (بن) جهنگ طرف روانو ٿيڻ.
3. ارنيہ ڪانڊ _ جهنگ ۽ ٻيلن ۾ پهچڻ، جهنگ ۾ رشين ۽ رشي پتين جو درشن ۽ گيان گوشٽ ۽ سيتا جو (اپهرڻ) اغوا ٿيڻ.
4. ڪشڪنڌا ڪانڊ _ باندرن جي حڪومت ۾ پهچڻ، سيتا ڳولا، هنومان جو شرڻ ۾ اچڻ ٻالي باندرن جي راجا جو موت.
5. سندر ڪانڊ _ هندوستان جي سندر ۽ خوبصورت علائقي مان گذر ۽ لنڪا ۾ پهچڻ.
6. لنڪا ڪانڊ _ راوڻ سان جنگ، فتح ۽ سيتا جو آزاد ٿيڻ .ايوڌيا موٽڻ ۽ ڏياريءَ جو ڏهاڙو استاپن ٿيڻ.
7. اُتر ڪانڊ _ آخري باب آهي جيڪو پوءِ جي ليڪڪن رامائڻ جي ڪتا ۾ بيان نہ ڪيو آهي .

رامائڻ هندوستان جي هندو ڪلچر ۾ ايترو تہ گهرو اثر ڪيو آهي جو ڌرمي

هندوستان جي مختلف صوبن ۾ جيڪي ان جي صوبن جي زبان ۾ رامائڻ لکيون ويون آهن سي هي آهن.

1. رامائڻ نالي ڪامبن تامل زبان ۾ تامل نادو صوبي ۾.
2. رامائڻ نالي ڪير واسي بنگالي زبان ۾ بنگال صوبي ۾.
3. رامائڻ نالي پاوارٿ مراني زبان ۾ مهاراشٽر صوبي ۾.

اصلي رامائڻ آهي والميڪي رشي جي لکيل، ان رامائڻ ۾ سنت تلسيداس جي لکيل رامائڻ جنهن جو عنوان آهي رام

چريت مانس، ان ۾ فرق هن ريت آهي .رامائڻ اکر جي معنيٰ آهي رام آيتم معنيٰ رام جي ڪٿا .رام چرت مانس اکر جي معنيٰ آهي رام چرت معنيٰ رام جا ڪارناما يا ڪئر ڪٿر، مانس جي معنيٰ ڍنڍ (Lake) ، معنيٰ ٿي رام جي ڪارنامن ۽ اخلاق جي ڍنڍ .رام جي ڪٿا جي ٻن پستڪن ۾ لکيل ڪٿا ۾ هن ريت فرق آهن.

| رامائڻ | رام چريت مانس |
|---|---|
| • هي لکيل آهي رشي والميڪي جي | • هي لکيل آهي گوسوامي تلسيداس جي |
| • هي لکيل آهي ويدڪ سنسڪرت زبان ۾ | • هي لکيل آهي اوڌي هندي زبان ۾ |
| • هي لکيل آهي هزارين سال اڳي | • هي لکيل آهي 15 عيسوي صدي ۾ |
| • هي لکيل آهي انو ستنب وزن ۾ شلوڪن ۾ | • هي لکيل اهي چار سٽن جي چوپائين ۽ ٻن سٽن واري ڏوهيڙن ۾ |
| • هي لکيل آهي آدي ڪاويہ اول مليل احوال مطابق | • هي اڳم چالو تاريخي مواد مطابق |
| • هي رام کي وڏي بنياد جو انسان ظاهر ڪري ٿو | • هي رام کي اوتار ڪري ظاهر ڪري ٿو. |
| • هنومان کي انهي قبيلي جو ظاهر ڪري ٿو جنهن جو نالو وانر آهي. | • هنومانکي باندر ڪري ڏيکاري ٿو. |
| • رام جي پيءُ دسرٿ کي 3زالون هيون | • رام جي پيءُ دسرٿ وٽ 350زالون هيون |
| • آخر سماپت ٿئي ٿي لنڪا | • آخر سماپت ٿئي ٿي اتر |

| ڪانڊ تي | ڪانڊ تي |
|---|---|
| • سيتا کي پٽ لَوَ ۽ ڪش هئا | • سيتا کي رام ايوڌيا مان آشرم ۾ منتقل ڪيو هو اتي هڪ ڄاڻو ٻيو والميڪي ڪڪن مان ڪش پيدا ڪيو. |
| • سيتا جي شادي (سويمبر) ۾ پرشورام آيو هو. | • ڪٿي به پرشورام جو ذڪر ناهي. |

هزارين سالن کان هندوسنسار رامائڻ جي ڪٿا دهرائيندو آيو آهي ۽ اهو ڌرم جو مکيه انگ آهي، سموريون اخلاقي خوبيون رام ۾ ڄاڻايل آهن .اسان کي اهو نه وسارڻ کپي ته رام ئي مثالي مذهبي اڳواڻ آهي ۽ راوڻ ظلم ۽ گناهه جو طاقتور مجسمو آهي، انهيءَ ڪري دسهڙو ئي حق ۽ سچ جي فتح جو تهوار آهي.

گوسوامي تلسيداس (1532_1623) بنارس پرياگ جو گنگا جمنا جي واديءَ جو هنديءَ جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي . هن رامائڻ جو ڌرمي پستڪ رام جي ڪٿا لکي آهي پر هن جي علمي ادبي منزل انهيءَ اوڌ علائقي جي عظيم عوام فهم شاعري آهي .انهيءَ اترپرديش علائقي جي عوام جي زبان تي هن جا دوها ۽ چوپايون اڪثر چاپيل آهن .هن جو فن ۽ فڪر هندوستان جي سيپتا تي ڇانيل آهي .هن جو مقصد هو ته رام جو نام هر فرد جي زبان تي ۽ من ۾ هجي .هن مقامي عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ رام جي سنسڪرت ۾ لکيل ڪٿا کي لکيو جا ان وقت ساري اتر هندستان جي محنت ڪندڙ عوام جي ٻولي هئي.

تلسيداس جي انهيءَ عزم جي سنسڪرت جا پنڊت

مخالف هئا .اهو هر مذهب جي پراڻي سوچ وارن ۾ خاص طور رهيو آهي تہ، ڌرمي ڪتابن بائيبل، قرآن مجيد ۽ رامائڻ جو روايتي ٻوليءَ مان ترجمو عام ٻوليءَ ۾ نہ ڪيو وڃي متان ماڻهو اصلي صحيفن کي غلط نہ سمجهن ۽ غلط استعمال نہ ڪن .جڏهن تلسيداس رامائڻ جي ڪتا اوڌ جي عوامي ٻوليءَ ۾ لکيو تہ ان وقت جي رامائڻ کي زوريءَ چوريءَ ڪٽي وڃي درياءَ ۾ اڇلائيندا هئا .آخر ڇيو وڃي ٿو تہ، هن شِو ڀڳوان کي استوتي ڪئي، هنومان جي پوڄا ڪئي، هنومان جي ثنا ۾ هنومان چاليسو (40) سنڪٽ موچن لکيو .ايئن هو روحاني چانوَ ۾ رامائڻ عوامي زبان ۾ لکي سگهيو .هن1574 ع ۾ رامائڻ لکي جڏهن مغل شهنشاه اڪبر (1556_1605) جي حڪومت هئي .انهيءَ حساب سان هو وليم شيڪسپئير جو هم عصر هو .تلسيداس جي رام چرت مانس جي ڪويتا صرف ڌرمي ۽ اعتقادي منظرنامي واري ناهي پر ادبي ۽ لٽرري معيار واري بہ آهي .جيئن تہ جڏهن سيتا سندس شاديءَ جي سويمر ور ڪان اڳ مندر لڳ باغ ۾ رام ۽ لڇمڻ ڏٺا تہ ان کي تلسيداس بيان ٿو ڪري.

ديکن باگ ڪونئر دوئو آئي ويہ ڪشور سب ڀانتي سهائي

شيام گور کهون بکاني گرانين تئن بن واڻي.

حسن جو ڪيئن ذڪر ڪيان، اڪيون ڏسن تيون سي ڳالهائي ۽ ڪجهہ چئي نہ تيون سگهن ۽ زبان جا ڳالهائي سگهي تي سا ڏسي نٿي سگهي .شاهہ عبداللطيف ڀٽائي محبوب جي حسن جي چنڊ جي چٽائي تي ڇيو آهي .

چنڊ چوائين سچ جي منو نہ پائين،

جو منهن ۾ ٻرئي مچ سوپدم پريان جي پير ۾

تلسيداس سيتا جي حسن کي چنڊ سان ڀيٽيو آهي.

پراچي دسي ششي سهاوا سيپه مک سرس ديکي سک پاوا
ٻهوري وچار ڪينهه من مانهين سيپه ودن همڪر ناهين،
اوپر طرف چندرمان نکتو آهي سري رام چندر هن کي سيتا
جي مک برابر ڏسي سک حاصل ڪيو پوءِ من ۾ ويچار ڪيو
تہ اهو چندرما سيتا جي مک برابر ناهي.
رامائڻ جي ٻي دوهي ۾ اچي ٿو، چنڊ تي ڪلنڪ لڳل آهي
سوڪيئن سيتا جي مک برابر ٿي سگهي ٿو .ايئن ٻيا رامائڻ
۾ شعر چنڊ ۽ سيتا جي حسن جي مقابلي ۾ چيل آهن ائين
ڪيترائي شلوڪ دنيوي ۽ ادبي موضوعن تي آهن .رامائڻ جو
اثر هندوستان جي زندگيءَ جي هرموڙ ۽ هر چلت تي آهي.

❊ ❊ ❊

# ارملا: راماڻ جو هڪ وساريل ڪردار

نيل ڪنٺ

آريا وچ ايشيا يا ڪن جي خيال مطابق آسٽريليا، هنگري، ناروي ۽ سويڊن کان نون زرخيز علائقن کي فتح ڪري، روزگار ۾ سولا ٿيڻ جي خيال کان 5000 سال ق.م هندستان ۾ آيا .سندن ڪجھ جٿا يورپ ۽ ڪجھ ايران ۾ آباد ٿيا.

آرين جي مذهبي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته، سندن پهريان جٿا ڪرم، گومل ۽ ڪابل درياءَ جي ڪنارن تي لٿا ۽ پوءِ آهستي آهستي سنڌو درياءُ پار ڪري ڪيئي صديون اڳ هاڻوڪي پاڪستان ۾ رهيا ۽ پوءِ جيئن وڌندا ويا تيئن سندن ضرورتون ڪين وڌيڪ سرسبز علائقن ڏانهن ڌڪينديون ويون. آريا چترال ۽ گلگت جون پهاڙيون اڪري گنگا ۽ جمنا جي سرسبز وادين ۾ اچي وارد ٿيا .دراوڙن کي ڏکڻ ڏانهن ڀڄائي آهستي آهستي سڄي ملڪ تي قابض ٿي يا ۽ هن ملڪ جو نالو آريا ورت رکيائون.

لفظ آريا جو مطلب آهي" زمين ۾ هر هلائڻ وارو "آريا عام طور تي زراعت پيشه هئا، پاڻ جانور به پاليندا هئا ۽ هٿيار ناهڻ ڄاڻيندا هئا .پڳوان کي هڪ ڪري ڄاڻيندا هئا. سج، چنڊ، پاڻي ۽ باھ کي سندس تيج خيال ڪري پوڄيندا هئا. ان زماني ۾ نه بت هئا ۽ نه بت پرستي، پاڻ کليل ميدانن ۾ پوڄا پاٺ جون رسمون ادا ڪندا هئا .ان زماني ۾ عورت جو قدر ڪيو ويندو هو ۽ مرد صرف هڪ شادي ڪري سگهندو

هو، صرف سردار کي هڪ کان متي شاديون ڪرڻ جو اختيار هو .عورتن کي تعليم ڏني ويندي هئي، ننديپڻ جي شادين جو ته تصور ئي ڪونه هو، سوئمبر جو رواج هو .وڌوا بي شادي ڪرڻ جي حقدار هئي .هن دؤر جون انسان کي ذليل ڪندڙ ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ روڪ ڪندڙ رسمون ته پوين هٿ نوڪين جون پيدا ڪيل آهن.

آرين جي مقدس ڪتابن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

- سُرتي _ سرتي جي معنيٰ آهي سٽيل يا ٻڌل _ان مان مراد آهي، اُهي ڪتاب جيڪي رشين ۽ منين تي الهام ذريعي لٿا، مثال طور، ويد، برهمڻ، گرنٿ، اپنشد وغيره.
- سمرتي _ سمرتي جو مطلب آهي ياد رکڻ _ انهيءَ مان مراد آهي اُهي ڪتاب جيڪي پنڊتن ۽ رشين پنهنجي حافظي ۽ يادگيريءَ تي قديم قصا ۽ ڪهاڻيون ڪتابي شڪل ۾ آندا.

مثال طور :رامائڻ، مها ڀارت ۽ پُراڻ وغيره . مني وياس جي لکيل مها ڀارت ۾ سنسڪرت ۾ ڇيل 10 لک رزميه شعر آهن .رامائڻ ۾ هڪ لک ڏهه هزار شعر آهن جيڪي رشي والميڪي سنسڪرت ۾ رچيا آهن.

رامائڻ ۾ بهادري، شجاعت، ماءَ جي همت ۽ ڌيرج، ماتا جو پريم، ڀائرن جو ڀائپ، ماتا پتا جي شيوا ۽ آگيا پالڻ، سچو شيوڪ ڌرم ٿيڻ، گهڻين شادين مان نقصان، گهر ۾ ڦوٽ مان نقصان، مترتا جو پريم، بديءَ کان پرهيز، قول ۽ قرار جو پڪو ٿيڻ، پرت وانگيان حق پسند ٿيڻ، جهڙا اخلاقي درس ملن

تا.

آرين جي هڪڙي سلطنت ڪوشل هئي جنهن جي راڄڌاني ايوڌيا هئي، اتي سورج ونسي خاندان جا راجا حڪومت ڪندا هئا .دسرٿ اتي جو ئي راجا هو.

دسرٿ ڪوشليا، سمترا، ڪيڪئي، رامچند، لڪيمڻ، شتروگهن، ڀرت، سيتا، سگريو، هنومان ۽ ر.وڻ هر ڪنهن جا پنهنجا چرتر آهن.

رامائڻ جي رچنا ڪارن والميڪي، تلسي داس يا راڌيشام هر ڪنهن هر ڪردار سان پنهنجي سندر ٻوليءَ ۾ خوب نباهيو آهي.

هن مضمون ۾ هڪ اهڙي ڪردار جي حق رسي ڪرڻي آهي جنهن جي ڏک ۽ خوشيءَ کي رشي والميڪي، سنت تلسي داس يا راڌيشام مان ڪنهن ٻہ ياد نہ ڪيو.

شريمتي سيتا پنهنجي پتيءَ سان 14 ورهيہ گهاٽن ٻيلن ۽ جهر جهنگ ۾ گذاريا، ڏاڍيون تڪليفون سنائين مگر ڪيس هڪڙو سک هو، سندس پائيندڙ پتي شري رامچندر ساڻس گڏ هو ۽ پتيءَ جي جيون جو رس تہ پتيءَ جي نباهہ سان آهي.

ستي سيتا رام سان، مان ماندوي ڀرت سان، سُهڻي سندر سرت ڪيرت شتروگهن سان خوش هيون ڪيڪيءَ جي ڪرتا ڌرتا جيڪڏهن ڪنهن کي زندگيءَ جون اُونداهيون ڏيئي ڇڏيون تہ اُها هئي لڪيمڻ جي زال شريمتي آرملا، جنهن جي جيون جون چوڏنهن بهارون، سڀيون ساريون سانوڻ جون چوڏنهن رُتون دسرٿ جي محلن ۾ چنڊ، ڪتيون ۽ تارا تڪيندي گذريون .هن سڄي قصي ۾ جدائيءَ ۽ وڇوڙي جو ايڏو اذيتناڪ درد جيڪڏهن ڪنهن سنو آهي تہ اُها آهي شريمتي اُرملا.

ڏياريءَ جون هي پياريون روشنيون ۽ خوشيون جتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاوَ جي راوڻ جي ناس جو جشن آهن، ڏياريءَ تي

هي ثمڪندڙ ڏيئن جون قطارون جتي اوتار رام جا چوڏنهن ورهيہ پورا ڪري ايوڌيا موٽڻ جي خوشيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون، ڏياري جيڪا رام جو وچن پاڙي وري گادي نشين ٿيڻ جي رسم جو ڏهاڙو آهي، اتي مون کي لڳندو آهي، انهن سيني ڪان گهٽا ڏيئا تہ اُرملا جي من مندر ۾ جرڪيا هوندا جنهن جو لڪڇمڻ وڏي تپسيا ڪان پوءِ وري اچي سندس من مندر جو ديوتا ٿيو هو.

اُرملا جي ارمانن ڀري ڏياري جيڪا سانڍهہ چوڏنهن سال مڙس ڪان سواءِ گهارڻ ڪانپوءِ آئي هئي، ڊگهي وڇوڙي ڪانپوءِ ميلاپ جي انهيءَ ڏياريءَ جو، انهن ٻن پيار ڪندڙ روحن جي وري گڏجڻ جي ڏياريءَ جو، محبت جي مندر جي وري آباد ٿيڻ جي انهي ڏياريءَ جو ڪجهہ ذڪر تہ رامائڻ جي رچناڪارن رشي والميڪي، سنت تلسي داس يا راڌيشام کي ڪرڻ کپندو هو، ڪجهہ تہ ڪُڇڻ کپندو هو.

❊ ❊ ❊

# ڏياري رڳو ڏيئا ٻارڻ جو نالو ناهي!

مرلي ڌر

ڏياريءَ جي ڏڻ تي اسان ڏيئا ٻاري گهر گهر جوت جلايون ٿا ۽ هن ڏينهن تي ڦٽاڪا وجائي، منايون ڪائي پنهنجي خوشين جو اظهار ڪيون ٿا .چو تہ هن ڏينهن تي شري رامچندر وڏي يڌ ڪان پوءِ ظلم جو خاتمو ڪري پنهنجي ديس ايوڌيا موٽيو هيو . پر ڇا اُن ڪانپوءِ اڄ تائين ڪوبہ ظلم ڪونہ ٿيو اهي؟ هاٽي ڪوبہ پاپ هن جڳ ۾ ڪونہ ٿو ٿئي .ڇا اڄ ڪوبہ ڏکيو ٻُکيو ڪونهي؟ نہ...... نہ اڄ بہ اُهو ظلم، اُهو انياءُ باقي آهي .اڄ بہ اڳي جيان ڪيترائي راوڻ پنهنجي ظلم جي بازار گرم ڪيو وينا آهن .اِهي راوڻ اهڙا ڪڌا ڪم پنهنجي ڌن ۽ سماجي حيثيت جي ٻل تي پيا سر انجام ڏين .اهڙي صورتحال ۾ رڳو رام جي اُپديش کي ورجائڻ ۽ گذريل زماني جي ڪاميابين تي ڪڳيون هٽڻ ئي ڪافي ناهي، چو تہ ڏياري رڳو ڏيئا ٻارڻ، ڦٽاڪا وڄائڻ، جُوا ڪيڏڻ ۽ شراب پي ڪڳيون هٽڻ جو نالو ناهي، ڏياري تہ نالو آهي سچ جي جئي جو، پاپ جي انت جو ۽ ظلم جي خاتمي جو پر اُهو ظلم اڄان تائين باقي آهي.

اڄ ڪيترن ئي رام پوڄارين کي اٽو، لٽو ۽ اجهو ميسر ناهي .ڪيتريون ئي پوتر استريون ڪوڙين ۽ اُڌوهي ڪاڌل ريتن رسمن جهڙوڪ ڏيتي ليتي (ڏاج) جهڙي ٻُڇڙي لعنت جو ٻَڪ ٿي جوان ٿيڻ ڪان اڳ ئي پوڙهيون ٿيو وڃن . اڄ جي جديد سائنسي دؤر ۾ بہ (جڏهن تعليم ايتري ضروري

آهي جيتري انڌي لاءِ لٺ) ڪيتريون استريون تعليم جهڙي زيور کان محروم پيون رکيون وڃن .اڄ ڪيترائي غريب، ڏتڙيل ۽ ابوجهه رام لوپي، لالچي، تلهن متارن راوڻ روپي بانيٽن ۽ نوڪِي پڳتن هٿان پيا لُتجن .اِهي راوڻ مسڪين ۽ ابوجهه ماڻهن کي، ڪڏهن سراڏن جي نالي ۾ ته ڪڏهن وري سُورڳ جي گئلريءَ ۾ جڳهه وٺي ڏيڻ جي دوري ۾ پيا لُٽين، پاڻ ته ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ سمهندا، سٺيا سٺيا طعام کائيندا، فرِجُن جا ٿڌا پاڻي پيئندا، شراب خوري ڪندا ۽ ماس ورتائيندا پر مسڪين مارن کي ڏٽيءَ جي ڏني تي راضي رهڻ جو پيا سبق سيکاريندا ۽ ائين ماڻهن کي سست، ڪاهل ۽ قسمت جو غلام بنائڻ جي پيا ڪوشس ڪندا.

ان صورتحال ۾ رگو شري رام جو پوئلڳ سڏائي ڪڳيون هٽڻ هڪ باضمير، زنده ۽ سجاڳ سماج کي نه ٿو جڳائي .ايتري نا انصافي، ظلم ڪيس هوندي به رام جا پوڄاري خاموش ڇو آهن؟ ڇا اڄ جي راوڻ کي ائين ئي ماروئڙن جو رت چوسڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏجي .رامچندر به سيتا ويني حاصل نه ڪئي هئي، سيتا به تڏهن حاصل ٿي هئي جڏهن رامچندر هيڏي وڏي جاکوڙ ڪئي، هيڏي وڏي يُڌ ڪئي رامچندر جي اِها مسلسل جاکوڙ اسان کي اِهو سبق سيکاري ٿي ته ويني ڪجهه نه ورندو.

متان ويهين مات ۾، منجهه جلدي چُل،
هتي ويهه نه هل، تاڪي پڄين پنڌ کي.
"سچل"

جڏهن رامچندر وٽ به اوچ نيچ، رنگ نسل، ذات پات جو فرق نه هيو "جيڪو پيلٽي جا جوتا ٻير کائي رامچندر ثابت ڪيو" ته پوءِ ڇو اسان جا ٻانيڻ اُن اُڏوهي ڪاڏل لعنت کي برقرار رکيو اچن.

وقت اها تي ويل دوئي دور ڪرڻ جي،

ڪڍ مذاهب من مان، ساڃهہ ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهہ سج نہ اُيري.

"سچل"

اڄ بہ اسان جي سماج ۾ غريب ڪي ڏڪاريو وڃي ٿو .غريبن جون ابلا ناريون اڄ بہ ڇو ڪونہ ٿيون اگهجن؟ اڄ ڌرم جي نالي ۾ ڪيترا ڪلور پيا ٿين، ڪيتريون انساني جانيون ڇوت ڇات جي ٻل پيون چڙهن.

ڇا اها اجان ظلم جي انتها ناهي، ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم ٿيندو آهي جو ڪو اوتار پرگهٽ ٿيندو جيئن اسان جي ڌرمي ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ پاپ جو انت آڻيندو .اسان کي پنهنجو نجات ڏيندڙ پاڻ ئي ٿيڻو آهي.

اچو تہ هڪ دفعو وري اڄ جي راوڻ خلاف ڌرم يڌ جي تياري ڪريون تہ جيئن ظلم، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جو خاتمو ٿئي ۽ ڏياريءَ جي ڏيئن ۾ نئين جوت جرڪي پوي.

❊ ❊ ❊

# مذهب ۽ ذات پات جي ونڊ ويڙهي

شيام ڪمار

هندوستاني سماجي ڍانچو پيڙهين کان وٺي طبقاتي ذات پات جي سرشتي تي ٻڌل هڪ اڻ وٽندڙ ۽ ڏکوئيندڙ سماج رهيو آهي .سماجي يا طبقاتي برابريءَ کان بلڪل وانجهيل ـ انڪري" ويدڪ "يا بعد ۾" هندو "ڌرمي يونٽ جو تصور ٻه حقيقي طور نظر جو فريب رهندو آيو آهي ـ ۽ بس!.

هندوستاني سماج يا قوم ڪڏهن ٻه" هڪ "وحدت ۾ ڪونه رهي آهي بلڪ گلدستي وانگر مختلف قومن، ثقافتن جو مجموعو رهيو آهي .بس اهائي ان جي حقيقت آهي، اهائي ان جي خوبي آهي، ۽ اهائي ان جي سجاڳپ آهي.

هڪ تحقيق موجب اتر ۽ يورپ جي ناردڪ نسل (Nordic Race)اڄوڪي بالٽڪ ساموندي جرمن ۽ انگريز ـ آمريڪي پيڙهين جو بنياد ڄاتي وڃي ٿي .ان نسل جا اهي الڳ الڳ ڏِڪَ آهن؛ پر، حقيقت ۾ اهو" نسل "ايڏو قديم آهي جيڏي تاريخ .ناردڪي سڀ کان اول ساڪائي (sacae) روپ ۾ ظاهر ٿيا هئا جن قديم هند ۾ سنسڪرت ٻوليءَ کي روشناس ڪرايو هو .اصل ۾ اِهي ئي سفيد رنگ وارا" راتاهو "هٽندڙ آريا هئا ۽ هند اندر" ذات پات (Caste-system) "جو سرشتو لاڳو ڪري مڪاني ماڻهن سان شادي وهانوَ تي پابندي وجهي پنهنجي نسلي برتري قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ هر ڏانوَ جي لحاظ کان رذل ڏيڪاربا هئا .سندن سوچ مطابق" ذات پات "يا "چئن ـ ورنن " جو نظام" رنگ ۽ رت "جي نجيٽي سان

سلهاڙيل هو .ان اندر معاشي يا اقتصادي رخ بلڪل ڪونہ سمايل هو بلڪ صاف صاف حياتياتي (Biological) سوچ ۽ فڪر جو عنصر موجود ڏسجي ٿو .ان سوچ اندر معاشي برتريءَ جو تصور ثانوي هو. ”نسلي“ (رت جو رشتو) فڪر جو نقطو اهم ۽ اُتم جڳهہ والاري ٿو.

هونءَ بہ تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ يورپ جا ٿي مختلف نسل (Races) قديم زمانن ۾ اوپر مان ايندڙ الپائين ۽ نما (Alpine)نسلي ٽولي جون شاخون آهن .جيڪي بعد ۾ اترائين ۽ ڏاکڻن علائقن ۾ ڦهلجڻ کان پوءِ الڳ الڳ صورتن ۾ بدلجي ويون جهڙوڪ،” نارڊڪ “۽” يونچ ۽ ساموندي“، وغيره . هنن جي رنگ روپ، ريتين رواجن وغيره تي انهن علائقن جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ حالتن، ماحول، آب هوا ۽ ڪنهن قدر معاشي حالتون اثر انداز ٿي منجهن اڻ وسهندڙ تبديلين آڻڻ جوسبب بڻيون هيون، تاريخ جي اپار ڦهليل پني تي اِهي نارڊڪ نسلون پراچين عهد ۾ سيميرين (cimmeriains) جي نانءُ سان ڪوهہ قاف اُڪري ايران اندر داخل ٿيون هيون .ساڳي ريت اڪيئپني (Achazeans) فرائجيني(Phrygians) ، ڊوريبني (Dorians)نالا اختيار ڪندي ايشيا مائنر ۽ يونان تي جيت حاصل ڪندي انهن علائقن اندر داخل ٿيون هيون .ان کان پوءِ پنهنجي مٽان امبريئني (umbrians) ۽ اوسڪان (Oscans) نانءُ ڌريندي اٽليءَ ۾ فتحياب بڻجي وارد ٿيون هيون ——— وغيره.

جيڪڏهن ان کوجنا تي وشواس رکجي تہ پوءِ تاريخ ۾ نسلي عنصر جي برتريءَ وارو تصور غير اهم ۽ ثانوي بڻجندو ڏيکارجي ٿو .جيڪڏهن اترائين ٽڌن علائقن جا ماڻهو ڏاکڻي خط استوائي گرم ۽ گهم ۽ آلود خطن اندر گهڻي وقت کان لاڳيتو نسل درنسل بسيرو ڪندا تہ سندن“ خصوصيتون ” يقيني طور بدلجي يوڙن اختيار ڪري وننديون .ان حقيقت

(pagas)، ڏرمن ۽ Organised مذهبن ۾ بہ اهڙي قسم جون گهڻ رخيون انسان ڪش سوچ ڏارائون اڃان تائين موجود آهن (جن ۾ ڌرتيءَ کي يا پنهنجي اشٽ ديوتا کي راضي رکڻ لاءِ انساني بلي چاڙهڻ (HUMAN SACRIFICE) جو رواج شروع ڪيو ويو هو ۽ ان بعد آهستي آهستي وڌيڪ" نرم "يگن ۾ اهڙي ڪُڌي سوچ ۾ تبديلي آڻيندي ان رسم کي" جانور " جي قربانيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو .سندن سوچ جي مرڪزي خيال موجب " ڌرتيءَ اندر رت جي جذب ٿيڻ تي نہ صرف" ماتا "پرسن ٿئي ٿي بلڪ ديوتائون بہ آنند محسوس ڪندا آهن ".ايڪوو ڊورملڪ جا رهواسي زمينن کيڙڻ کان اڳ انساني حيات جي قرباني ڏئي ان جي رت سان ڌرتيءَ کي رڱيندا آهن _۽ سندن اهڙي عقيدي موجب نہ صرف فصل جهجهو حاصل ٿيندو بلڪ ڏڪار کان بہ ڇوٽڪارو ملندو .ساڳيءَ ريت اتر آمريڪا جو پاوَني (PAWANEE) قبيلو، بينگال ديس جا رهواسي، قديم اٿينس واسي بہ عام ماڻهو (اڇوت، شودر ذات) خاص طور ڌوهارين، ننڍڙڪن ۽ لاوارثن جي قربانين ڪرڻ ۾ ويرم ڪونہ وجهندا هئا .بائيبل اندر ابراهيم / اسحاق/ گهيٽي جي ڳالهہ ان مذهبي رواج جي عام هجڻ جو هڪ غير تڪراري ثبوت آهي .ان کان اڳ سماج جي آدم _خور (CANNIBALISM) هجڻ جون ثابتيون تاريخ کان اڳ ۽ پوءِ وارن يگن جي پنن تي ڳاڙهاڻ جي ڪارنهن سان اُپ جي تارن وانگر صاف صاف پڪڙيل ڏيکارجن ٿيون.

جيئن حضرت سليمان کان اڳ ۾ جيروشلم، جيڪو تجارتي رستي ذريعي هڪ طرف فونيشيا کي ايراني نار سان ڳنڍڻ جو وسيلو بڻيل هو ۽ ٻئي پاسي پونوچ سامونڊي علائقي جي رهواسي قومن کي بابل، آشور ۽ ايران سان واپاري ناتن ۾ سلهاڙي نہ صرف هڪ آسودي وڻجاري طبقي کي جنم ڏيندو نظر آيو هو بلڪ انهن هنڌن تي ڦهليل ڪجهہ

يهودي آبادين جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ ۾ بہ حيرت انگيز واڌ جو ڪارڻ بڻجندي واضح طور امير ۽ غريب طبقن جي وچ ۾ بي حد“ وڌي ”وڌائڻ جو سبب بہ بڻيو هو .البت بابل جا يهودي رهواسي نهايت ذلتزيل حالت ۽ بد حاليءَ ۾ گذاريندا هئا .ان زماني ۾ راتاهو هڻندڙ ۽ فتح جي نشي ۾ چُور يوناني ۽ رومي ٽولا آبادين ۽ وستين ۾ رهندڙ بدحال، ڪمزور ۽ بيوس رهواسين مان هزارين نوجوانن کي ڌڻن وانگر ڌڪي غلام بڻائيندا رهيا هئا .حضرت عيسيٰ جي چوڪراٽي وهيءَ ۾ ” نذرت“، جي آس پاس جي رهواسين کي رومي ڪنڪ اتان هڪالي غلامن طور وڪڻندا رهيا هئا.

هند جي قديم ڪلاسيڪي ادب مان بہ چٽيءَ طور سَڌِ پوي ٿي تہ، سماج جيڪڏهن ذات پات (Caste System) واري صورت ۾ _ چٽيءَ طور _ورهايل ڪين هو پر، طبقن (Classes) ۾ ضرور ورهايل هو .پراچين دور (ويدڪ ۽ ان کان ڪجهہ اڳ) ۾ جيتوڻيڪ مندر، پوڄا گهر جو وجود ڪونہ هو پر، پروهت موجود هو !محدود شهري زندگي ۽ سماج جي ”اُپتائتي “طبقن ۾ ورهاست صاف نظر اچي ٿي.

هڪ بئي چٽ مطابق، مندرن ۾ ديوي _ ديوتائن مٿان ڳاڙهي رنگ جو مَڪُ قديم يگ جي رت رڱيل قربانيءَ جو ورجاءُ آهي، جيڪا انسانن (گهٽ ذات وارن) کان شروع ٿي جانورن تائين پهتي هئي!.

جنهن تاريخ جو اسين اڀياس ڪندا رهيا آهيون اُها بنيادي طور سماج جي مختلف قسمن ۾ ورهاست ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي رهي ٿي .ان جو قديم تاريخ سان _ڪجهہ اڻ ٽر سببن ڪري _گهرو تاريخي سُبنڌ ”اجا تائين قائم ڪون ٿي سگهيو آهي .انهن سماجي صورتن جي خاص خصوصيت سندين“ طبقن ”۽ بعد ۾“ ذاتين ”۾ ورهاست آهي.

ان ورهاست کان اڳ ۾ قرباني / بلي چاڙهڻ، منجهيل

سٽ جهڙيون رسمون رواج ـ ۽ بعد ۾ اوائلي مذهب جي ڊنڊلي شڪل بہ وجود ۾ اچي چڪي هئي.

اوائلي ڀارت ورش اندر تي جاگرافيائي صورتون موجود رهيون هيون جن مختلف وقتن ۾ جڳهن تي سندس تهذيبي، تمدني ارتقا ۾ ترقيءَ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا پئي ڪيو هو .1 :سنڌو ماٿر جي تهذيب .2 گنگا جمني دوآبي جي تهذيب .3ڏکڻ اُڀبيٽ نما ڌرتي جي ڏورانهين تهذيب.

سنڌو ماٿر ۾ پنجاب جي شهري جهوني تهذيب ڦهلجندي ڦولندي اوچتو زوال ( 1750ق.م) ڏانهن موٽ ڪائيندي ڏسجي ٿي .گنگا جمني دو آبي سيبتا جي ڪک ۾ انيڪ اهم ڌرمي وادوواد پيدا ٿيندا ۽ نيون ۽ مهان سلطنتون ٺجنديون، ميساربيون ڏسجن ٿيون .پر، انهن جي پيٽ ۾ ساموندي ڪناري واري ڏاکڻي اُڀيٽي ڌرتي تي تمام جهونيون ـوحشي ۽ مهذب ـسماجون حڪمراني ڪنديون ڏيکارجن ٿيون .اسان کي ڏسڻو آهي تہ، طبقاتي تقسيم کان اڳ واري سماجي سرشتي" ويدڪ" "برهمڻي "۽" هندومت "تي ڪهڙا اثر ڇڏيا هئا.

دراصل طبقاتي ورهاست کان اڳ وارو سماجي سرشتو قبيلن ۾ ورهايل هوندو هو ۽ جيتوڻيڪ هر قبيلو اوائلي ساميوادي (Primitive Communistic Elements) اُڻن جي ڀرپور موجودگيءَ جي باوجود هڪٻئي جو جڻ ازلي دشمن بہ ڀاسندو هو.

اهو سڀ مواد پختن انومانن،مهرن، کوٽائيءَ مان هٿ آيل مواد، تصويري ڪتبن، ۽ سنڌو ماٿريءَ جي هم عصري تهذيبن: بابل، آشور، سمير .... جي موادي جاچ تي پروسو ڪندي .۽ ويدڪ دور جي ادب جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ حاصل ٿيو آهي" .سنڌو "ڪلچر جا ڪجھ اهڃاڻ راجستان، ڪاٺياواڙ، لوٿل( احمدآباد) مان بہ پڌرا ٿيا آهن.

انهن حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اهو ڏسبو تہ اهڙي ڀڀڪٽي ۽ فخر لائق طبقاتي اڏاوت کي ڪيئن زنده ۽ بلند رکيو ويو هو؟ محنت ڪش ماڻهن کي جياپي جو سامان ڪهڙيءَ طرح مهيا ڪري ڏنو ويندو هو؟" ڇدي "ڏنوان طبقي جو بچاءُ ڪير، ۽ ڪيئن ڪيو ويندو هو:

فوج، پوليس ..... جي غير موجودگيءَ ۾؟ ڇا اڄ وانگر تونگر طبقي طرفان طاقت جو استعمال ٿيندو هو؟ ڇا ان وقت بہ مذهب کي محنت ڪش خلاف استعمال ڪري سندس توهم پرستي؟ کي آڏو آڻي" رب جي رضا "تي خاموش رهڻ جو سبق ڏنو ويندو هو؟

پر، جيڪي موادي ثابتيون مليون آهن انهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، بابل آشور ............جي ڀيٽ ۾ هتان جا ماڻهو امن ۽ شانتيءَ ۾ گذاريندا هئا .ذات پات جي سرشتي جو ڪو پرو نٿو ملي .طبقاتي نظام سخت گير ڪونہ هو .ويدڪ دور واري انسان ڪش ڪا نشاني ڪونہ ملي آهي.

ڏورانهن قديم زمانن کان وٺي اڄ تائين ڪنهن اهڙي سنهري ڪلچر، جي ڄاڻ نٿي ملي جنهن اندر" طبقاتي " ورهاست جو اهڃاڻ موجود نہ هجي .اسان مٿان سنڌو ماٿري جي شهري ڪلچر جي شاندار ۽ ساڳئي وقت سادي، طبقاتي اڏاوت؟ جي يڪ تڪ ڪوجنا لازم بڻجي ٿي ..پر، بدقسمتيءَ سان ان سلسلي ۾ ڪو مستند تاريخي مواد موجود ڪونهي . شايد مستقبل ۾ ڪا راهہ نڪري اچي!؟

سنڌو ماٿر جي پراچين يگ ۾ راتاهو هٽندڙ آريائي ٽولن سندن" بچاءُ بندن "کي بہ ڍاهي ناس ڪيو هو (سن 1500 ق.م؟) اهي ڏاڙيلي ٽولا ان وقت سنڌوءَ جي اولهائين ڪپ، افغانستان جي هڪ ڏکهي پٽي ۽ ايران جي اوڀر ۾ وسجي ويا هئا .ان ملڪ تي نالو بہ سندن نانءَ جي مناسبت سان ايران يا آريانا رکيو ويو هو .حقيقت ۾ سنڌو ماٿر جي پُر وقار ڪلچر

ڪي تباهہ برباد ڪرڻ وارا اِهي آريائي ٽولا هئا ۽ بدقسمتيءَ سان اسين انهن غاصبن جي نسل جو سلسلو ۽ سندن بخشيل ڌرم جا پيروڪار آهيون !ياد پئيم ٿو تہ، منهنجو دانشور / اديب دوست آغا سليم بہ اڪيلائيءَ ۾ افسوس جو اظهار ڪندي چوندو هو تہ، سندس وڏا راتاهو هٽندڙ احمد شاهہ ابدالي، شاهہ شجاع، مددخان پناڻ ............ وغيره جي بڻ بڻياد مان هئا ۽ پاڻ بدقسمتيءَ سان هنن لٽيرن جي اولاد هو!

رگ ويد ۾ بہ چٽيءَ طور ورنن ڪيو ويو آهي، سندن سڀ ڪان وڏي ۽ شڪتي شالي ديوتا" اندر "سنڌو ماتر جي تهذيب ۽ رهواسين کي لتاڙيندي ڇا ڪيو هو !ڪين" داس " (غلام) بلڪ اڻ آريہ (اڻ سٽريل) ظاهر ڪيو ويو آهي . جيتوڻيڪ" ذات پات "يا" چئن ورنن "جو ڪُٽو ۽ انسان ڪش سرشتو باقاعدگيءَ سان" ويدڪ "دور ۾ ئي مڙهيو ويو هو!

جيڪڏهن آريائي نسل جي بي روڪ تباهي کي ڪنهن پيانڪ ٻوڏ سان پيٽجي تہ غلط ڪونہ ليکيو ويندو پر، سيلاب جي لاٽ بعد زمين جي پيداواري حيثيت حيرت ناڪ طور وڌي وڃي ٿي .پر، ساڳيءَ ريت آرين هن ڌرتيءَ کي، گهٽو پوءِ، اڻ ڪٿيو مان مريادا ۽ مادي فائدو بہ پهچايو هو.

اوائلي ويڪ دور _ رگ ويدي عهد ۾) _ سن 1500 ق.م (۾" ذات پات (Caste System) "جي ڪڏي نظام يا" چئن ورنن "جو نانءُ نشان بہ ڪونہ هو ڇو جو، آريائي لوڪ ٽانئيڪي زندگيءَ (Settled life) کان ونءُ ويندا هئا بلڪ "شهري ڪلچر "۽" تهذيب "جا ويري ليکيا ويندا هئا .سندن حيات جو Mode خانہ بدوشانہ هو، سدائين لڏو ڪلهي تي هوندو هئن .چوپايو مال جهجهو هئن ۽ نت نوَن چراگاهن جي تلاش ۾ رولاڪيءَ واري جيون ۾ آنند ونڻ سندن زندگي جو فلسفو بڻيل هو .ان سمئہ ۾ زمين جي ورهاست يا مالڪيءَ جو تصور بہ ڪونہ پيدا ٿيو هو .ان جي خريد فروحت جي ڪڏي رسم جو

جنم کوهين ڏور هو .صرف، سڀ کان قيمتي شيءِ چوپايو مال ليکيو ويندو هو.

متي اڳ ۾ بہ بيان ڪري آيو آهيان، ۽ ياد ڪي تازو رکڻ لاءِ ٻيهر ورجايان ٿو تہ، رگ ويدي آريائي ٽولا "رولاڪيءَ "تي هريل هئا انڪري تهذيب جا سخت ويري ها . سنڌو ماٿر جي سهٽيءَ ۽ نامر .ڪنئي سيپتا ۽ شهرن (مهين جو دڙو، هڙاپا) کي سن ( 1750ق.م يا 1500) ق.م؟ ۾ هڪ ڪٿ موجب، ناس ڪرڻ مهل ڪو جهُنو ڪين آين بلڪ پنهنجي پوتر ڪتاب) رگ ويد ( جو بہ سنمان ڪون ڪيائون: ۽ نہ وري موٽ ۾ اهڙي ڪنهن نالي واري تهذيب جو بڻياد وڌائون . ٻڌايو اڻ _آريہ ڪير هئا؟ ۽ ذات پات جي غير انساني رسم جو بڻياد ڪنهن وڌو هو؟

هڪ ٻي ڪٿ موجب نئين تهذيبي جامي اوڍڻ ۾ کين پنج سو ورهين کان وڌيڪ وقت لڳو !اهو معجزو بہ تڏهن ظاهر ٿيو جڏهن ڌرتيءَ جي اصلوڪن رهاڪن جون رسمون، فڪري نقطا پنهنجي پوتر گرنٿن ۽ زندگيءَ جو حصو بڻائيندي ساڻن هر قسم جا سبند اختيار ڪيا هئائون .هڪ ٻي تحقيق موجب سن 1000 ق.م ۾ آرين جيتيل علائقن جي ماڻهن کي" داس "(غلام ۽ دشمن) چوڻ شروع ڪيو هو ۽ کين جانورن جي ڌڻن جيان رکندا هئا __ ۽ اوائلي ذات پات، جي سرشتي جي شروعات بہ ساڳئي دور ۾ ٿي هئي" .داس " (شودر، اڇوت) کي نہ ويدن جي واٽي ٻڌڻ، نہ هٿيار رکڻ، نہ مڏي رکڻ جي اجازت هئي .رگ ويد جي سلوڪ ۾ کين جانورن وانگر" پسون "ڪوٺيو ويو آهي .هڪ دليل تي ٻڌل انومان موجب کين (داسن کي ) آريائي ٽولن سنڌو ماٿر جي تهذيب کي ناس ڪرڻ بعد جانورن وانگر هڪلي پنهنجن ڌڻن ۾ شامل ڪيو هو .ان جڳهہ ۽ وقت کان ئي" ورن (Colour) " لفظ" ذات "جي حوالي سان استعمال ۾ ايندو رهيو هو .داسن

(اصلوڪن رهواسين) جي رنگت سانوري، ڪارڙي هئي ۽ آرين اڇيرڙو، صاف هو.

مليل ۽ دريافت ٿيل ثابتين مان سُڌِ پوي ٿي تہ، دراصل ان زماني ۾ ” ذات پات “جي پيڙهہ وڌي وئي هئي جنهن اندر ”برهمڻ “جو درجو راجا ڪتري کان بہ مٿيرو هو _ چوجو ڌرمي فڪر ۽ رسم اندر ڪيس هڪ هٽي حاصل ٿيل هئي .شروعاتي برهمڻ يا پروهت کي اٿروان (Atharvani)چيو ويندو هو . ايراني آريا بہ پنهنجي پروهت کي اٿراوان (Athravan) سڏيندا هئا .انهن ٻنهي ملڪن جي تمدني ڍانچي اندر ڪافي هڪجهڙايون موجود آهن .خاص طور ڌرمي ۽ پنگتي لحاظ کان.

يجرويدي دور (800 ق.م 000 _ ق.م) ۾ ويدڪ ڌرم (هندو ڌرم جو نانءُ گهٽو پوءِ ڌريو ويو هو) اندر آريائي تاجي پيٽي ۾ چئن ذاتين :برهمڻ، ڪتري، وئش، شودر جو بٹياد پختو ٿي ويوهو .ان دور ۾ اگن ديو (باهہ) تي ٻلي چاڙهڻ جي ” يگين ”جهڙوڪ“ اشوميديگيہ ............... ”جو رواج عام ٻڻجي ويو هو .انهن يگين جو مقصد ديوتائي قوتن کي راضي ڪري ڪائن جنگين ۾ جيت حاصل ڪرڻ ۽ هينين ذاتين مٿان هڪ هٽي برقرار رکڻ جون آراڌنائون / پرارٿنائون شامل هونديون هيون .ساڳئي هم عصري دور ۾ ايران ۽ ڪنهن حد تائين يوناني آريائي نسلن ۾ بہ ذات پات جو سرشتو قائم هو .انهن اندر هندوستان ۾ قائم سرشتي جهڙي سخت گيري ۽ بي رحمي ڪونہ هئي .ان دور کي” برهمڻي سرشتي “جي ڪتري طاقت سان غير مقدس ميلاپ جي ابتدا ڪوٺي سگهجي ٿو جنهن ذريعي آريائي وئش ۽ غير آريائي شودر تي ظلم جي ابتدا ڪئي وئي هئي .هتڙي پندرهين، سورهين، سترهين، ...........ارڙهين صديءَ جو يورپ ياد پويم ٿو جتي ڪئٿولڪ چرچ ۽ يورپي بادشاهن جي غير مقدس ميلاپ باقي

عوام، طبقن .............. تي لونءِ ڪاندارينڌڙ ڏاڍ ۽ ستم جو اهڙو غير انساني سلسلو جاري رکيو هو جنهن جو مثال تاريخ جي پنن تي گهٽ نظر ايندو آهي .ساڳيو سلسلو روم جي ڊڪٽيٽر سيزر جي زماني ۾ (پهرين صدي ق.م) فرانس اندر "ڊروڊس "مذهبي ڪلاس (Druids) ۽ نائٽس (Knights) جنگجو امير طبقي جو اهڙو اپويتر سنگم قائم ٿيل هو جنهن اندر عام طبقي جي حيثيت غلامن ۽ جانورن کان بهتر ڪونہ هئي .

قديم ويدڪ دور ۾ ذات _ پات جي متپيدي سرشتي جو اهجاڻ ان نقطي مان بہ چٽي طور ملي ٿو جنهن موجب "برهمڻ لاءِ ڳائو گوشت واپرائڻ جائز قرار ڏنو ويوهو ۽ غير آريائي ياڳئي لاءِ ان جو واپرائڻ" مهان پاپ "هو .(يجنا والڪيا _ اُپنيشدي ڏاهو /رشي) .

تاريخ جي پرانهين يگ ۾ نظريئہ ضرورت آريائي ۽ غير آريائي قبيلن / ستن ڪي پاڻ ۾ اتحاد ۽ هڪبئي جي فڪر (۽ ديوتائن جهڙوڪ شِو _ پاروتي _ڪالي /درگا، ڪرشن، وئشنو ..............اِهي غير آريائي ديوتا هئا ) .کي يڪجا ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو .ان ڪارڻ برهمڻي ____ ڪتري غير مقدس ميلاپي روپ ۾ ڪنهن حد تائين هاڪاري تبديلي آڻي هينين ذاتين مٿان ظلم جو بار Tacticaly هلڪو ڪيو ويو هو . "پراڻ "بہ اهڙو اشارو ڪندا ڏسجن ٿا تہ " بدقسمتي سان ! ڪيئن شودر نما راجائون بہ تخت نشين ٿيا هئا ۽ برهمڻ بہ پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻيندي هنن کان ڏڪڻا ونڻ سويڪار ڪندا رهيا .هينئر چئن ورنن واري سرشتي ۾ بهتريءَ طرف لاڙو ۽ نظري وسعت پيدا ٿيندي رهي هئي ۽ قبائلي کي پابندين جو محتاج بہ ڪين رهيو هو.

هتي اهو بہ واضح ڪندو هلان تہ، اوائلي ويدڪ ڌرم جي نرم ڌارا کان پوءِ آپيشاهي تي بڌل برهمڻ _ واد (Brahaminism)مُنهن ڪڍيو هو .ان جي سخت گير ۽ غير

انساني رويي جي خلاف ڪئين مادي پرست (Materialist) فرقہ ۽ فرد پيدا ٿيا هئا. جهڙوڪ "چارواڪ رشي"، سنجئہ بلاسيپتا، اجيت ڪيسا ڪمبالا، انيڪ لبرل ٻوڌي، جيني فرقہ .............. ان طوفان آڏو برهمڻي سوچ ڪچي پت وانگر ثابت ٿي هئي ۽ نيٺ مجبوريءَ واري حالت ۾ پنهنجي غير انساني ڌرمي /فڪري ڌارا اندر ڪجھ مثبت تبديليون آنديون جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي هندو ڌرم ڪنهن حد تائين، سڌارڪ روپ ۾ جنم ورتو هو. ۽ اهو بہ تڏهن جڏهن ان فڪري طوفان منجهس ڪجھ ڪُبَ، پيدا ڪرڻ بعد مانو ٿي ڏنڊ ۾ ويڙهجي وڃائجي ويو هو. اِها ويڙهاند واري پروسيس انيڪ صدين تي ڦهليل آهي.

آريائي لوڪن جي جٿن ۾ تنظيمي صلاحيت بي پناھ هئي جنهن ذريعي، ٻين ڪارڻن ڪان علاوه، سنڌو ماتر جي جهوني ۽ مستحڪم تهذيبي ڍانچي کي ڪيرائي پٽ ڪيو هئائون، ۽ هاڻ ذا پات جي غير انساني سرشتي هيٺ ۽ اوچي برهمڻ ذات جي ڌرمي سهائتا سان وئش ۽ شودرن سان پراچين يوناني ۽ رومي حڪومتن وانگر غلامن ڪان بہ بدتر وهنوار رکندي اوير طرف ڦهليل بي انت جهنگلن سان ڀريل علائقن کي صاف ڪرڻ جو عمل جاري رکيائون تہ جيئن ڪين زرعي واڌو پيداوار لاءِ نيون زمينون ملي سگهن. هينئر هو خانہ بدوشانہ جيون ترڪ ڪري ٿانئيڪي (settled) زندگي گذارڻ ڏانهن راغب ٿي چڪا هئا.

ستين صدي ق.م تائين هو پنجاب (سنڌو ماتر) ڪان مگڌديس (موجود بهار) تائين پهچي" قابض "ٿي ويا هئا. اها صورت حال اسان جي ملڪ سان ڪيڏي نہ مشابهت رکي ٿي ! جهوني يگ جي هاڪاري سياح ميگستنيز بہ هند بابت پنهنجي ڏِگهين يادن ۾ چئن _ورنن (ذات پات) جي نظام کي نندينديان کي" اکين ۾ ڪندي جيان چڀندو "ڏيکاريو آهي. سندس

وارتا مطابق“ شودر طبقو يا ذات يا ورن آدمشماريءَ جو سڀ کان وڏو جاندار حصو آهي .پيداوار جي وڏي ۽ فاضل (surplus) حصي ۾ سندس يوگدان ٻين ذاتين جي ڀيٽ ۾ گهٽو مٿاهون آهي .ان جي باوجود سندن (شودرن جي) شهري حدن ۾ داخلا تي منع ٿيل آهي، هٿيار رکڻ يا ڌرمي ڪتائن ٻڌڻ تي بہ پابندي وڌل آهي .پيداواري ذريعن جي ملڪيت کان وانجهيل آهن . ذلت ۽ بدبختي سندن مقدر بڻيل آهي، سماجي نابرابريءَ جو بنياد ذات پات جي ڪريائتي سرشتي تي ڪڄيل اَهي”..............

موريہ گهراڻي (320 ق.م) کان اڳ مهاراجا مها پدم نندا ”ذات پات “نظام کي لاڳو ڪرڻ جو واضح اشارو ڪندي آکي تو“ :اِهي هڪ جاءِ تي ويهي گڏجي ڀوڄن ورتائي نٿا سگهن . اِهي پاڻ ۾ هينائين ۽ مٿانئين سطح تي وواهت ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي نٿا سگهن ”.ان حقيقت مان پڌري پٽ ظاهر ٿئي ٿو تہ، طبقاتي سماج جو ارتقا تي چڪو هو _ ۽ ان جي بلند چوٽيءَ تي الڳ الڳ ذات پات جو بنياد پيو هو جنهن کي حاڪم طبقي جي پشت پناهي حاصل هئي .ان مان اهو بہ پڌرو آهي تہ ڪين نہ اخلاقيات لاءِ سنمان هو ۽ نہ سياسي سماجي انصاف لاءِ عزت، صرف نظريئہ ضرورت سندن) حاڪمن ۽ اوچن طبقن (آڌو اهميت جوڳو ڄاتو ويندو هو .هڪ ٻئي تصديق ٿيل ويچار موجب اهو” ٿهري نظام ”باقاعدگيءَ سان موريہ گهراڻي (سن 320ق.م) اندر هر جاءِ مروج هو.

هند ۾ قديم قبائلي نظام اندر (ويدڪ دور کان اڳ) جاگيرداري سلسلي جو رواج ۽ اهڃاڻ بلڪل ڪونہ هو .زمين کي“ ملڪي ڌرتي ”ڄاڻيندي سموري قبيلي جي گڏيل ملڪيت ڄاتو ويندو هو، ان ڪارڻ ذات پات يا طبقيواريت جي سوچ ۽ وجود جو پرو نٿو پوي بلڪ ان کي اوائلي اشتماليت چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.

البت ان بعد ويدڪ _ برهمڻ _ ۽ بعد ۾ پوسٽ ويدڪ

برهمڻ چاڻڪيائي چترائي سان تشدد يا غير تشددي طريقا اختيار ڪندي مٿي ڄاڻايل اوائلي اشتيمالي سرشتي ۾ قوت جون ڏارون وجهي ذات پات جي ڪرپائتي ۽ مڪروهه سستم جي بنياد وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو جنهن ڪان اڄ تائين اسان جو سماج پيڙت آهي.

چاڻڪيه جي ارٿ شاستر واري دور ۾(سن 320 ق.م) هند اندر، محدود طور غلامن جي وڪري جو به رواج ۽ وبا ڦهليل هئي .پر آريائي نسل کي ان "وڪري "واري ذلت کان آجو رکيو ويو هو .مطلب ته صرف ڌرتيءَ جا اصلوڪا رهواسي ان غير انساني فعل جا شڪار هئا.

ان دور ۾ ان کان پوءِ ڪجهه صدين اندر قديم هندوستاني ادب به منفرد ۽ مهان شاهڪار دنيا کي ڏنا هئا پهريون چاڻڪيه ڪوٽليه جو ارٿ شاستر، جيڪو سياسي چالبازين ۽ راڄ نيتيءَ جي فن جو شاهڪار ليکيو وڃي ٿو، ۽ ٻيو رشي وتسيانا جو ڪام شاستر، جيڪو جنسي قلابازيءَ جو نفيس ۽ سائنسي فن پارو شمار جي ٿو

قديم يگ جي هڪ ٻي ۽ ٽين تخليق ياد پويم ٿي، موضوع جي مناسب سان انهن جو ذڪر به لازمي پاسي ٿو . منومهراج (جنهن کي ڪٽر ڌرمي هندو آدي انسان ليکيندا آهن )" .منو سمرتي "جو خالق آهي .هيءَ" ذات پات "جي فڪر تي ٻڌل متيپيدي تصنيف آهي جيڪا پاڻ کي اوچي ذات جي مفاد سان لاڳاپيل رکي ٿي !ان جي پيٺ ۾ وشنو شرما جي جڳ _مشهور تخليق" پنچتنتر "جانورن جي ڪرداري آکاڻين ۾ رڱيل زندگيءَ ڏانهن بهتر رخ پيش ڪندي پسجي ٿي.

هند جي قديم دور ۾ چئن ذاتين وارو بيٺل بدبودار ۽ بي ترس نظام سماج اندر طبقاتي ورهاست جي ڀيانڪ تصوير پيش ڪري ٿو .ان سرشتي کي ٽئين نمبر تي " اپجيل يجرويد "وڌي تقويت بخشي هئي، ان کان سواءِ سنسڪرت

زبان، برهمڻ جي چالبازي ۽ کتري راجائن جي گڏيل قوت وسيلي کيس ڏرمي" پوترتا "جو بلند مقام بخشيندي وئش ۽ شودر جاتين کي هر طريقي سان پستين ڏانهن ڌڪڻ ۾ ڪا ڪسر ڪين ڇڏيائون .هتي اڄوڪو پاڪستان سامهون اچي بيٺو اتم جتي اردو زبان جو ساڳيو سنسڪرت وارو اوج ۽ راج آهي؛ ۽ قديم برهمڻ، ڪترين جهڙو حاڪم ۽ ڪٽر مذهبي طبقو بي رحميءَ سان ننڍن صوبن جي اصولوڪن رهواسين جي ڪچلر ۽ زبان کي شودرن ۽ اڇوتن جهڙو سمجهندي روز اول کان لتاڙيندو رهي ٿو .اڄوڪو" ڪلاس ڪلچر "ذات پات جهڙي تفريق جو ڪيڏو نه واضح ۽ ڀيانڪ روپ آهي.

مٿي ڄاڻايل منوسمرتي (گپتا دور) موجب: " راجا جو فرض آهي ته، ٻن ذاتين (وئش ۽ شودر) کي مجبور ڪري ته جيئن هو پنهنجا سونپيل ڪم باقي ٻن ذاتين (برهمڻ ۽ کتري) جي خوشي ۽ خوشنودي لاءِ خوش اسلوبيءَ سان تڪميل تي پڄائيندا رهن .ٻيءَ صورت ۾ وڏي مانڌاڻ مچڻ جو امڪان آهي".

بلڪ منوسمرتي مان اِها سُڌ به پوي ٿي ته، قديم هند ۾ هيٺين ذاتين جي غريب ماڻهن کي غلام به بڻايو ويندو هو ـــ۽ هنن جا قسم به ڄاڻايا ويا آهن .جهڙوڪ، زمين سان واڳيل غلام، ڏڪار جي حالتن ۾ بڻايل غلام، مقروض غلام، ................ وغيره.

ان بعد گهڻو پوءِ (عيسوي سن ۾) مسلم سلطنت جي دور ۾ خاص طور خلجي ۽ تغلق گهراڻن علاءُ الدين خلجي ۽ فيروز شاه تغلق هزارن جي تعداد ۾ غلامن جا ائين مالڪ هوندا هئا جڻ اِهي وکر هئا انسان ڪو نه هئا؛ بلڪ ڪين جانورن جي ڌڻن جو درجو به ڏنو ويندو هو .پهرين بادشاهه جي قبضي ۾ پنجاهه هزار غلام ۽ ٻئي بادشاهه جي ملڪيت ۾ هڪ لک اسي هزار غلام هوندا هئا .فيروز شاهه جي اوچتي موت کان پوءِ هنن

سيني کي بي مصرف ۽ بيڪار ڄاڻيندي سندن سسيون لاٿيون ويون هيون ۽ اُهي بہ بادشاهي دربار جي آڏو ! ڳچل وقت تيمورلنگي، انساني منارن جو ڍِڪُ ڏينديون رهيون هيون ! .نيٺ سن1843 ع ۾ انگريز سامراجي راڄ دوران هڪ حڪم نامي ذريعي غلاميءَ جي قبيح اداري کي بنجو ڏنو ويو هو.

قديم هند اندر ذات پات جي نظام هيٺ اوچي طبقي (ذات وارن) کان گهٽ نرخ تي وياج وصول ڪيو ويندو هو ۽ هنن جي پيٺ ۾ هينين طبقن يا ذاتين جي ڏور ۾ بدّل انسانن کان وڌيڪ نرخ وصوليو ويندو هو!

ان حقيقت مان پليءَ پت ڄاڻ ملي ٿي تہ، ڌرم جي لحاظ کان بہ ذات پات جي استحصالي طريقي کي مڃتا مليل هئي.

ان طريقي سبب مٿي ڄاڻايل هينيون محنت ڪش ذاتيون سدائين يورپ اندر (يونان، روم روس ......) زمين سان واڳيل ڪڙمين ۽ ڪلاسيڪي غلامن جو ڍِڪُ ڏينديون هيون.

تواريخ کان اڳ يا تاريخي عهدن ۾ هند جي سگهاري جسم تي پيڙت ڪندڙ انڻ ڳڻت ناسورن کي ياد ڪندي سيسراٽ اپرندا اٿم .انگلئنڊ ۽ هندوستان ۾ رهندڙ برطانوي حاڪم طبقو مشهور اديب ڪپلنگ (kipling) کي وڏ ۾ وڏ پڙهندو هو ڇو جو هُو کين عظيم شهنشاهيت جي بي مثل ڪامرانين جي ڪهاڻين کان آگاهہ ڪندو هو جن ۾" بنا ڪنهن قانوني جواز جي ڌرتي ڌڻين جي گهٽِ ذاتين مٿان اعليٰ ذات (انگريز بهادر) جي حڪمرانيءَ جي ساراهہ جا قصيدا سمايل هوندا هئا".

انهن سيني ڪوڙين ۽ ڏوڏيندڙ حقيقتن جي باوجود قديم هندوستان اندر اهڙي قسم جي" غلاماڻا اقتصاديات " ڪڏهن بہ مروج ڪونہ رهي هئي جهڙي پراچين يونان ۽ روم

اندر هڪ مضبوط اداري جهڙي صورت ۾ پسجي ٿي.

آريائي برهمڻ، شودر يا اڇوت کي عجيب ڪريائتي نانءُ سان بہ سڏيندو هو :چنڊال !۽ ڪيس پاپ (Sin) جي علامت ڄاڻيندي وستين ۽ واهڻن ۾ وسندڙ ماڻهن اندر ايڏو ڏهڪاءُ پيدا ڪيو ويو هو جو هُو سندن" پاڇي "کان بہ ونءُ ويندا هئا.

هونءُ بہ پراچين سمئہ جو هندوستاني ڳوٺ يا واهڻ "زماني "تبديليءَ کان مدي خارج پيداواري طريقي سبب، وانجهيل هوندو هو ڇو جو" وقت "۽" يادگيري "جي ڪا ياداشت يا رڪارڊ ان اندر موجود ڪو نہ هوندو هو .انهن بينل حالتن اندر ذات پات جي پوائتي عمارت براهمڻ جي ڏنڊڪتا /جادو / ٽوٽي ڦيٽي، پاروتي، ڪٽر پنٿي سوچ جي مهاچار ۾ ويڙهجي سيڙهجي ڏڏندي ڏڏندي وڏيڪ ڊيڄاريندڙ محسوس ٿيندي هئي .مشهور چيني سياح فا_هين (Fa_hsien) بہ ان دکدائڪ حقيقت جي تصديق ڪئي هئي.

هيڏي اجگر جيڏي سمئہ گذرڻ کان پوءِ بہ ماضي قريب ۽ اڄوڪي دور ۾ بہ ذات پات جي ان وبا جا آثار، علامتون ۽ اُبت پيدا ڪندڙ حقيقتون سموري دنيا اندر ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهجن ٿيون .پر، ماڻهو هر قوت کان وڏيڪ عظيم ۽ آڏول آهي .ان جهوني مرض خلاف سينو تاڻي مقابلي کان ڪڏهن موٽ نہ کاڌي اٿس .ساڳيو اڄي چمڙيءَ وارو دئيتي انسان هڪ ٻئي روپ ۽ نانءُ سان بينڪيتي ۽ سامراجي دور جي شروعات کان اڄ تائين ڪڏهن پيڙت عوام کي (Coloured people)ڪوٺيندي، ڪڏهن (Aparthied) جو نئون اصطلاح استعمال ڪندي پنهنجي هم جنس ۽ هم نسل؟ مٿان ساڳيو ظالماڻو رويو ۽ عمل جاري رکندو اچي پيو .پر، اهو ساڳيو اڻ _آريہ، شودر، چنڊال سانوري ۽ ڪاري رنگت وارو ڪيس هر ميدان ۾ هارَ ۽ ذلت پلئہ وجهندو، ڳاٽ اوچو ڪري اڳتي وڌندو ڏيکار جي ٿو.

ڪالهوڪي ڏکڻ آفريڪا ۾ ان انڌي طوفان آڏو گانڌيءَ جي اڏولتا ۽ ”علميت ”هڪ منفرد ۽ بي مثل تحريڪ جي روپ ۾ بي نظير آهي .ساڳي ملڪ جي ڌرتيءَ تي نيلسن منڊيلا جي سياسي بصيرت، انسان دوستي ۽ انڌوڪار، ان جبل جيڏي جدوجهد کيس جڻ ديوتائي روپ بخشيو هو .ٻي طرف گهانا جو عوام دوست ۽ فلسفي رهنما ڪوامي انڪروما ۽ گني جو دانشور صدر، ليڊر ۽ سندس گهرو دوست شيخ طور ٻه جڻ روشنيءَ جو مينار هو.

جهوني رهوڊيشيا (هاڻوڪو زمبابوي) عوام لاءِ مقناطيسي ڪشش رکندڙ انسان موگابي، ڪانگو جو ڏيهه پرڏيهه ۾ هاڪارو رهنما پيٽرڪ لومبا، ڪينيا جو پهاڙ جيڏو اڏول عوامي رهنما جوميو ڪينياتا _آمريڪا ۾ مارٽن لوٿر ڪنگ، بالڊون .....

هندوستان اندر پراچين اڇوتن جوهڪ نڪور انقلابي ۽ عوامي روپ ۾ ” دليت ”جي نانءُ سان پنر جنم _ ۽ هنن جو يوپي، بهار .... اندر طوفاني (عوامي) آندولن ذريعي سنگهاسن تي قبضو، شناخت ۽ پنهنجي منفرد“ ادب ”جي مڄتا ڪرائڻ ڏونگر ڏار حيثيت ڪان گهٽ ڪونهي .ان خوش آئند صورت حال جي ڪردارن ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر، ماياوتي، ڪاشي رام، لالوپرساد يادوَ، رابڙي ديوي، ملائم سنگهه يادوَ ..... جا نانءُ وڏي اهميت جا حامل ۽ اڇي چمڙي ۽ براهمڻ _ ڪتري غير مقدس سنگم لاءِ سخت چيتاوني آهن .

هڪ نئين جهد جي رنگ ۾ رڱيل هنن سيني انسانن ۾ جهوني يگ واري اسپارٽائي اسپرٽ ۽ لوڪ _ ياتيڪائي چارواڪ _ رشين واري دانائي ۽ دليري لکندي ڏسي سگهجي ٿي.

پر، انهن ڪجهه مثبت اهڃاڻن جي باوجود ٿورڙو وڏيڪ وسعت نظري سان ڏسبو ته هٽلري (Racist) سوچ /

نظريو، بلوچ جو ڄاموٽ کي ڄاڻڙو سمجهڻ وارو Perception ، سيد جو غير اهلبيت بابت براهمڻي رويو .................. اهي سڀ Negetivesذات پات جون شاخون آهن.

انهن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ سوچ ۽ عمل وسيلي انيڪ طريقا Discover ٿي سگهن ٿا .منهنجي سوچ مطابق جيڪڏهن ـ ٻين طريقن کان علاوه _ موجوده تعليمي ۽ نصابي سرشتي ۽ طريقهِ ڪار مان مدرسائي ، آشرمي ۽ ڪليسائي .... عنصر کي بلڪل الڳ ڪري نئين سر" سيڪيولر "بنياد تي سندس اڏاوت ڪندي، سائنس ۽ روشن فڪر فلسفي جي سنگم جي سهائتا سان صدين پراڻي ان انسان ڪش، تنگ نظر فڪري ۽ شعوري شڪنجي مان آجڪائي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي .ان ذريعي، هوريان هوريان، ايامن کان موجود انساني روح کي ٻوساٽيندڙ قبائلي ۽ جاگيرداري پوٽ ٻنگلي کي ڏاهڻ جو وسيلو بہ پيدا ٿي سگهندو .دراصل ذات پات جو اهو نظام ان پوٽ ٻنگلي سان ئي سلهاڙيل آهي.

ڪائونٽ گوبينيو مطابق" صرف اُوچو اعليٰ نسل " تاريخ کي نئون موڙ ڏئي سگهڻ جي اهل رهيو آهي .رهنمائيءَ لاءِ ذهانت درڪار نہ ٿي ٿئي، صرف" رت "جو نجپڻو ان جو فيصلو ڪري ٿو ".

متي ڄاڻايل چوٽيءَ کان سواءِ رت نسل پدري ۽ پدر سري سماج جي نجپڻي ۽ ذات پات جي پست، ڪريائتي سوچ جا هڪ بہ ايذائيندڙ مثال ياد مان اُيري آيا آهن.

عباسي خلافت جي دور ۾ هارون رشيد کي گهريلو ڇڪتاڻ ۽ خونريزيءَ دوران سندس ڏاهي، تجربيڪار ۽ همدرد وزير يحيٰ برمڪي، جيڪو خليفي منصور ۽ محمد مهدي جي دور کان وني عباسي گهراڻي جي حڪومت جو نهايت اهم ۽ با اثر وزير رهيو هو، ڪيس تخت جي حصول ۾ بہ گهڻي مدد ڪئي هئي ۽ پاڻ فارسي نسل جي امير گهراڻي جو نهايت

عالم انسان بہ هو .هارون پاڻ بہ ڪيس هڪ بزرگ جهڙو مان ڏيندو هو ۽ سندس قابل ۽ ذهين پٽ جعفر سان گهري دوستي هئس جيڪو پيءُ وانگر حڪومتي عهدي تي اهم عملدار بہ هو .انهن دوستيءَ ۽ ويجهڙائپ جي گهرن ناتن اڳتي هلي متي بيان ڪيل ڪارٽن سبحان المناڪ موڙ ورتو.

سن798 ع ۾ هارون رشيد کي سُڌِ پئي تہ جعفر جا سندس ڀيڻ" عباسہ "سان پريم جا پيچ قائم ٿيل هئا ۽ شادي ڪرڻ لاءِ وٽس اچڻ چاهيائين ٿي .ان ڳالهہ ڪيس ميجرائي ڇڏيو ۽ هڪدم جعفر کي مارائي ٻن ٽڪرن ۾ تقسيم ڪرائي سندس مڙهہ کي چوسولي چبوتري تي رکايائين !سندس پيءُ سميت سموري برمڪي خاندان جي مال ملڪيت ضبط ڪرائي کين قيد ۾ وجهي بي حد اذيتون ڏيندو رهيو .ان جي برعڪس هارون پاڻ" جنسي قلابازين "جي بلنديءَ تي پهتل هو: پنهنجي" حرم "اندر ڀانت ڀانت جي نسل، رنگ روپ، مت ........... جون سوين نازنينون جمع ڪيون هيون!!

ان واقعي کان پوءِ ڀيڻ جي ابهم پٽ جو انت بہ جعفر جهڙو ڪيائين ۽ بعد ۾ پنهنجي پياري ڀيڻ جو بہ ساڳيءَ ريت انت آندائين، عرب پاڻ کان سواءِ هر" نسلي مسلمان "کي ڪمتر سمجهندا هئا!!!

هتي مغل بادشاهہ اورنگزيب ياد پوي ٿو جنهن پنهنجي ڀهڳڻي، هاڪاري شاعره ڌيءُ زيب النساءِ مخفي کي پنجاب جي مسلمان گورنر سان پريم ۽ شاديءَ جي اظهار جي "خطا "سبب لال قلعي دهليءَ جي ڇت تان اڇلارائي بيدرديءَ سان مارائي ڇڏيو هو.

متي بيان ڪيل تاريخي عڪسَ ذات، نسل جي برتريءَ جا ڏڪوئيندڙ مثال آهن .ان سوچ جي پيٺ ۾ اعليٰ ذهن، اوچوتمدن ۽ انساني فڪر پست ۽ ثانوي حيثيت ماڻيندا رهيا آهن.

ان حڪومتي عهد کي نسل، رت جي برتري ۽ خاص عرب برتريءَ ۾ اٽل ۽ پختي وشواس سبب " اونداهو ڪونجي ته وڏاءُ ڪو نه ٿيندو.مذهب ۽ ان جي تعليمات اهڙي ناڪاري سوچ جي پيٽ ۾ عملي طور، ثانوي درجي تي پسجن ٿا.

انساني سماج ۾ پدر_سري (Patriarchal) دور جي ابتدا مهل (چراگاهي /زرعي سرشتي جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ) ارهه زورائيءَ ۽ مرداڻي بي جا هشمت ۽ زيادتيءَ جي شروعات سان گڏ جنسي تفريق (Gender Supremacy) به شروع ٿي هئي جنهن اندر سماجي اخلاقيات ۽ مذهبي تعليمات جي لحاظ کان "عورت _ ذات "کي برابري جي حق ڏيڻ بجاءِ سندس درجو ثانوي، ڏڻ _ جهڙو ۽ بي وقعتي جون حدون ڇهندو ڏسجي ٿو. غير جذباتي طور ۽ ڳوڙهائيءَ سان ڏرمي گرنٿن کي واچبو ته اها حقيقت چٽيءَ طور آڏو اچي بيهندي .غير تاريخي ۽ تاريخي يگن ۾" عورت "مرد مٿان بي انت پوڳٽائون سنيون آهن.

ان کان اڳ ٿورڙي وقت لاءِ _ غير تاريخي دور ۾ _ مادر _ سري سماج (Matriachal) جو وجود رهيو هو جنهن موجب عورت کي ڪٽنب جو مهندار شماريو ويندو هو .اهو دور Primitive قبائلي زماني تائين قائم هو جنهن اندر "پيداواري ذريعا "زراعتي / چراگاهي وسيلن کان بلڪل مختلف هئا .اولاد ماءُ جي نانءَ سان سڃاتي ويندي هئي ابتدائي رگ _ ويدي ڄاڻ موجب ان گرنٿ جي رچنا ۽ گيان جا به وڏا رشي اگستيه ۽ وشيشسٺ ماءُ جي نالي سان سڃاتا ويا هئا .هڪ لحاظ کان اهو دور جنسي (Gender) برابريءَ جو زمانو به هو .ان کان پوءِ اونڌهه ۽ ڪاريءَ وارا ڪڪ وڄي رهيا هئا.

جيڪڏهن ماڻهپي کان وانجهيل پنهنجي بي مهانڊي

جمهوري سرشتي کي ڳوڙهائيءَ سان ڏسبو تہ ان اندر نسلي منافرت (ذات پات جي نظام جو روڳي چهرو) (طبقاتي تکبر، هيڪلائپ ۽ هر ميدان ۾ ڪرپائتيون نفرتون، وقت جي رفتار سان، آڪاس بيل جيان اُسرنديون، اُتاهيون ٿينديون نظر اچن ٿيون.

اسان کي بنا رک رکاءَ ۽ جرئت سان ان حقيقت کي مڃڻ گهرجي تہ اسين هڪ بي حد نئين ۽ منجهيل دنيا آڏو آمهون سامهون بينا آهيون جيڪا ذات پات، برادري، نسل ۽ طبقاتي ورهاست جي گهرائيءَ ۾ ڳتل پنهنجي پنهنجي خود غرضاڻن مفادن سان ستي پئي آهي جيڪا درجي، پدوي، طاقت ۽ صرف پنهنجي سلامتيءَ لاءِ پتوڙيندي رهي ٿي ـــ ۽ ساڳئي وقت ٻئي طرف هڪ نرالو طبقو هڪ مخصوص" ذات ۽ نسل "جي ڪيمخوابي پوشاڪ اوڍيل بي اونو، بي چنتو مثالي آسائش ۽ عشرت ۾ گذاريندو پسجي ٿو.اِنَ دوزخ _ نما Hadesمان اُڪري پار پوڻ لاءِ انهن صدين پراڻين رڪاوٽن (ذات پات، نسل، طبقاتي ورڇ) جي پاڙ پٽڻ لازمي امر بڻجي ٿو .ان مقصد جي حصول لاءِ متي ڄاڻايل ڪجھ اُپاءَ ڪارگر ٿي سگهن ٿا.

هتي پراچين يگ جو يونان ياد پويم ٿو .متاهين طبقي سان واڳيل يوناني لوڪ" اڇي "چمڙيءَ وارا هئا ۽ هيٺاين طبقن سان سلهاڙيل شهري" ڪاري "رنگت وارا ! بلڪ ان ڳالھ تي اچرج لڳندو اٿم تہ" اولمپس "تي وسيل سيئي ديوتائون اڇي رنگت وارا ورنن ڪيا ويا آهن .شايد ئي ڪنهن فنڪار ايفروڊائيٽ (وينس) کي سانوري رنگت ۾ چٽيو هجي .ڪليسا ۾ موجود چترڪاري ۾ فرشتن کي سدا کان اڇي رنگت ۾ ڏيکاريو ويو آهي ۽ ان جي برعڪس هيٺين طبقن جي رهواسين کي گهري سانوري رنگت ۾ پيش ڪيو وجي ٿو.

عيسيٰ جي مصلوبيت واري شبيهه کي اڇي رنگ ۾ چٽيو ويندو آهي ۽ ساڻس گڏ صليب تي ٽنگيل ٻن چورن کي ڪاري رنگ ۾ ڏيکاريو ويندوُ آهي.

جيڪڏهن“ ريناسان (Renaissance) ”جي عظيم اُپج کي ڳوڙهائيءَ سان ويچاربو تہ ان جي فلورينسي شفت جي تنگ دائري مان روم اندر آمد جي اڇرجدائڪ وسعت کي پسي عقل جو دنگ ٿيڻ لازمي امر آهي .پر، ان سموري ملهائتي اُپج جي بنياد ۾“ اوپر ”منجهان تڳائجي آيل“ سون ”جون چپون صرف“اڪيون ”رڪندڙن کي نظر اينديون .اوپر جيڪو“ ڪارو ”هو ۽ رناساني اٽلي ناردڪ رنگ ۾ رڱيل“ پوري / گوري ”هئي . ليوناردوونسي، مائيڪل ائنجيلو، ٽيٽيان، رافائيل ...... ..جي ڪنهن بہ هاڪاري فن پاري تي هٿ رکو _ اهو سدا“ گورو ” نظر ايندو . دائود، موسيٰ، مريم (ميڊونا ) ، عيسيٰ يا يوناني ديوتائون سيئي برف جهڙا“ اڇا ”پسندئو .فن جي دنيا ۾ بہ ڪيڏو نہ فرق، مت ڀيد، ذات پات جو ڪرپائتو پاڇو ۽ نسلي برتريءَ جو نفيس ۽ اڻ _لکو“ وجود ”ٿاندوَ ڊانس ڪندو پسجي ٿو.

ماڻهپي جي وقار کي لوئيندڙ، بي مانو ڪندڙ اهڙي سوچ ڪيڏي نہ پيڙت ڪندڙ، ڏنگيندڙ آهي.

هن ڪان اڳ، مٿي هند جي ڌرتيءَ تي چئن ذاتين، ورنن (برهمڻ، ڪتري، وئش ۽ شودر ) ______ ۽ اُڇاتري طور بدبخت“چنڊال ”جو ذڪر ڪيو اٿم جنهن کي آءُ“ پنجين ”ذات سمجهان ٿو .ان صنف يا انساني اڪائيءَ جو شمار“ شودر ”کان بہ گهٽي هيٺئن سطح تي ڄاتو ويندوهو .هندوستاني اخلاقي نظام هيٺ منومهراج جي“ منو سمرتي ”اندر ان بدبُودار سرشتي کي ڌرمي فڪر جي مڪمل ميجتا مليل هئي .پر، اها پنجين ذات شودر کان بہ وڌيڪ غير انساني ۽ جانور کان بہ وڌ بُري سلوڪ جي پنوَر ۾ ولوڙبي رهي هئي جيتوڻيڪ سياءَ ۽

هلت ۾ انهن ٻنهي کان وڌيڪ مانيٽي، حليم ۽ مجتا واري هئي.

اوچي ذات پنهنجي بنيادي اذيت پسند سياءُ تحت ڪيس (چنڊال) ڪمزور يا غير هاجيڪار ٻڻائڻ بدران" روڳي، اگهو " ڏسڻ وڌيڪ پسند ڪندي هئي ڇو جو چنڊال طبقو سندس پيٽ ۾ اڪثريت ۾ هو .ذات پات جي سرشتي ۾ موجود اِهي غير انساني عنصر ڪنهن ٻه صحتمند، ذهن جي أتم احساس کي ڏڪوئڻ، مجروح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن .

ان کان سواءِ" اَوَدنا شاستر _ ا "جي هڪ قهري فرمان موجب" سبزين جي گدلائپ "واري باب اندر چنڊالن کي صرف "بصر ۽ ٿوم "واپرائڻ جي اجازت هئي؛ ڇو جو ڏرمي گرنٿ ڪين اناج يا ڪنهن قسم جي ميوي يا صاف پاڻي _ بلڪ باهه جي سهولت کان سختيءَ سان منع ڪئي هئي!

ان گرنٿ مطابق" چنڊال ندي، جهرڻي، چشمي ....جو پاڻي ٻه واپرائي نہ ٿي سگهيو؛ صرف ڏُٻڻ يا جانورن جي لنگهه تي موجود ڏُٻن اندر بينل پاڻيءَ کي أڃ اجهائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جو اهل هو" "ڪين اشنان ڪرڻ ۽ ڪپڙا ڌوئي پهرڻ کان ٻه منع ٿيل هئي _ ڇو جو بينلَ پاڻيءَ لاءِ ٻه ڪين صرف "خيرات "طور أڃ اجهائڻ جي اجازت مليل هئي "!ان کان سواءِ شودر عورتن مٿانِ ٻه پابندي وڌل هئي تہ،" ويم مهل چنڊال عورتن جي سهائتا نہ ونن ۽ نہ وري ڪين اهڙي حالت ۾ سندن ڪا مدد ڪن " ... اهڙي ڪڏي، غير صحتمند ماحول ۽ سرشتي جي نتيجي ۾ چنڊال طبقو سدائين موتمار وبائن، آتشڪ، سوزاڪ ... جهڙن موذي مرضن ۾ مبتلا ٿي ڳهي ڳهي پڄاڻي تي پهچندو رهيو هو .ان کان سواءِ سندن ڪنڌ مٿان "مردن لاءِ طوهر ۽ زائفن لاءِ ٿني (clitoris) ڪٽائڻ جي ڪاتي ٻه ڦرندي رهندي هئي".

منو مهراج سندن بابت هڪ ٻيو فرمان جاري ڪندي

چوي ٿو“ :چنڊال جو ٻڻ ٻٽياد زناخوري، پاپ Incest جهڙي ڪڌي ڪرم جي پيدوار آهي؛ ان ڪري ڪين صرف مڙهن تان لاٿل، ڦاٽل ۽ پراڻا ڪپڙا پهرڻ ڪپن، ڀڳل ٺٺل ٿانوَ استعمال ڪرڻ جڳائين، زيور پهرڻ ڪان پاڻ ڪي پري رکن _ مندر جي ويجهو ٻہ نہ وڃن _ پوڄاپاٺ لاءِ“ بدروحن ”جي بندگي ڪندا رهن .هڪ جاءِ تي ٽانئيڪا ٽي نہ ويهن بلڪ بنا ساهي پٽڻ جي ٻن ٻن رلندا رهن .ڪين ساڄي هٿ سان ڪاٻي ڪان ساڄي لکڻ جي بہ اجازت ڪونهي ”!!سُاڄي هٿ ”سان ڪاٻي ڪان ساڄي پاسي صرف گٽوان ذات (برهمڻ، ڪتري) لکي سگهڻ جي اهل آهي“!

❊ ❊ ❊

# شري ڪرشن جو تاريخي پهلو

علامہ آءِ آءِ قاضي

ترجمو :انيتا ڪمليشور

شري ڪرشن جي پيٽ حضرت عيسي سان ڪئي ويندي آهي، جيئن اسان پراڻين ڪتائن يا اُپديشن ۾ڪنهن بہ وڏي شاعر کي عظيم ظاهر ڪرڻ لاءِ شيڪسپيئر سان پيٽائيندا آهيون، پر ان طرح جي پيٽ اسان کي ڪنهن نتيجي تي نہ تي پهچائي سگهي.

اصل ۾ ڪردار جي خاصيت ئي فرق جي نشاني آهي، نہ ڪي عام شين جي هڪجهڙائي .ساڳئيءَ طرح گوتم ٻڌ کي 'انسانيت جو گل' چيو وڃي تو پر ان مشابهت جي ٻي ڪا بہ معني نہ آهي سواءِ ان جي تہ فلاڻو ماڻهو ڪنهن معاشري جو گل آهي جڏهن تہ هڪ گل جوڪنهن وڻ ۾ظاهر ٿيڻ ان وڻ جي تاريخ ۾ هڪ خاص مُدي لاءِ هوندو آهي ۽ ان گل جي هڪ مخصوص اهميت فقط ان وڻ لاءِ ئي هوندي آهي.

جيڪڏهن تاريخ جي پنن تي نظر وجهبي تہ اهو ڪرشن ئي آهي جيڪوانسانيت جي وڻ جو پهريون خوبصورت گل نظر اچي تو .

ان کي واضح ڪرڻ لاءِ، اسان ان وڻ جي اوائلي مرحلن تي نظر وجهنداسين.

جيئن ئي انسان تورو سمجهدار ٿيوءِ شين کي چٽيءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سندس وجداني رد عمل رڪجي ويو ۽ شعوري عمل بہ گهڻو تيز نہ هو .

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، زندگي بہ پيچيده ٿيندي ويئي، خاص ڪري جڏهن وحشي زندگيءَ کان پوءِ رهڻي ڪهڻيءَ جو نظام رائج ٿيو ۽ انساني زندگيءَ ۾ شين کي ملڪيت ڪري رکڻ جي شروعات ٿي، تہ اسان ان مرحلي تي پهتاسين جنهن کي 'دريائي تهذيب 'يا' آريا سماج 'چئجي ٿو .چو تہ ' آري ' لفظ ' آر 'مان نڪتو آهي جنهن جي معني آهي' هر هلائڻ .'ان مرحلي تي اهو تمام ضروري ٿي پيو تہ انسان وٽ هڪبئي سان وهنوار لاءِ ڪي قائدا قانون هئڻ گهرجن تہ جيئن اهي نہ فقط هڪبئي جي حقن جي حفاظت ڪن پر اگتي لاءِ سڌريل سماج جي جوڙجڪ بہ ڪري سگهن .دنيا جي تاريخ جو اپياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ، ان مرحلي تي هر قوم ۾ ڪو نہ ڪو قانون ناهڻ وارو ظاهر ٿيو .زوروسٽر، منو، همورابي ۽ موسيٰ ان جا ڪجهہ مثال آهن .

جڏهن اخلاقيات جي تاريءَ تي ڪو گل ڦٽندو آهي تہ جماليات پيدا ٿيندي آهي، ۽ اهو گل پنهنجن اصل پنکڙين کان بلڪل مختلف هوندو آهي، ايستائين جو انهن پنکڙين جي تبديليءَ جي عمل کان بہ وڌيڪ خوبصورت هوندو آهي.

جيئن جيئن اسان تاريخ جي معلومات جي گهرائيءَ ۾ وجون ٿا تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ، ڪرشن ئي اهو پهريون گل آهي جنهن انسان جي ارتقا ۾ جماليات جي دور جو آغاز ڪيو .

هندستان جا شاعر ڪرشن جي ڏنل پيار، جوش ۽ ولولي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هجن ها، چوتہ شاعر ، سائنسدانن کان پهرين آيا ۽ اهڙي طرح ئي پيغمبرن جي جماليات شاعرن کي وجود ۾ آندو.

طبيعات ۽ جماليات (حسن) جيڪي ڪرشن ۾ بالڪپڻي کان ئي موجود هئا، تن هُن کي هڪ اعليٰ درجي جو مثال بڻايو . شين جي خوبصورتيءَ هميشہ هُن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو .هُو پنهنجي بانسري نندي هوندي کان وني وڄائيندو هو، جيئن

اسان موزارٽ کي ٻن صدين کان وڃائيندي ٻڌون پيا .هُو نرت جي شروعات ڪندڙ هو، هُو هر بي اختيار حرڪت سان خوش ٿيندو هو، هُو عام انسانن وانگر باطني خواهشن جي قيد کان آزاد هو.هُن جي لاءِ ظاهر ۽ باطن ۾ ڪو فرق نہ هو .هڪ بي پرده ماڻهو هُن لاءِ هڪ بي پرده ڳُل وانگر هو .

بدقسمت آهن اُهي ماڻهو جيڪي انهيءَ جمالياتي ذوق کي محسوس نہ ٿا ڪري سگهن ۽ نہ ئي ڪا وضاحت انهن جي مدد ڪري سگهي ٿي .اهو ايئن ئي آهي جيئن ڪنهن رنگ انڌي (Colour Blind) ماڻهوءَ کي ڪو رنگ سمجهائجي .پر ان جي باوجود دنيا هاڻي گهڻي ترقي ڪري چڪي آهي، يورپ جا گهڻا ماڻهو انهيءَ حقيقت کان واقف ٿي چڪا آهن ۽ انهيءَ سچ کي قبول ڪري چڪا آهن تہ، جمالياتي تجربي جو ٻاهر جي دنيا سان ڪو واسطو آهي .جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻين جي ڪَٽ پنهنجي محسوسات مطابق ڪري ٿو تہ، انهيءَ لاءِ هُن کي الزام نہ ٿو ڏئي سگهجي ڇو تہ، هُن وٽ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ جو ٻيو ڪو زاويو ئي نہ آهي.

يڳوت پُراڻ ۾ اهڙن ماڻهن کي هڪ سنو مثال ملي ويندو تہ اسان سمجهائڻ چا ٿا چاهيون.

اهو ڇيو وڃي ٿو تہ سُڪديو وياس جو پٽ هو، هُو پنهنجي پيءُ کان پري ٿي ويو تہ وياس هُن جو پيڇو ڪيو .رستي ۾ سُڪديو ڪجهہ بي لباس عورتون وهنجندي ڏٺيون جن سُڪديو جي موجودگيءَ باوجود بہ ڪپڙا پائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي .وياس جڏهن انهيءَ مهل اُتي پهتو تہ اهي جلديءَ ۾ ڪپڙا پائڻ لڳيون .وياس حيرت ۾ پئجي ويو ۽ هُنن کان ان عجيب حرڪت جو سبب پڇڻ لڳو .عورتن جواب ڏنو تہ ' سُڪديو مرد ۽ عورت کي بنا فرق جي هڪ ئي جاندار جي حيثيت سان ڏسي ٿو جڏهن تہ وياس جي اڳيان اهي ٻئي مختلف آهن.

اهو ئي رستو آهي ٻنهي قسم جي انسانن جي توڙ تائين

پهچڻ جو .هڪ قسم جو انسان اجا تائين پنهنجي ڪام (نفس) جي ڄارِ قاتل آهي تہ ٻيو وري پنهنجي پيدائش ڪان وٺي پنهنجي نفس جو مالڪ هوندو آهي .
اهو ايئن ئي آهي جيئن اسان عام طور تي چوندا آهيون تہ شاعر ۽ فنڪار ٺهندا نہ آهن بلڪ پيدا ٿيندا آهن .
ڪرشن جي رنگت جي باري ۾ بہ ڪيتريون ئي قياس آرايون آهن .تاريخ ٻڌائي ٿي تہ، دنيا ۾ جيڪي بہ تمام گهڻي محبت ۽ جوش جو جذبو رکندڙ ٿي گذريا آهن انهن جو رنگ پنهنجي همعصر ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ وڌيڪ سانورو هو .مثال طور موزارٽ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هُو سانوري رنگ جو هو . سليمان بہ پنهنجن گيتن ۾ ايئن ئي ڳايو وڃي ٿو .نہ فقط اهو بلڪ شاعرن تہ سانوري رنگ کي خوبصورتيءَ جي علامت سڏيو آهي .جيئن حافظ پنهنجي محبوب لاءِ چوي ٿو تہ، دنيا جي مناس سندس محبوب جي سانوري رنگ تي ئي مدار رکي ٿي .
اصل موضوع تي اچون ٿا: جيئن جيئن ڪرشنا وڏو ٿيندو ويو تيئن تيئن هُن کي ظلم ۽ حق کي سڃاڻڻ جي شڪتي ملندي ويئي، ۽ هُن ظالم کي پنهنجي انجام تائين پهچايو .
اهو ڪڏهن بہ نہ ٿو وساري سگهجي تہ ان وقت جا راڪشس انساني خول ۾ ويڙهيل هوندا هئا ۽ انهن وٽ انساني قدرن جي ڪوٽ هئي، تنهنڪري انسان ۽ راڪشس جو فرق مٽائڻ جو حل فقط اهو ئي هو تہ انهن راڪشسن کي جسماني طرح ماريو وڃي .
دنيا جي طبعي گولي تي ان وقت جي راڪشسن سان جنگ ڪرڻ ۽ انهن جي ظلم کي ختم ڪرڻ ايئن ئي هو، جيئن اڄ جي دور ۾ غير انساني سوچن کي ختم ڪرڻ آهي.
تنهنڪري اهو نہ.ام ضروري هو تہ ڪرشنا کي ئي اهو تاريخي ۽ عظيم ڪم سونپيو وڃي تہ جيئن هُو اهو ڪم

پيو، بلڪ ان وقت جي مطابق ماڻهوءَ جو سڀ کان پهريون فرض انساني آباديءَ کي وڌائڻ هو ۽ ڪرشن کي به جيڪو طبيعت ۾ ئي خوش مزاج هو، ان وقت جي رواج مطابق گهڻيون شاديون ڪري ۽ ٻارن کي بهترين نموني وڏو ڪري هڪ مثال قائم ڪرڻو هو .

هتي اسان اها روش ڪنهن عام رواج وانگر نه پر هڪ مثال وانگر جاٽائيندا سين ته جيئن اهو سمورو نظريو سامي تهذيب جي پيٽ ۾ ثابت ڪري سگهون. ان دور ۾ منو کي موسيٰ ڪري پيش ڪيو ويو .جيتوڻيڪ هُو هُن جي دور کان گهڻو اڳ هڪ الڳ ئي ڪردار آهي، جڏهن ته سليمان ڪرشن واري ساڳئي دور جي نمائندگي ڪري ٿو پر هُن کان هزارين سال پوءِ.

آهي، جن سليمان جا حڪمت نامہ پڙهيا آهن، هُن جو محبت پريو 'گيت'، هُن جي چيتاوني' ڏاري عورت 'خلاف، جنهن جي معنيٰ فقط هُن جون هزارين شاديون ۽ عياشي آهي، انهن لاءِ اهو سمجهڻ ڪافي آهي ته ڪرشن ۽ هُن ۾ ڪهڙو فرق آهي، ڪرشن جي حسن ۾ اهو اڻ لڀ پيار هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين ملڻ مشڪل آهي .ايستائين جو گوئٽي ۽ موزارٽ جي فطرت ملي ڪري به سندس جمال کي مشڪل سان ظاهر ڪري سگهي ۽ اها هڪ تمام غير معمولي ڳالهه آهي.

انهن سڀني کان مٿي سندس' گيتا 'آهي .اڄ به ڪن نقادن جو خيال آهي ته اهو ناممڪن آهي ته،' گيتا ' اُن دور ۾ لکي ويئي هوندي ۽ گهڻو پوءِ ان کي ٻين جي حوالي ڪيو ويو هوندو . اُهي ان ڳالهه کي نظر انداز ٿا ڪن ته اها ارجن جي ڇند ڪري ڪيس زباني ٻڌائي ويئي هئي ۽ وياس اها فقط عقيدت جي ڪري ورتي ۽ ان کي آئنده نسلن لاءِ سنڀالي رکيو.

هتي اسان وٽ' گيتا 'جي خوبصورتي بيان ڪرڻ لاءِ جڳهه نه

آهي .اسان فقط اهو ئي چئي سگهون ٿا ته، ڪرشن موسيقي، نرت، شاعري ۽ فن جو روح آهي .هُن هندستان ۾ هر قسم جي فن کي ممڪن بڻايو ۽ پنهنجي نوجوانيءَ ۾ مڪمل جمال ۽ ڪمال سان جنگ جي سيني مشڪل ڪمن کي سر انجام ڏنو .مهربان، پنهنجي قوم ۽ استادن جو سنڀاليندڙ ٿيو .تاريخ جي سيني دورن ۾ اهڙين خوبين جو هڪ شخصيت ۾ هجڻ اڻ لڀ آهي .پر سڀ کان وڏو ڪم جيڪو هُن سر انجام ڏنو اهو موجوده دور جي ماڻهن کي سونپڻ ۽ سيکارڻ جو آهي، جيڪي هميشه پنهنجي دلين ۾ سندس لاءِ پيار، حسن ، خوبصورت جذبا سانڍي رکندا ۽ انهن سان پنهنجي دلين ۽ روحن کي گرمائيندا رهندا.

ڪرشن، هر لحاظ کان انسانيت جي وڻ جو پهريون خوبصورتي آٽڻ وارو گل آهي

❊ ❊ ❊

# هندو ڌرم جا ڪجھ اهم ديوتا
# وشنو ڀڳوان

يوسف شاهين

وشنو ڀڳوان جون صفتون

ڪائنات جو نگهبان، سار سنڀال لهندڙ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان بچائيندڙ، پناهه ڏيندڙ، ڏکويلن جي پرگهور لهندڙ، رحيم، ڪريم، ستار، غفار، جبار، قهار، ماري ناس ڪندڙ، مسيحا (جنهن کي اچڻو آهي) ظلم، جبر ۽ ناانصافين کي روڪڻ لاءِ، جوڻ مٽائي _ مختلف اوتارن جي روپ ۾، دنيا ۾ ايندڙ (رام، ڪرشن، گوتم ٻڌ ۽ ٻين ڪيترن ئي روپن ۾ دنيا ۾ اچي چڪو آهي)

رگويد تحت :وشنو جي حيثيت عظيم ترين خدا جي نہ آهي.

هلندڙ دؤر ۾ :وشنو ڀڳوان جي رام ۽ ڪرشن جي نالن ۾ (جن جي صورت ۾ پاڻ اوتار ٿي آيو هو) وڏي اڪثريت سان پوڄا ڪئي وڃي ٿي.

ٽمورتي:

وشنو ڀڳوان کي هيءَ ڪائنات خلقڻ جو جڏهن خيال آيو تہ هن پاڻ کي ٽن صورتن ۾ ظاهر ڪيو .خلقيندڙ (برهما ديوتا) سنڀاليندڙ (وشنو پاڻ) ۽ تباهہ ڪندڙ (شوديوتا) سندس جسم جي ساڄي پاسي مان برهما (خالق) جنم ورتو .کاٻي پاسي مان پاڻ وشنو (سنڀاليندڙ _ محافظ) پيدا ٿيو ۽ سندس وچئين حصي مان شِو (تباهہ ڪندڙ قوت) جنم ورتو، ان لحاظ

ڪان، وشنو ڀڳوان هن ڪائنات جو خالق بہ آهي، سنڀاليندڙ بہ آهي تہ تباهہ ڪندڙ پڻ .اهڙيءَ طرح وشنو، برهما ۽ شِوِ ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي.

هندو ڌرم موجب، جڏهن بہ دنيا ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وڌيو آهي تہ وشنو مهاراج جوڻ مٽائي، هن دنيا تي لهي ايندو آهي.

اڄ ڏينهن تائين، وشنو ڀڳوان نَوَ (9) جُوڻيون مٽائي هن ڌرتيءَ تي، انسانن جي مدد، سار سنڀال لاءِ اچي چڪو آهي. سندس ڏهون اوتار ”ڪالڪن“ اڃا اچڻو آهي، جيڪو مسيحا بڻجي دنيا مان هميشہ لاءِ ظلم جي پاڙ پٽي ڇڏيندو.

وشنو ڀڳوان جا نالا:

هڪ اندازي موجب، وشنو مهاراج جا هڪ هزار نالا آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا :اننت (بي انت) اچوتا (نہ ختم ٿيندڙ) اناتنا سيانا (اننتا نانگ تي سمهندڙ) چتر ڀج (چئن هٿن وارو) دامودر (پيٽ سان رسو ٻڌل).

ڪرشن جي جوڻ ۾ سندس نالا :گووند (ڳنوار) گئو پال (ڳئون پاليندڙ).

ان کان علاوه : هري، هر ڪيش (سمجهہ جي عضون دماغ جو حاڪم) جل سئين (پاڻيءَ تي سمهندڙ) جنارڌن (جنهن جي پرجا ڪئي وڃي) ڪيشو (چمڪندڙ وارن وارو) ڪيرتن (تاجدار _ چٽ ڏٽي) لڪشمي پتي (لڇميءَ جو مڙس) مڌو سوڌن (مڌو ديو کي ماريندڙ) مڪندا (مڪتي _ڇوٽڪارو ڏياريندڙ) موراري (مورا جو دشمن) نر (مرد) نارائڻ (پاڻيءَ ۾ گهمندڙ) پنچ يڌا (پنجن هٿيارن وارو) پدم ناڀ (ڪنول جي ناهين وارو) پيتامبر (هئڊن ڪپڙن وارو) پرش (ماڻهو) پرشو تما (اعليٰ انسان) واسو ديوا (واسو ديو جو پٽ) وئيڪنٺ نات (بهشت جو ڏٽي) يجنيس ور (قربانين جو ديوتا) ستوڳڻو (ٻاجهارو) پرجا پتي (خالق) ۽ ٻيا.

وشنو ڀڳوان جا نشان:

دلڪش مهانڍي، ڪارسري آسماني رنگ وارو، قديم بادشاهي ويس ۾، چئن هٿن وارو، تير ڪمان ۽ تلوار پاڻ سان رکندڙ، هڪ هٿ ۾ پنج جٽيو (سنک) ٻئي هٿ ۾ سودرسن چڪرو اٿس، ٽئين هٿ ۾ ڪائو مونڪي نالي ڪلب ۽ چوٿين هٿ ۾ پدم (ڪنول) جو گل اٿس. سندس ڇاتيءَ تي سري وستر نشان آهي ۽ ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ سيامنتڪا هيرو ٻڌل اٿس. ڪن تصويرن ۾ ڪيس سندس پتني (زال) لڇميءَ سان گڏ ڪنول جي گل تي وينل ڏيکاريل آهي.

لڪشمي ديوي:

ڀاڳ جي ديوي لڇمي يا لڪشمي، وشنو ڀڳوان جي زال آهي. هن جو جنم، يونان جي ايفروڊائيٽ يا وينس ديويءَ وانگر سمنڊ مان ٿيو. هوءَ دنيا جي تخليق وقت، ڪنول جي گل تي سمنڊ مان ترندي ظاهر ٿي.

لڇمي ديويءَ به وشنو ڀڳوان وانگر، هن دنيا ۾ جدا جدا وقتن تي، مختلف نالن ۽ صورتن سان جنم ورتو آهي. جڏهن وشنو ديوتا" ڄامڙي "جي صورت ۾ پر گهٽ ٿيو ته لڪشمي ديوي ڪنول جي گل مان ٽڙي نڪتي ۽ سندس نالو ڪملا يا پدما هو. پوءِ جڏهن، وشنو ڀڳوان" پرسو رام برهمڻ" جي جوڻ ۾، هن دنيا تي ظاهر ٿيو ته، لڪشمي ديوي "تاراٽيءَ "جي نالي ۽ صورت ۾ سندس پتني ٿي. ان کان پوءِ، جڏهن وشنو مهاراج" شري رام "ٻئجي دنيا تي لٿو ته لڪشمي ديوي" سيتا "جي روپ ۾ سندس زال بڻي. پوءِ ڪرشن ڀڳوان جي صورت ۾ جڏهن وشنو ديوتا، هن دنيا ۾ آيو ته لڪشمي ماتا" رڪمڻي "جي صورت ۾ سندس زال ٿي.

لڇمي ماتا لاءِ رامائڻ ۾ لکيل آهي ته:

"لڇمي – سيني جهانن جي راڻي"

لڪشمي ديويءَ جا نالا:

لڪشمي، لڇمي، هيرا، اندرا، جل ڏيجا (سمنڊ مان ڄاول) چنچل، لوڪ ماتا وغيره.

شو ديوتا_ تباهه ڪندڙ ديوتا

شو ديوتا جون صفتون :هندو ڌرم جي مقدس ڪتابن ۾، شو ديوتا جون هينين ريت مختلف ۽ متضاد وصفون بيان ڪيل آهن.

يجر ويد تحت :اولين آسماني طبيب، خوشحاليءَ ۾ اضافو ڪندڙ، ڍڳين ۽ گهوڙن جو معالج، انسانن جو حڪيم، راحت ۽ سڪون بخشيندڙ.

اٿر ويد تحت :چوپائي مال جو محافظ، غضبناڪ، قهار ۽ جبار، دوزخ جي باهه، زهر ۽ خوفناڪ بيمارين تي قادر.

اپنشدن تحت :هر شئي کان اڳ موجود، ازل ۽ ابد کان موجود، هميشه قائم مهيشور، مهاديو ۽ اسانا جي روپ ۾ ايندڙ.

مهاڀارت تحت :وشنو ۽ ڪرشن ڀڳوان کان به وڏو _هر هنڌ حاظر ناظر، برهما، وشنو ۽ اندر جو خدا .(بعد ۾) وشنو ڀڳوان ۽ شِو ۾ ڪو فرق ڪونهي، هو هڪڀئي جو روپ آهن.

رامائڻ تحت :هو عظيم ديوتا آهي مگر عظيم ترين ڪونهي هن جي حيثيت وشنو ڀڳوان کان گهٽ درجي جي آهي.

رودر ۽ مهاڪال جي حيثيت ۽ روپ ۾

فنا ٿيندڙ شين کي زندگي ڏيندڙ، چوٿين دنيا جو حاڪم، خوفناڪ تيرن سان پليگ جو مرض پکيڙي ماريندڙ، تمام روحن جو مهندار، ڏينهن قيامت تي، دنيائن ۽ سيني عالمن کي ختم ڪندڙ، هن جي نه ابتدا آهي نه وچ وارو وقت ۽ نه ئي ڪا انتها .هو واحد آهي، لاشريڪ آهي جيڪو ڪيترن ئي حصن ۾ وراهجي ويو آهي _هو برهما آهي، وشنو آهي، اِندر آهي، اعليٰ ترين آهي.

مها يوگيءَ جي روپ ۾ :هڪ عظيم ساڌو پنهنجي رياضت ۽ فڪر سان لا محدود قوتون حاصل ڪندڙ، ڪرامتون ۽ معجزا ڏيکاريندڙ.

ڀيراو جي روپ ۾ :خوفناڪ تباهيون آڻيندڙ، تباهيون ۽ بربايون آڻڻ تي خوش ٿيندڙ.

ٻتيس ور جي روپ ۾ :جنن ڀوتن ۽ خوفناڪ صورتن جو خدا.

قديم سنڌ جا ماڻهو شو کي زرخيزيءَ جو خدا ڪري پوڄائيندا هئا .ان ڪان علاوه، ڏکڻ هندستان ۾، هن کي انتهائي مهربان ته ٻئي پاسي انتهائي وحشي ۽ جابر خدا طور مڃيو ويندو هو .هن کي رقص جو خدا، شهوت جو ديوتا، سموري جاڻ رکندڙ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ تي قادر ۽ اوچتو پيدا ٿيندڙ جي حيثيت سان به پوڄيو ويندو هو ۽ آهي.

جديد هندو ڌرم ۾ :شو ڀڳوان کي ٻن حيثيتن سان مڃيو ۽ پوڄيو وڃي ٿو، (1) پشوپتيءَ جي روپ ۾ هو ڪائنات جو خالق آهي ته (2) مهاڪال جي روپ ۾؛ هو موت جو ديوتا ۽ وقت جو حاڪم آهي، جيڪو جنگ جي ميدانن ۽ قبرستان ۾ گهمندو رهي ٿو.

## شو ديوتا جا نشان

رٿ گاڏيءَ ۾ سوار، پنجن مُنهن ۽ چئن هٿن وارو، ڳچيءَ ۾ انساني کوپڙين جا هار پاتل، مٿي تي نانگ ويڙهيل، ٻن اکين وارو، پوءِ ٽن اکين وارو ۽ بعد ۾، هڪ هزار اکين وارو .سڀ کي ڏسندڙ، پاڻ سان کنوڻ ۽ هڪ هزار ڀالا ۽ ٻٽيچيون کڻي هلندڙ.

___ڪيلاش جبل جي چوٽيءَ تي، شينهن جي کل پائي، سنياسي جوڳين جي روپ ۾ وينل .

___هن جو رنگ ڳاڙهو (نفسياتي خواهشن جي علامت) ۽ سندس ڳچيءَ جو رنگ نيرو آهي.

___اشن تحت :شو جو رنگ ٿامي جهڙو، جنهن جي هنج ۾

سج جو گولو ۽ پاسي ۾ " شڪتي " (ٻڪري ) بيٺل هوندي آهي.

شِو ديوتا جا نالا

پاوا، ساروا، پشو پتي، اگر ديو، مهاديو، مهاڪال، رودر، اسانا، اساني ۽ ٻيا ڪيترائي نالا) .هڪ اندازي مطابق، شو جا هڪ هزار آٺ نالا آهن.(

شو ديوتا جا مندر ۽ لنگ پوڄا

شو پراڻ ۽ نندي اُپ پراڻ ۾ شو ڀڳوان پاڻ فرمائي ٿو:

"آئون هر هنڌ حاظر ناظر آهيان، پر ٻارنهن شڪلين يا تاڪن (مندرن ) ۾ خاص ڪري (هوندو) آهيان"

شو ديوتا جي انهن صورتن يا تاڪن) مندرن (کي ٻارنهن وڏا "شو لنگ "چئبو آهي، جيڪي هي آهن:

- سومنات (چنڊ جو مالڪ _ ديوتا)
- ماليڪرجن يا سري سيلا _ سري جبل، ڪرشنا نديءَ تي هڪ جبل.
- مهاڪال _ مها ڪاليشور.
- اومڪارا _اجين ۾ مهاديو جو مندر.
- امر سور (خدائن جو خدا) اهو بت بہ اجين ۾ رکيل آهي.
- ويد وئديا نات (ويجن طبيبن جو مالڪ) بنگال ۾ ديو ڳڙهہ ۾ هڪ مندر.
- راميسا يا راميسور (رام جو ڏٽي) ڀارت ۽ سري لنڪا جي وچ واري سمنڊ ۾، راميسرام ٻيٽ اندر هڪ مندر ۾ رکيل لنگم (مرداڻي عضوي) جو نالو" رام جو ڏٽي ."چيو ويو آهي تہ شري رامچندر ان مندر ۾ پاڻ رکيو هو.
- ڀيم شنڪر_ ڀارت جي راج مندري ضلع ۾ رکيل لنگ جو نشان.

- وشو يشتر(سيني جو مالڪ) بنارس ۾، ڪيترن ئي صدين کان انهي شو لنگ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي .ان ڪي جيوتر لنگم به چون ٿا.
- ٽري امبڪا، ٽري يڪشا (ٽن اکين وارو) اهو شو لنگ گومتي نديءَ جي ڪناري تي رکيل آهي.
- گوتميسا، گوتم جو ڏٽي، گوتم شو.
- ڪيدارسيا، ڪيدارناٿ (هماليه جبلن تي پٿر جي هڪ بي ڍنگي چوٽيءَ کي شو ديوتا سان منسوب ڪيل آهي)

## شو ديوتا جي عظمت ۽ حيثيت جو امتحان

هڪ ڀيري، وشنو ڀڳوان ۽ برهما ديوتا جو ”خدائي حيثيت“ تان پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. ٻنهي جي دعويٰ هئي ته هو عظيم ترين آهن. هو اڃا اهو فيصلو به نه ڪري سگهيا ته اوچتو سمنڊ مان هڪ چمڪندڙ گول پايو (لنگم) نڪري نروار ٿيو. اهو لنگم وڌو ٿيندو، آسمان طرف وڌندو ويو. هي ٻئي عظيم ديوتا ڏاڍو ششدر ٿيا ۽ ان لنگم جي ڊيگهه (ٽري ڪان چوٽيءَ تائين) معلوم ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون. اهڙيءَ طرح وشنو ڀڳوان هڪ جهنگلي جانور جو روپ ڌاري سمنڊ ۾ ٽپي پيو. ٻئي طرف برهما ديوتا، هنج پکي بڻجي آسمان جي وسعتن ۾ گم ٿي ويو. هڪ هزار سالن تائين وشنو ڀڳوان ۽ برهما ديوتا ان لنگم جي انت جو اندازو لڳائڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا مگر هي ٻئي ڪجهه به معلوم نه ڪري سگهيا. جڏهن هو ٻنهه ٿڪجي پيا ته اوچتو فضا ۾ ”اوم“ ”اوم“ جا آواز گونجڻ لڳا ۽ پوءِ انهن آواز سان گڏ ”شو“ بذات خود، هنن ٻنهي ديوتائن جي اڳيان ظاهر ٿيو. وشنو ۽ برهما ڏاڍي ادب ۽ احترام سان ”شو“ جو آدر ڀاءُ ڪيو ۽

سندس“ عظيم ترين ”هئڻ جي حيثيت کي تسليم ڪيائون.

ٻيو واقعو

هيءَ اڳاٽي وقت جي ڳالهه آهي جڏهن شو ديوتا کي ٻه اکيون هونديون هيون .هڪ ڏينهن، شو ديوتا جي زال“ پاروتي ”جا هماليہ جبل جي ڌيءَ هئي، آهستي آهستي پويان اچي، پنهنجي مڙس جي ٻنهي اکين تي هٿ رکيا .نتيجي طور، سڄي دنيا ۾ اوندهه ڇائنجي ويئي ۽ ڪائنات جي هرڪا شئي، سج، چنڊ، تارا، انسان، جانور، پکي پکڻ سڀ هڪ هنڌ ڄمي، سڪ تي بيهي رهيا .نيٺ، شِو ديوتا جي پيشانيءَ تي هڪ ٽين اک نمودار ٿي، جنهن مان نڪرندڙ تيز روشنيءَ سبب ڪائنات جي هر جاندار ۽ بي جان شيءِ سڙي خاڪ ٿي ويئي .هماليہ جبل ٻہ روشنيءَ جو تاءُ سهي نہ سگهيو ۽ ٻري ڦليار ٿي ويو .شو جي زال پاروتي، اهو ڏسي ڏاڍو پريشان ٿي پيئي .هماليہ جبل هن جو پيءُ هو .آخر، هن هٿ جوڙي، ڏاڍي انڪساري ۽ عاجزيءَ سان پنهنجي مڙس اڳيان ٻاڏايو .شو ديوتا وٽ سندس زال جي دعا قبول پيئي، هن پنهنجي رحمت سان ڪائنات جي هر شيءِ کي ٻيهر زندگي عطا ڪئي ۽ هماليہ جبل کي واپس اصلوڪي صورت ۾ آندو.

هندو ڌرم ۾ ستيءَ جي رسم جو آغاز.

عظيم ترين ديوتا“ شو ”جي زال“ پاروتي ”اڳئين جنم ۾“ ستي ”جي نالي سان ڪوٺبي هئي .هوءَ هڪ سنياسي بزرگ“ وڪش ”جي ڌيءَ هئي جيڪو شِو ديوتا کي ناپسند ڪندو هو .شو ديوتا هن بزرگ کي وڏن واري عزت نہ ڏيندو هو .ستيءَ کي شو ديوتا سان محبت ٿي پئي هئي .هوءَ لڪ چوريءَ شِو جي پوڄا ڪندي هئي .جڏهن ستيءَ جي شاديءَ جو وقت آيو ۽ هن جي پيءُ( سوئمبر) مقابلي جو انتظام ڪيو تہ سواءِ شِو جي باقي ٻين سڀني ديوتائن ۽ راجڪمارن کي

دعوت ڏني ويئي .ان سوئمبر ۾ ستيءَ پنهنجي شاديءَ جي( مالا) ور مالا شِو ديوتا ڏانهن هوا ۾ اڇلائي، ساڻس شادي ڪرڻ جو ڪليو اظهار ڪيو .پوءِ اوچتو، ماڻهن جي ميڙ ۾، شِو ديوتا ظاهر ٿيو، هن جي ڳچيءَ ۾ اها ورمالا هئي، جيڪا ستيءَ هن ڏانهن اڇلائي هئي .نيٺ، ستي ۽ شو جي شادي ٿي مگر ستيءَ جو پيءُ شو کي ڌڪاريندو هو .هڪ ڀيري، جڏهن گهوڙي جي قرباني ڪئي ٿي ويئي، تہ ان رسم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ستيءَ جي پيءُ شِو کي دعوت نہ ڏني .ان ڳالھ جو ستيءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ سان احتجاج ڪيائين . جواب ۾ سندس پيءُ شو کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ کيس شيطانن ۽ جنن جو بادشاھ هئڻ جا لقب ڏنائين .مڙس جي اها خواري ستيءَ کان برداشت نہ ٿي، هن پاڻ کي باھ ۾ ساڙي پنهنجو انت آندو .اهڙيءَ طرح، هندو ڌرم ۾ ستيءَ جو رواج پيو.

برهما ڀڳوان

برهما ڀڳوان جون صفتون

كائنات جو خالق، انسان ذات جو ابو، عظيم روح، نہ ڪنهن پيدا ڪيو اٿس ۽ نہ ڪنهن ڄڻيو اٿس .هميشہ قائم دائم، ديوتائن جو ديوتا، لافاني، زمان ۽ مڪان کان آزاد، حد، لاحد، اڪين کان اوڏو، اڪين کان دور، بي انت، نہ ختم ٿيندڙ، ديوتائن ۽ راڪاسن کي قوت بخشيندڙ، ديوتائن جي دشمنن جو بہ سرپرست _ تمورتيءَ جو پهريون فرد _پرجا پتي.

برهما جا نالا ۽ لقب:

(آدي ڪوي) اولين شاعر (چترانن_چُتر مک(چئن منهن وارو( اشت ڪرنا) اٺ ڪنو (هنس وهٽو) هنس پکيءَ تي سواري ڪندڙ (ناڀيجا) نانهينءَ مان پيدا ٿيل (ڪنجا) ڪنول ( سروجن) ڪنول وارو (ابجج، ابجيوني ۽ ڪنجج ) ڪنول مان ڄاول (وڌي، ويڌاس، در وهڻ ۽ سرشتري) خالق (ڌاتري ۽ وڌا تري، زنده رکندڙ، قائم رکندڙ (پتا مها) وڏو ابو(لوڪيسا) دنيا

جو مالڪ (پرميشتا) جنت جو مهندار(سنت) آڳاٽو (رج ڳُڻو) خواهشون رکندڙ ۽ (دروگهٽو) کهاڙو

برهما ديوتا جي پيدائش:

برهما _ جنهن کي" وڏو وشنو "بہ چيو وجي ٿو، تنهن هن ڪائنات کي سڀ کان اول پاڻيءَ جي روپ ۾ پيدا ڪيو، پوءِ ان ۾ هڪ ٻج وڌائين .ان ٻج مان هڪ وڏو سونو آنو )بيضو (پيدا ٿيو، ان آني مان خود برهما ڦٽي نڪتو.

برهما جي عمر هڪ سو سال آهي پر سندس ڄمار جو هر هڪ ڏينهن بہ ارب سورنهن ڪروڙ سالن جي برابر آهي . برهما جڏهن ڪائنات تخليق ڪئي تہ، سندس عمر جي هڪ ڏينهن جي عرصي ۾، دنيا ۾ ڪابہ قيرقار يا تبديلي نہ ٿي، ڪائنات جيئن جو تيئن رهي .ان کان پوءِ شو ڀڳوان ان کي باهہ ڏئي، ساڙي تباه ڪري ڇڏيو .فقط رشي ديوتا ۽ ڪجهہ ٻيا زنده بچي سگهيا .پوءِ، برهما، ٻئي ڏينهن تي، هن دنيا کي نئين سر ٺاهي آباد ڪيو .اهڙيءَ طرح ڪائنات جو هي سلسلو آدجگاد کان هلندو ٿو اچي .برهما جا سو سال پورا ٿيڻ کان پوءِ، هيءَ ڪائنات ۽ ان سان گڏ خود برهما بہ ختم ٿي ويندو.

انسان جي تخليق:

برهما ديوتا، سڀ کان اول هڪ انسان خلقيو جنهن کي "مانو" (ماڻهو) سڏيو ويو .ان اولين انسان مانوءَ جي مٿي مان دنيا جا بهترين ۽ چونڊ انسان پيدا ٿيا، جن کي" برهمڻ "سڏجي ٿو .مانوءَ جي هٿن مان راجائون ۽ جنگي جوڌا پيدا ٿيا، جن کي" کتري "چئجي ٿو .مانوءَ جي سٿرن مان دنيا جا ڪاريگر ۽ هنر مند پيدا ٿيا، جن کي " وئش "سڏيو ويو ۽ مانوءَ جي پيرن مان باقي ٻيا گهٽ درجي وارا انسان پيدا ٿيا، جن کي" شودر " چيو وڃي ٿو.

برهمڻ:

هندو ڌرم جي سڀ کان اوچي ذات .سمورو علم،

فلسفو، مذهبي تعليم سکڻ ۽ سيکارڻ سندن ڪم ۽ ذمو آهي .ٻين سيني ذاتين تي لازم آهي تہ هو برهمڻن جي عزت ڪن ۽ کين مان ۽ مرتبو ڏين .خود حڪمرانن، راجائن ۽ اميرن وغيره تي بہ فرض عائد آهي تہ برهمڻن جو احترام ڪن.

برهمڻ گوشت نہ کائيندا آهن ۽ هو ويشنو سڏبا آهن .روزانو وهندڙ پاڻيءَ ۾ غسل ڪندا آهن ۽ جڻيو پائيندا آهن، جيڪو سُٽ جو هڪ مقدس سڳو هوندو آهي.

کتري:

هندو سماج جي ٻي درجي وارا ماڻهو _جنگي فن جي تربيت حاصل ڪرڻ، جنگين ۾ حصو وٺڻ ۽ حڪمراني ڪرڻ" کترين "جو ڪم آهي .راجائون، جنگي سردار ۽ سپاهي هن ذات وارا ماڻهو ٿيندا آهن.

وئش:

زراعت پيشي جا ماڻهو، هاري، هنرمند، ڪاريگر ۽ واپاري طبقو" وئش "ذات مان پيدا ٿيندو آهي.

شودر:

هندو سماج جي چوٿين درجي واري ذات _ جنهن ۾ سمورا پوئتي پيل اڻ آريہ اچي وڃن ٿا .ڪولهي، ڀيل، مينگهواڙ، ڀنگي وغيره سڀ شودر ليکجن ٿا .شودرن کي هن دور ۾" اڇوت "بہ سڏجي ٿو.

<u>ڪائنات جي ڀهرين عورت:</u>

رامائڻ ۾ بيان ڪيل آهي تہ: برهما ڀڳوان، سڀ کان اول "اهليا" نالي هڪ عورت تخليق ڪئي جا بيحد خوبصورت ۽ حسين هئي. پوءِ ان عورت کي هڪ بزرگ ۽ ڀهتل شخص "گوتم" جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن اندر ديوتا، ڪائنات جي ان ڀهرين عورت کي ڏٺو، تہ هو مٿس عاشق ٿي پيو. پوءِ "گوتم" جي صورت اختيار ڪري اهليا سان ميلاپ ڪيائين_ جڏهن اها خبر رشي گوتم کي پئي تہ هن کيس ڪڏي ڇڏيو،

پر بعد ۾ شري رامچندر ٻنهي جو پرچاءُ ڪرائي ڇڏيو.

برهما ڀڳوان جا ڪرم، عنايتون ۽ مهربانيون:

برهما ڀڳوان شري رامچندر کي سورڳ (جنت) ۾ گهرائي ڪين ديوتا ٽيڻ جو اطلاع ڏنو.

برهما، ديوتائن جي دشمن قوتن جي بہ واهر ڪندو هو. هن راوڻ تي بہ مهربانيون ڪيون جنهن شري رامچندر جي پتني (زال) سيتا کي ڀڄايو هو.

برهما جو اولاد:

چيو وڃي ٿو تہ، مشهور پرجا پتي" ڏڪش "برهما جي آڱوٺي مان پيدا ٿيو .ان کان سواءِ، چار ڪمار، جن مان سنت ڪمار وڏو هو، اهي بہ برهما جا پٽ هئا .چوڏهن" مانو "بہ برهما جو اولاد ڄاڻايا وڃن ٿا.

برهما جي زال سرسوتيءَ (ڄاڻ جي ديوي) کي بہ برهمي چيو وڃي ٿو .هن لاءِ ٻڌايل آهي تہ، هوءَ برهما جي ڌيءَ هئي) .سرسوتي، علم ۽ تقدير جي فن جي ديوي هئي سنسڪرت زبان ۽ ديوناگري رسم الخط سندس ايجاد ڪيل آهن

برهما جا نشان:

چئن سسين وارو، رنگ جو ڳاڙهو، ابتدا ۾ ڪيس پنج سسيون هيون، جن مان هڪ شو ديوتا ساڙي ڇڏي، چئن ٻانهن وارو، هنج پکيءَ تي سواري ڪندڙ، هٿن ۾ لٺ، چمچو، ڪمان يا ويد اٿس.

برهما جي پوڄا:

پنجين صدي قبل مسيح کان اڳ، هن ديوتا جي تمام گهڻي پوڄا ڪئي ويندي هئي پر هن وقت فقط اجمير ۾ سندس عبادت لاءِ هڪ مندر آهي.

❊ ❊ ❊

# اسان جا ڌرمي ڏڻ

سويو گيانچنداڻي  ترجمو: انيتا ڪمليشور

هندو جيڪي پنهنجا اهم ڏڻ ملهائيندا آهن، انهن ۾ ( ڏياري) (ديپاوالي) ٽڏڙي جنم اشٽمي دسهڙو وجئه ڏسمي هولي، پوجا جو تهوار (بنگال ۾) ۽ ڪجهه ٻيا خاص ڏهاڙا به آهن جيڪي هندن جي ملهائڻ لاءِ خاص سمجهيا ويندا آهن .حقيقت ۾ ٻين مذهبن وانگر انهن ڏڻن جي اهميت هندو ڌرم جي شروعات کان به گهڻو اڳ جي آهي .

دراوڙن کان اڳ ۽ آرين تائين هندو ڌرم پاڻ هڪ ارتقا آهي ۽ پوءِ ان جا اثر ٻڌ مت ۽ تي به پيا .جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته اصل ۾ نندي ڪنڌ ۾ ملهائجندڙ گهڻا ڏڻ موسمن جي ڦير گهير ۽ قدرتي واقعن سان مطابقت رکن ٿا .اسان هتي تمام پراڻي ڏهاڙي ٽڏڙيءَ جو مثال ونون ٿا:

**ٽڏڙي:**

ٽڏڙي 25 يا 26 سيپٽمبر تي ٿيندي آهي ۽ اها منڊ هوندي آهي جڏهن گهڻو ڪري اونهاري جا فصل لڻڻ جي تياريءَ ۾ هوندا آهن، ڪجهه ته اڳيئي لُڻجي گڏ ڪيا ويندا آهن ۽ سياري جي موسم جي فصل جي پوک هَر ڏيڻ لاءِ تيار هوندي آهي .ٽڏڙيءَ ۾ اڪثر هندن جي هر گهر ۾ مٽيءَ جو هڪ برتن ملندو جنهن ۾ مٽي ۽ ڇيڻو ملايو ويندو آهي ۽ ان ۾ ڪيترائي ٻج پوکيا ويندا آهن، ڪجهه ڏينهن ۾ اهي وڏا ٿي ويندا آهن، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته، ٽڏڙيءَ جو تعلق سياري جي فصل جي پوکڻ

۽ وڏڻ سان آهي ۽ هِن ڏهاڙي جو وقت ظاهر ڪري ٿو تہ، اونهاري جا گهڻا فصل جيئن چانور، جوئر، داليون ۽ ٻاجهر گڏ ڪري گهر آندا ويندا آهن ۽ ماڻهو تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن ڇو تہ انهن جا برتن اناج سان ڀريل هوندا آهن ۽ اهي اميد ڪندا آهن تہ سندن سرءُ ۽ سيارو تمام سنا گذرندا .ٽڏڙيءَ سان جنم اشٽميءَ (ٽڏڙيءَ جو ٻيو نالو) جو تعلق، وابستگي يا ڳانڍاپو گهڻو پوءِ، ڪرشنا جي جنم ڪري ٿيو، نہ تہ ان ڪان بہ گهڻو اڳ هندن ڪان بہ ڀهرين، دراوڙن ڪان بہ ڀهرين يا وري ان ڪان بہ گهڻو اڳ جڏهن اونهاري جو فصل گڏ ٿيڻ تي ماڻهو پاڻ ۾ گڏ ٿيندا هئا تہ خوش ٿي اهو ڏهاڙو ملهائيندا هئا.

**ڏياري (ديوالي)** :

هيءُ ڏهاڙو خاص ڪري رام جي ايوڌيا واپس اچڻ سان سبنڌ رکي ٿو .ڪيتريون ئي روشنيون ڪيون وينديون آهن، مٽيءَ جا ڏيئا ۽ ٻيا ڪيترائي ڏيئا ٻاريا ويندا آهن جن مان خبر پوندي آهي تہ ماڻهو خوشي ملهائي رهيا آهن .سنڌ ۾ مٽن مائٽن وٽ شام جو مِنائي ورهائي ويندي آهي .مرد، جوان ۽ پوڙها مشعلون (ميلهيا) ۽ لالٽين ڪٽي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ هڪبئي کي وڏي آواز واڌايون ڏيندا آهن :

'ڏني ڏياري، ننڍي وڏي ٻاري ، ڏياري جو ڏيئو ڏنو ننڍو وڏو ڇيڙ منو'

هن جملي مان ڏياري ملهائڻ جي تہ خبر پوي ٿي، پر ساڳئي وقت اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ننڍو ڇيڙ (متيرو) بہ هن موسم ۾ منو ٿي وڃي ٿو .جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ رام جي واپسيءَ جو تعلق بہ انهيءَ موسم سان آهي .ڏياري گهڻو ڪري آڪٽوبر جي آخري هفتي يا نومبر جي ڀهرئين هفتي (هندو ڪئلينڊر مطابق) ۾ ايندي آهي .اهو ئي وقت هوندو آهي جڏهن سياري جي منڊ شروع ٿيڻ واري هوندي آهي ۽ هلڪو سيءُ

پوڻ شروع ٿيندو آهي .ماڻهو جيڪي ڇت تي سمهندا آهن اُهي هيٺ لهي ڍڪيل ڪمرن يا ڪنهن ڇپري جي هيٺ سمهڻ شروع ڪندا آهن .راتيون وڏيون ٿينديون آهن ۽ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن .اونهاري جو فصل اڳيئي لُڻجي محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي ۽ سياري جو فصل پوکجي وڌو تي رهيو هوندو آهي، جنهن سان ماڻهن کي خوشي ملندي آهي .اهي هڪٻئي سان ملي اها خوشي ملهائيندا آهن ۽ هڪٻئي ۾ مٺائي ورهائيندا آهن ۽ اها ئي خوشي ملهائيندا آهن جيڪا اسان ڏياريءَ وقت ملهائيندا آهيون .ڏياري به اصل ۾ موسم جي تبديليءَ سان مطابقت رکي ٿي .ان کان پوءِ ڏياريءَ کي رام جي فتح سان جوڙيو ويو، جنهن کي مريادا پرشوتم به سڏيو وڃي ٿو.هاڻي ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته رام ايوڌيا جو راجا هو ۽ ڏکڻ تي اُتر جو فاتح هو .ارجن رشي هن کي پڙهايو .وسشت، وشومترا ۽ بين عالم ماڻهن هُن جي تعليم ۽ تربيت جي سار سنڀال لڌي ۽ هُن کي ڏکڻ موڪلڻ ۽ اڻ سڌريل (آرين مطابق) ڏکڻ فتح ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو . جڏهن ته رامائڻ ۾ اهو واضح لکيل آهي ته، راوڻ ڏکڻ جو حڪمران هو ۽ اهو ته هُو غير تعليم يافته بلڪل نه هو، بلڪ هن کي ان وقت جي سيني ڌرمي ڪتابن جهڙوڪ چئن ويدن، ڇهن شاسترن ۽ ڇهن ويدانتن جي ڄاڻ هئي .هُو هڪ گياني ماڻهو هو تنهنڪري هُن کي ’ ڏهيسر ‘چيو وڃي ٿو .ڏهه (10) سِر، علم) ڄاڻ (جا ۽ هڪ سِر گڏهه جو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هُن جي مٿي ۾ پوئنري هئي ڇو ته هُو هڪ تمام مغرور ماڻهو هو .جينوٽيڪ اهو به ممڪن آهي ته راوڻ، دراوڙن مان هو ڇو ته دراوڙن خاص ڪري تامل هن کي ساراهيو به آهي ته پنهنجو هيرو به مڃيوآهي .

رام جي راوڻ تي فتح کي نيڪيءَ جي بديءَ تي فتح سان ظاهر ڪيو ويو آهي .ان وقت جي ماڻهن جي سوچ ڇا به هجي،

پر موجوده وقت ۾ اسان جڏهن انهن واقعن کي تاريخ جي نظر سان ڏسون ٿا ۽ جڏهن اسان هندستاني ماڻهن جي ترقيءَ کي ڏسون ٿا،سيلون کان ڪشمير تائين ۽ برما کان پري اولهه جنهن ۾ ان وقت جو بلوچستان ۽ افغانستان بہ شامل آهن ايستائين جو ايران جا ڪجهه حصا ڪنهن نہ ڪنهن وقت ۾ اُتر کان ڏکڻ تائين ۽ اولهه کان اوڀر تائين، اهي سڀ ماڻهو هندن جي ثقافت يا طرزِ زندگي جي زيرِ اثر آهن.

**دسهڙو:**

دسهڙو ڏياريءَ کان 10 يا 15 ڏينهن اڳ ملهايو ويندو آهي ۽ اهو وجئہ ڏسميءَ يا پوجا (بنگال ۾، جيڪو صوبو تمام گهڻو پري آهي)، جتي پوجا جو ڏڻ تمام اڪثريت سان ملهايو ويندو آهي ، اهو ڏڻ لڳ ڀڳ دسهڙي جي ڏينهن ۾ ئي ايندو آهي پر ان جو رام سان ڪو واسطو نہ آهي، جڏهن تہ اتر پرديش جي اولهہ ۾ اهو ڏڻ لنڪا ۾ رام جي راوڻ تي فتح جي ڪري ملهايو ويندو آهي، تنهنڪري اهي علاقائي ۽ ثقافتي فرق ان حقيقت جو ڏس ڏين ٿا تہ دسهڙو اصل ۾ مذهبي حيثيت رکي ٿو، پر اها حيثيت نہ جيڪا گهڻو پوءِ آرين رام جي فتح سان جوڙي .

**هولي:**

هولي فيبروري ۽ مارچ جي وچ ڌاري ملهائي ويندي آهي، يعني جڏهن سيارو ختم ٿيندو آهي ۽ نندي ڪنڌ ۾ چيٽ ۽ بهار يا بسنت جي شروعات ٿيندي آهي .هي اهو وقت هوندو آهي جڏهن وڻن ۾ نوان پن ڦٽندا آهن ۽ ماڻهو نچندا آهن، ڀنگ پيئندا آهن ۽ شادي ڪندا آهن.

هوليءَ جي گهڻي اهميت انڪري بہ ظاهر ٿئي ٿي جو هي اهو وقت آهي جڏهن سياري جا فصل ايندا آهن ، بهاراڇي چڪو هوندو آهي ۽ ماڻهن جي پيار جو صبر ختم ٿيندو آهي ڇو جو نندي ڪنڌ ۾ گهڻو ڪري مسلمان توڙي هندو ، ڏکڻ توڙي اُتر

۾، شاديون يا تہ جنوري جي آخر يا فيبروري، مارچ ۽ اپريل جي وچ ڌاري ٿي ڪندا آهن .تاريخ جو دارومدار بهار جي ڏيکهہ (مُدي) تي هوندو آهي .تنهنڪري هولي سيني ڏڻن مان وڏيڪ خوشيءَ جي اظهار جو ڏينهن آهي جيڪو ماڻهوءَ جي وجود ۽ سندس چوڌاري فطرت کي ظاهر ڪري ٿو .هوليءَ جو هولڪا کي ٻارڻ ۽ ساڙڻ واري واقعي سان تعلق بعد ۾ جوڙيو ويو .اها اتڪل پرهلاد ڀڳت جي پيءُ هرڻاڪش طرفان سٿي وئي هئي، جيڪو ٻاڻ کي ڀڳوان چورائيندو هو ۽ سندس پُٽ از ڳالهہ جو مخالف هو .چيو وڃي ٿو تہ هولڪا) هرڻاڪش جي پيڻ.(کي باهہ اثر نہ ڪندي هئي تنهنڪري هُن اها سَٿ سٿي تہ هولڪا پرهلاد کي هنج ۾ ڪٽي باهہ ۾ ويهندي ۽ پرهلاد سڙي ويندو پر هولڪا محفوظ رهندي .

هندو تہ انهن ڏڻن کي ملهائي تمام گهڻي خوشي ۽ مزو ماڻين ٿا .پر اهي ماڻهو جيڪي هندو نہ آهن، سي بہ انهن ڏينهن کي ملهائي مزو ونندا آهن .چيو وڃي ٿو تہ هندو، سال ۾ سترنهن يا ارڙنهن خوشيءَ جا ڏينهن ملهائيندا آهن .ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چوندا آهن تہ هندو ٽيڻ سنو آهي، جڏهن توهان ٻار آهيو، ڪرسچن ٽيڻ سنو آهي جڏهن توهان جوان آهيو ۽ ٻوڌي ٽيڻ سنو آهي جڏهن توهان پوڙها آهيو .

ان ڪري جو ٻار نندي ڪنڊ جي قدرتي ۽ تاريخي ڏڻن کي ملهائي خوش ٿيندا آهن، تنهنڪري هندن جا گهڻا ڏڻ هندن ڪان بہ اڳ جي عڪاسي ڪن ٿا، جڏهن ماڻهو فطرت جي وڌيڪ ويجهو هوندا هئا ۽ موسم جي تبديليءَ جو مزو ونندا هئا تہ ان خوشيءَ کي ملهائيندا هئا .

❊ ❊ ❊

# سوڀيو روشنيءَ جي سفر ۾

محمد علي پناڻ

اهڙي وقت ۾ جڏهن سياست کي اسان جي ملڪ اندر مڪاري، منافقت ۽ چالاڪيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ڏنو ۽ سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن عوام جي دردن جو درمان ٿيڻ جا هوڪا ڏيندڙ سياستدانن کي فلم ۽ اسٽيج جي اداڪارن سان ڀيٽ ڏئي" ناٽڪي "ڪونيو وڃي ٿو، جڏهن ملڪ ۽ عوام جي ڀلي بجاءِ عملي طور تي اهي پنهنجا گهر ڀريندي نظر اچن ٿا، دابي ڪلچر کي هٿي ڏين ٿا ۽ پنهنجي شخصيت کي انتهائي طاقتور ڄاڻائي دهشت پکيڙين ٿا، تڏهن عظيم تاريخي ۽ تهذيبي ماڳ مُهين جي دڙي لڳ ڳوٺ ٻنديءَ ۾ جنم وٺندڙ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي شخصيت انهن کان ڪيڏي نہ مختلف ۽ جُداري محسوس ٿئي ٿي.

سوڀو، جنهن پنهنجي چوراسي سالن جي عمر جي ڪنهن بہ موڙ تي ڪڏهن بہ ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو، جيڪو سندس سفيد ڪپڙي جهڙي" ڪيريئر "تي بدنما داغ جو حوالو بڻيو هجي .هن سياست کي هوش سنڀالڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين عوام جي خدمت واري عبادت جو درجو ڏنو .وڏيرڪي خاندان جو فرد هجڻ جي باوجود ان نظام کي جڙ کان اکيڙڻ لاءِ عملي قدم کنيائين .غريب عوام سان ٿيندڙ هر استحصال خلاف سِرُ ترِيءَ تي کڻي جاکوڙيندڙ هي ٻلوان شخص جيستائين اسان ۾ موجود هو تہ اسان لاءِ وڏي فخر جو باعث ۽ اتساهہ جو سبب هو ۽ جڏهن اسان ۾ ناهي رهيو تہ هن جون

لڪٽيون، ڪتاب ۽ خطاب اسان ۾ انسان ذوستيءَ جي جذبي کي اپاريندا ۽ وڌائيندا رهن ٿا.

ٽنور مل جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سوڀي جي سُياءَ بابت چيو وڃي ٿو تہ بانبڙن پائڻ واري عمر ۾ ٻين جي هٿن جو سهارو وٺڻ بجاءِ هو پنهنجي ليکي ريڙهيون پائي، پنهنجا ڏگ پاڻ ڇونديندو هو .ساهہ جو سڄو ٽنڻ تائين هن پنهنجي ان رَوش کي تبديل نہ ڪيو .لوڪ لهوارو پيو وهندو هو، پر سوڀي جو سفر اوپارئين پاسي ساڳي طاقت، جوش ۽ جذبي سان جاري رهندو هو.استادن جو پرائمريءَ کان وٺي گريجوئيشن تائين بيحد ئي احترام ڪندڙ سوڀي جي اها خوشبختي هئي، جو ننڍي ڪنڊ جي پهرين نوبل انعام يافتہ اديب ۽ شاعر رابندر ناٿ ٽئگور جي درسگاهہ" شانتينڪيتن "مان هن علم جو امرت رَسُ پيتو . ٽئگور جي ذاتي لائبريريءَ مان دنيا ڀر جو ادب پڙهڻ جو موقعو بہ هن جي ئي پُڪي ۾ پيو.

"شانتينڪيتن"، جتي هو سُرَ ۽ سنگيت سان لڳاءُ هئڻ سبب سِتار وڄائڻ جي سکيا وٺڻ لاءِ سنڌ مان شوق سان سيڙجي ويو هو، اتي پنالال داس گپت جهڙي عظيم سياسي استاد جا، سياست بابت املهہ گفتا ٻڌي، سياست جي راهہ جو مسافر ٿي سنڌ پهتو .جتي تنهن زماني ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ انگريزن جي بينڪيت خلاف زوردار آواز اٿارڻ جي نتيجي ۾ هن کي جيل جي لوهي سيخن پنيان واڙيو ويو پر هو نہ مڙيو .نيٺر هن جي نينهن کي اجاري تهائين وڏيڪ اڇو ڪيو .ماءُ پدما ڳوٺ کان کهي جيل ۾ آيس تہ ان جي ڳالهائڻ کان اول کيس چيائين،" امڙ، ڇون ٿا تہ معافي نامو لکي ڏيندين تہ پوءِ آزاد ڪنداسون ئي"".

ماءُ نيٺ ڳوناٽي مزاج جي هئي، جنهن کي توڙي جو اهو پتو نہ هو تہ هو ڪهڙن خيالن ۽ نظرين تحت قيد ڪيو ويو آهي، پر ان لاءِ بہ "معافيءَ" جو لفظ اهڙي گناهہ مثل هيو،

جنهن جي تلافي ناممڪن هئي .تڏهن ماءُ چيس،” معافي ورتئي تہ تجُ نہ بخشيندي سانءِ“.

ٻن اڍائي سالن بعد سوڀو سوڀارو ٿي جيل مان نڪتو تہ وري بہ سياست جي ساڳي ئي واٽ ورتائين .هن جا ٻير“ ٽپ ٽپ ”ڪري وري بہ ساڳي ئي نموني ڊوڙيا تہ نيويءَ جي بغاوت جو ڪيس ۽ فساد جي اڳواٽيءَ جو ڏوهہ مڙهي وري ڪيس جيل موڪليو ويو.

ائين پوءِ ڪڏهن جيل ۾ تہ ڪڏهن ريل ۾ رهندي هن ۾ اهڙي سَگهہَ پيدا ٿي، جيڪا هن جي سويا ساچي ) مها ڀارت جي جوڌي ارجن جو روپ (ڪردار کي بي مثال بڻائيندي وئي .سياست جي محاذ کانسواءِ ادب جي مورچي تان بہ هن اهڙو ئي عمل شروع ڪيو جنهن جي ان وقت جي سنڌ ۽ ملڪ کي بيحد ضرورت هئي .گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي ۽ شيخ اياز جهڙن سرويچن جي ستّ کي هن جي ڏاهپ مان ڏونگر ڏورڻ جو ڏسُ مليو .ائين هڪ ڏيئي مان ٻيا ڏيئا ٻريا .هڪ هٿ ٻين هٿن جي زنجير کي مضبوط ڪيو .هڪ آواز ٻين آوازن جي مدد سان ظلم جي ڀاري برجن کي ڪنبائڻ ۽ ڪيرائڻ جو ماحول ناهيو .سچ، ڪوڙ جا پردا ڦاڙي نڪري نروار ٿيو .ديس جي سينڌ ۾ مٽيءَ بجاءِ سينڌور پيو ۽ سوريءَ سڏ ڪري عاشقن جي مٿي تي شهادت جا موڙ ٻڌا.

اَج اسانجي ملڪ ۾ جيڪا سرت ۽ ساڃاهہ جي ڪڪوري ڪاڪِ پئي وهي، ان کي جبلن جو سينو چيري وهائڻ وارن ڪردارن مان سوڀي جي نانوَ کي بہ اتانهين حيثيت جو حامل قرار ڏنو وڃي ٿو.

ايوب خان جي آمريتي دور ۾ آخري ڀيرو جيل ياترا ۽ ڳوٺ ۾ طويل نظربنديءَ کانپوءِ سوڀو جڏهن آزاد ٿيو تہ ڪجهہ وقت جي ساهي پٽڻ لاءِ هن پنهنجي پارٽيءَ کان اجازت وٺي سياست جي عملي واٽ کي وڪالت جي پيچري ۾ تبديل ڪيو.

مظلوم ماڻهن جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ هو اڪين تي پٽي ٻڌل انصاف جي ديويءَ آڏو با ادب ٿي بيٺو .وقت گذرندو ويو . ڏينهن هفتن ۾ ۽ هفتا مهينن ۽ سالن ۾ پَرَ ڦهلائي اڏامندا، گم ٿيندا ويا .ملڪ جي منظر ۾ ايوب خان ڪانپوءِ يحيٰ خان آيو .جنهن بعد ذوالفقار علي ڀٽي جو نالو اونده ۾ هيري جيان چمڪيو، تان جو پنجين جولاءِ 1977 ع جو ڏينهن سنگين وانگر اپو ٿي هن ملڪ جي سيني ۾ کُپي ويو .روشنيءَ جا ٽمڪندڙ ستارا اونداهن غارن جي حوالي ٿي ويا ۽ 4 اپريل 1979 ع جي ڏينهن اميد جي آخري ڪرڻي کي ڦاهي ڏني وئي.

ان عظيم سانحي بعد 1982 ع ۾ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ هن جي پارٽيءَ جي پانڊيئڙن حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي ملهائي تہ هو وري موٽي پيو .وقتي خاموشيءَ جو بند ڇيهون ڇيهون ٿي ويو .پر اها خاموشي سياست جي حوالي سان نہ، پر ادب جي حوالي سان ٽٽي .سنڌي ادبي سنگت، شاخ بکيءَ ۽ لاڙڪاڻي پاران منعقد ڪرايل ليڪچر پروگرامن ۾ هن اڳ جهڙي جوش ۽ جذبي سان" سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر "۽ "سنڌي ادب جو سماجي ڪارج "جي عنوان تحت ليڪچر ڏنا.

" انجمن ترقي پسند مصنفين "پاران 1986ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪرايل" گولڊن جوبلي ڪانفرنس "۾ شرڪت ڪري سوپو پوءِ وڌيڪ سرگرم ٿي ويو ۽ سندس اها سرگرمي آخر تائين بنا وقفي جي جاري ۽ ساري رهي.

ادب جي ميدان ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترين ڪهاڻين ۽ ٻين ليکن جي خالق سوڀي 1990ڪان باقائدي نئين سر لکڻ جي شروعات اخباري ڪالمن سان ڪئي، جيڪي سهيڙجي ٽن ڪتابن" تاريخ جا وساريل ورق "،" تاريخ ڳالهائي ٿي "۽ "وڏي وٽ هٿام "جي صورت ۾ اسان جي صحافتي ۽ ادبي تاريخ جي اهم اثاثي طور ڳڻيا وڃن ٿا.

انهن ڪانسواءِ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ڪڏهن

بهار ايندو ”جي نالي سان پڻ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. جيڪو ڪهاڻيڪارن جي وڏي سٽ ۾ هن کي مهنداريءَ جي مڃتا بخشي ٿو.

اهي سيئي ڪتاب اردوءَ ۾ اسلم رحيل مرزا ” تاريخ بولتي هي“، ” سنڌ ڪي انقلابي رهنما“، ” انقلابي ڪي موت ” جي نالن سان ترجمو ڪيا جيڪي مختلف ادارن پاران ڏهه ٻارهن سال اڳ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا، جڏهن ته هڪ ڪتاب اسلم رحيل مرزا سوڀي جي ۽ پنهنجي وفات کان ٿورو اڳ ۾ ترجمو ڪري ” ميري يادون ڪي چراغ ”جي سِري سان ڇپايو.

سوڀي جي شخصيت بابت اول اول ڊاڪٽر شاهه محمد مريءَ“ موهن جو دڙو ڪا جوڳي ”ڪتاب لکيو ۽ ڇپايو. جنهن ڪانپورِ هندستان جي اديب نارائڻ ڀارتيءَ“ سويا ساچي سويو”، انور ڏنگڙائيءَ ” مهين جو ماڻهو ”۽ سيد مظهر جميل“ سوڀو گيانچنداني شخصيت اور فن ”ڪتاب لکي پڌرا ڪيا.

روشنيءَ جي پنڌ ۾ ”سوڀي گيانچنداڻيءَ جي آتم ڪهاڻيءَ جو ڪتاب آهي، جيڪو پڻ“ روشني ڪي سفر مين ” جي نالي سان اردوءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪو آهي. ساڳيءَ طرح هن جي يادگيرين جو انور ابڙي پاران سهيڙيل ڪتاب “اکر اکر تاريخ ”به شايع ٿي چڪو آهي.

سوڀي جي حياتيءَ جو هڪ هڪ ورق نوَن ذهنن لاءِ روشن خياليءَ جي حوالي سان اهم ٿنيي جيڏي حيثيت رکي ٿو. هو جيئندو هو روشنيءَ جا خواب ڪٽي، ڳالهائيندو هو اوندهه جي ڪوٺن کي ڪيرائڻ لاءِ، پنڌ ڪندو هو، اهو ڏٽ چوندڻ جي تمنا ۾، جيڪو سنڌ کي، ملڪ کي ۽ سموري عالم کي بک جي باهِ ۾ پسم ٿيڻ کان بچائي ۽ اهڙي زندگي بخشي، جنهن کي ڪڏهن به زوال نه اچي ۽ جيڪا ابد تائين امرتا جون منزلون ماڻيندي رهي.

❊ ❊ ❊

# ساڌن ۽ صوفين جو مذهبي فلسفو

انور پيرزادو

مذهبي نوعيت جي هندن ۽ مسلمانن ۾ سيني کان وڌيڪ سوچيندڙ، دانشور ۽ فلسفي ساڌو ۽ صوفي هئا .ٻئي تحريڪون انت وچي هيڪڙائيءَ تي کن ٿيون پر پنهنجي پنهنجي مذهبي دائري ۾ رهي ۽ مختلف عقيدا ٻڌجي وجن ٿيون .ٻنهي طبقن، گروهن يا تحريڪن جو مقصد مذهب جي روح کي ڇهڻ تخليقي طريقي سان ان جي سمجهاڻي ڏيڻ آهي جا وقتائتي هجي ۽ عوام جي نفسياتي جوڙجڪ لاءِ قابل پڻ هجي .ساڌن ۽ صوفين جو فلسفو پنهنجي دور جو ريڊيڪل فڪر هو، جنهن کي ڇيپائڻ لاءِ وقت جي حاڪمن جتن ڪيا هئا ۽ شاهه عنايت، مخدوم بلاول، ڪنور ڀڳت، ڀٽائي، سچل، سامي وغيره کي قتل ڪرڻ جون ڪامياب ۽ ناڪام ڪيئي ڪوششون ڪيون ويون هيون .حڪمرانن سان گڏ ساڌن ۽ صوفين خلاف اهڙا ٻاوا ۽ ملان به سرگرم هئا جيڪي مذهب کي متاچرو پڙهي، انهيءَ ڪوئي وانگر پاڻ کي پساري ليڪيندا هئا جنهن صرف هڪ هريڙ ڳولي لڌي هئي . مذهبي تنگ نظري هر دؤر ۾ تشدد ڄڻيو آهي ۽ ساڌن توڙي صوفين جو فلسفو پيار، محبت، عشق، امن ۽ غير تشدد وارو هوندو هو، ان ڪري صوفين هڪ دؤر ۾ تشدد کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو غير تشدد وارو فلسفو قائم رکندي به تشدد کي منظم ڪيو هو .ان واقعي کي شاهه عنايت جي هارين واري تحريڪ سڏيو وچي ٿو جنهن کي1717 ع ۾ ڪچليو ويو هو .

سو ساڏو ۽ صوفي سڀني مذهبن جو هڪڙو ئي مقصد سمجهندا هئا ۽ اهو مقصد هو انسان ذات کي وڌ کان وڌ خوش رکڻ، سڌارڻ ۽ شاندارانسان بنائڻ .هونئن بہ دنيا ۾ هاڻي توڙي اڳي جيڪي بہ مذهب، عقيدا ۽ نظريا جوڙيا ويا آهن انهن سڀني جو مقصد انهن کي انسان بنائڻ آهي تہ جيئن هو وحشي جانور وانگي درندو نہ هجي، مفادپرستيءَ ۾ ڪنهن جو ماس نہ کائي وجي، صفائي، سنائي ۽ مذهبي طريقي سان عشق ڪري، شادي ڪري آزاد هجي، ان سوچڻ لاءِ تہ هرڪو مذهب پسند ڪري تو؟ ۽ اهڙيءَ طرح هو سچ ۽ حق جو پرستار ۽ ظلم، ڏاڍ، بي انصافي، ڪوڙ، ناحق ۽ استحصال خلاف مجاهد قسم جو انسان ٿي وڃي تو .مذهب جي روح کي جهڻيندي صوفين ۽ ساڌن پنهنجي فڪر جو پرچار شروع ڪيو .هنن چيو تہ ڀڳوان هر هنڌ وسي تو .ڏٺي هي سڄو جهان ناهيو آهي ۽ هندو توڙي مسلمان بہ انهيءَ جوڙيا آهن .منزل هڪ آهي، راهون بہ آهن .انسان جو زمين تي زنده رهڻ جو مقصد حقيقت کي حاصل ڪرڻ آهي، خدا تعاليٰ سان هڪ ٿي وڃڻو آهي، جيئن قطرو قلزم ۾ پوي .صوفين چيو" :خدا سڀ ۾ وسي تو، زمين تي جو بہ آهي سو خالق جو پرتوو، عڪس يا جزو آهي، خدا جو نور سڀ ۾ آهي" .سچل چيو:

ڪافر مومن ناهيان ير،
آهيان رب جبار،
جيڏيون ڇا ٿيون، پانيو.

يعني مان پاڻ رب جبار آهيان .صوفي، خيال ۾ خيال ملائي جڏهن مستي ۽ وجد ۾ ايندا هئا تہ پوءِ هنن کي هيڪڙائي محسوس ٿيندي هئي، طالب ۽ مطلوب جو ميلاپ ٿيندو هو ۽ خادم مخدوم ٿي ويندو هو، عابد معبود ٿي ويندو هو .بُلا شاهہ چوندو هو:

ڪون هئي ميرا الله،

رب رسول بہ مين هون،

مين هون.

ڀٽائيءَ جي سسئي ۽ پنهونءَ کي علامتي انداز ۾ جيڪڏهن طالب ۽ مطلوب، ساجد ۽ مسجود، مخلوق ۽ خالق سمجهجي تہ پوءِ جڏهن ڀٽائي چوي ٿو تہ:

پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

تہ ان جو مقصد بہ ساڳيو ٿئي ٿو تہ طالب مطلوب بہ ٿي سگهي ٿو، ساجد مسجود بہ ٿي سگهي ٿو ۽ مخلوق خالق بہ ٿي سگهي ٿي.

صوفين توڙي ساڌن جو متو هو تہ، انسان سڀ ڪجھ آهي، هن جو احترام ايترو ڪريو جيترو خالق جو ڪيو ٿا، ڇاڪاڻ تہ مخلوق بہ خالق ٿي سگهي ٿي .وحدت الوجود جي نظرئي مطابق ان ڪان وڌيڪ انسان کي تعظيم ڏيڻ جو ٻيو ڪوبہ طريقو ڪونهي .انسان جيڪي بہ ڪري ٿو اهو خدا تعاليٰ جي اجازت، راضپي ۽ رضا سان ڪري ٿو .صوفين ان فلسفي ذريعي ماڻهن کي اهو سمجهائڻ پئي گهريو تہ، اعليٰ انسان ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻئي انسان جي خدمت ڪريون، شيوا ڪريون ۽ انسان کي ايڏو متبرڪ ۽ مانوارو سمجهون جيڏو پنهنجي اُپائڻهارکي سمجهون ٿا .انسان ۽ ڀڳوان بابت ساڌن جو فلسفو پڻ ساڳيو هو.

حق، سچ ۽ انصاف تي ٻڌل صوفي ڌرم جا پوڄاري ساڌن ۽ ويدانت ۾ ويساھ رکندڙ صوفي ناحق، ڪوڙ ۽ استحصال توڙي پرماريت جا سخت مخالف هئا .اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي وقت ۾ هميشہ مارون٘ڙن، سانگيئڙن ۽ ڪلهي ڦاٽل ڪنجري ۽ ليڙون تيل لوئي پائيندڙ ماڻهن سان نہ رڳو همدرديون رکندا هئا پر انهن جي مفادن کي بچائڻ لاءِ وڙهندا بہ هئا .هنن جي زندگيءَ جو وڏو حصو سماع ۾ گذرندو هو جنهن ۾ هو بي خود ٿي ڳائيندا هئا، هنن تي جذبن

جي مستي ڇانيل هوندي هئي ۽ چوندا هئا ته:
ملان سجدا ڪعبي نون ڪردا،
ساڏا يار پياري نون،
دل تانگهي تخت هزاري نون.
يا وري جيئن پٺائي چيو ته:
قبول ڪونهن پير، مرشد مساڻن ۾.

يعني ته قبن ۾ پير دفنايل آهن ۽ نه مساڻن ۾ ڪو مرشد واسو ڪن ٿا .صوفين ۽ ساڌن پنهنجي دؤر ۾ جيڪي نعرا ڏنا آهن اهي اجا گهڻي وقت تائين هلندڙ نسلن کي اتساهه ڏيندا رهندا.

صوفين ۽ ساڌن جي مذهب جو تت انسان ذات جي خدمت ڪرڻ، انسان پرست ٿيڻ ۽ واقعي اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ انسانن کي تعليم ڏيڻ هو .هنن جي تعليم، تعجب کان مٿانهين هوندي هئي .هو انسان جي ايڪي ۾ ايمان رکندا هئا . مذهبي ڀائيچاري ۽ گڏجي سڏجي رهڻ، گڏ پورهيو ڪرڻ، گڏ پورهئي جو اجورو کائڻ ۽ اجتماعي انساني ترقي لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو درس ڏيندا هئا، آءٌ ته ائين چوندس ته جيڪڏهن جديد اصطلاح استعمال ڪجن ته ائين به چئي سگهجي ٿو ته صوفي ۽ ساڌو پنهنجي دؤر جا سيڪيولر، سماج سڌارڪ ۽ ترقي پسند تحريڪن جا باني هئا.

❊ ❊ ❊

# گرونانڪ ديو

اي .جي .اتم

هر ڪنهن زماني ۾ ان جي ضرورتن آهر نوان ر ہبر پيدا ٿيا آهن، جن انسان جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏنو آهي، ظلم ۽ ڏاڍ کي للڪاريو آهي ۽ اُن کان ڇوٽڪاري جو هڪ نرالو سنيهو ڏنو آهي .هر نئون زمانو، جهوني زماني جي رهبرن جو نہ فقط اپياس ڪري ٿو، پر انهن جي سکيا ۽ سنيهي ۾ جيڪي نئين تقاضا سان نباهڻ وارا عناصر آهن، تن کي کٽي اهو اڳتي وڌي ٿو .هندستان جو 15 کان 18 صديءَ وارو دور اهڙن ڪيترن ئي رهبرن جو دور آهي، جنهن کي" سنت ڪوي " جو دؤر سڏجي ٿو .هنن پنهنجي ڪوتا، گيت ۽ سکيا کي جنتا )عوام (جي جيوت) زندگي (جو انگ بڻايو.

نومبر1469 ع ۾، پنجاب ۾ هڪ اهڙو سنت ڪوي پيدا ٿيو، جنهنجو نالو هو" گرونانڪ ديو "ان وقت پنجاب جو روح انيڪ ديون ديوتائن ، سرڳن نرڳن، سنتن فقيرن، قبرن شمشان پومين وغيره ۾ ڦاٿل هو .گرونانڪ ديو ان روح کي تازگي بخشي .هن هندو مسلم فرقيوار ڪلفت کي" ڀالي "۽" مرداني " جي الفت ۾ تبديل ڪيو .اڻ ڳڻين ديون ۽ ديوتائن جي بدلي "اڪال پرک "جو نالو ڏنو .عام ماڻهن جي دلين مان سنسن ۽ ڀرمن کي ڪڍي انهن ۾ آتم وشواس پيدا ڪيو .هن ڪيترن ئي جهونين ڌرمي رسمن، جهڙوڪ جڻيو پائڻ، پتر ڪارائڻ، مورتي پوڄا ڪرڻ، گنگا نديءَ ۾ مڙدن جي هاڏي وجهڻ وغيره

خلاف آواز بلند ڪيو. تياڳ جي مخالفت ڪيائين ۽ مادي خوشحاليءَ کي بلند درجو ڏنائين. ڏنا ڀڳت جي مکان چوائي ٿو،“ ٻوڪي ڀڳت نہ ڪيجئي، ٻي مالا اپني ليجئي”

گرونانڪ ديو مکيہ طرح پاکنڊ ۽ ڪٽرپڻي، ذات پات ۽ غريب شاهوڪار جي ڀيد ڀاوَ کيٰ.متائڻ ۽ وندي ورهائي کائڻ جي سکيا ڏني. ڏسو تہ ڌرمي ڏيکاءَ پسنديءَ کي ڪيئن نہ پٽون پٽون ڪري ٿو، جڏهن هو چوي ٿو،“ گودڙي پائڻ، ڀيوت لڳائڻ، نادشنک وڄائڻ، مٿو ڪوڙائڻ، مڙهيون مندر پيٽڻ سان ڪو جوڳي نہ بڻجي پوندو، پرُ جيڪو سيني کي هڪ نظر سان ڏسي ۽ هڪ جهڙو سمجهي ۽ نرليپ رهي، سوئي سچو جوڳي آهي”

“جوگ نہ کنٿي جوگ نہ ڊونڊئہ جوگ نہ ڀسم چڙهائيي
جوگ نہ مرندي مونڊ مڙايي جوگ نہ سگي وائيي
انجن ماهہ نر هنجن رهيي جوگ جگتي تئہ پائيي
جوگ نہ ٻاهر مڙهہ مساڻي جوگ نہ تاڙي لائيي
ايڪ درشتي ڪرسہ سر جاڻي، جوگي ڪهيي سوئي”

گرونانڪ ڪوڙن برهمڻن جي بہ چڱي ڇنڇري لاٿي ۽ سچي برهمڻ جو فرض هي ڄاڻايائين:

“سو برهمڻ اجو برهمچاري _ اؤر تري اس گلي ڪل تاري”

هن برهمڻ ۽ اوچي ذات وارن کي صاف چيو تہ “ پنهنجي ذات جو گهمنڊ نہ ڪريو، اهڙي قسم جي ڀاونا (سوچ) مان ئي انيڪ برايون پيدا ٿين ٿيون ”_جيئن چوي ٿو:
“جات ڪا گرب نہ ڪر مورک گنوارا، اس گ رب سي چلهن بهت و ڪارا”.
گرونانڪ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ جو ڪٽر وروڌي (دشمن) هو. جن کي نيچ سمجهيو ٿي ويو، تن سان پاڻ هن سنگت رکي چوي ٿو:

"نيچا اندر نيچ جات، نيچا هوَن ات نيچ.
نانڪ تن ڪي سنگ سات، وڍياسؤن ڪيا ريس"

استري جاتيءَ (عورت ذات) کي بہ ان زماني ۾ ڪن سنتن گهٽ ذات تي سمجهيو .گرونانڪ ان سوچ جي مخالفت ڪئي ۽ استريءَ جي مهما (شان) ۾ آسادي وار چيائين:

"سو ڪئہ مندا آکي ئي، جت جمهن راجان"

يعني :انهيءَ کي خراب ڪيئن ٿو چئي سگهجي، جنهن جي ڪُک مان مها سُورما، حق پرست ۽ انسان دوست جنم وٺن ٿا.

ان ڪري ئي گرونانڪ پاڻ کي هندو مسلم ڀيد ڀاوَ کان بلند رکيو .نہ فقط ايترو، پر هن ان جي زبردست مخالفت ڪئي .ان لاءِ هن پنهنجي سکيا ۾ اهي ويچار ۽ اها ٻولي ڪم آندي، جنهن هنن ٻنهي ڌرمن جي ڪٽرپڻي کي ختم ڪري هڪٻئي جي ويجهو آندو.

هن غريبيءَ کي دنيا ۾ ڏکن جوُ ڪارڻ سمجهيو، ان ڪري هو غريبن جو همراهہ ۽ همراز هو .هڪ هنڌ چيو اٿس، "سڀي سانجهي وال ڪوئي نہ ويسي باهرا جيو ."يعني تہ اسين سڀ عام ماڻهو هڪ جهڙا آهيون ۽ اسان ۾ ٻيو ڪوبہ ڌاريون شخص ڪونهي .هن جي اها سکيا اڄ بہ مشعل وانگر روشن آهي .هو شاهوڪارن کي ڪليو چوندو هو تہ، توهان جو ناڻو مفلسن جي رت ۾ رڱيل آهي ۽ گناهہ کانسواءِ ڪنو تي نٿو سگهي .جنهن وقت بابر بادشاهہ جي لشڪر ايمنٓا باد )سيدپور (شهر تي ڪاهيو، ان وقت گرونانڪ جن اتي هئا شهر جي ڏکدائڪ حالت ڏسي راڳ آسا ۾ پائي مرداني ربابيءَ کان هڪ شند ڳارايائين، جنهن ۾ بہ ، ٽنون هي بہ آهن:

اس زر ڪارڻ گهٽي وڳتي،
اس زر گهٽي خواري،
پايان ٻاجهہ هو وَئہ ناهين،
موئيان ساٿ نہ جائي"

پڳوان جو پاڻو ڪري تسليم نہ ڪيو، پر ان کي طاقتور جو ئي ورثو سمجهيو .ان بي انصافيءَ جي حالت کي ايشور جي اِڇا تسليم ڪري برداشت ڪرڻ بدران، انکي دور ڪرڻ ئي، هن انسان جو ڌرم سمجهيو تي ”

گرونانڪ صاحب محنت کي عظيم درجو عطا ڪيو . هن ڪم کي زندگيءَ جو صحيح رستو سمجهيو .هو ٻنين ۾ هارين وٽ ويو، جن کي اهو آٿت ڏنائين تہ “ سندن ڪم ئي هنن جي عبادت آهي، هو هَر ذريعي زمين ۾ صرف ليڪون نہ ڪڍي رهيا آهن، پر زندگيءَ جا ويد ۽ شاستر لکي رهيا آهن ”. هن ڪرتار پور ۾ خود هاري ٿي ڪم ڪيو ۽ هن عام لنگر جاري ڪيو .اتي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو اچي هر بہ ڪيڙيندا هئا ۽ مفت کاڌو بہ کائيندا هئا .ڀائي ٻالي واري جنم ساکيءَ ۾ ذڪر اچي ٿو تہ، هڪ مسلمان اڳواڻ گرونانڪ صاحب کان بادشاهہ جا فرض پڇيا .گرو صاحب ٻين مکيہ فرضن سان گڏ هيٺيان فرض بہ ٻڌايا:

پاتشاهہ نون فرمايا، سچي آپ خداءِ_
ليوَن خبر غريب دي، بيک فقير ٻڻاءِ_
جو ڀُوکي مردي طعام بن، محنت ڪردي آءِ_
محنت ڪم نہ چلڻا، ڦر چوري ڪار ڪماءِ_
آک دن چوريئون پڪڙيئا، گهت بندي ملئي سزا_
حاڪم اِءَ پڇئا، “ ڪس ڪارڻ ڪيا گناهہ؟”

گناهہ ذمي پاتشاهہ دي، جس ديئا نہ لنگر لاءِ...
جي ڪائي ٺون پاتشاهہ دي، ار محنت لئي ڪراءِ....
جس لائق هو وي ڪار دي، تس ڪار لئي لڪاءِ...
جي ائسي هوءِ جهان وچ، سڀ لگي حلالي جاءِ...

يعني تہ، خدا خود بادشاهہ لاءِ ائين فرمايو آهي تہ، هو فقيري ويس ڪري غريبن جي سار سنڀال لهي .جيڪي کاڌي بنا بک

تا مرن ۽ محنت ڪرڻ لاءِ تيار هئڻ سان به ڪم نه ٿو هلين، ته پوءِ چوريءَ جي ڪار وجي ڪمائين ۽ هڪ ڏينهن چوري ڪندي اهڙو ڪو پڪڙجي پيو، ته سزا ٿي مليس ۽ بنديخاني ۾ گهتيو وجي ٿو. حاڪم ائين ته پڇي ٿي ڪونه ٿو ته" اڳلي ڏوهه ڪهڙي سبب ڪيو؟ "ڏوهه جي ذميواري بادشاهه تي آهي، پوءِ جو هن لنگر جاري نه ڪيو، پر جيڪڏهن بادشاهه ڪائڻ لاءِ ڏئي ته وري محنت به ڪرائي وٺي ۽ جو شخص جنهن ڪم لائق هجي، اهڙي ڪرت ۾ هن کي لڳائي. جي دنيا ۾ ائين ٿئي ته هوند سڀ وجي حلال جي ڪم ۾ لڳن، يعني ته گناهه بند ٿي وجن"

هن مان صاف ظاهر آهي ته گرونانڪ صاحب ڪهڙي حڪومت چاهي ٿي 15_16 صديءَ ۾ جاگيرداري دور ۾ سرڪار کي بيروزگارن کي لائق ڪم نه ڏيڻ لاءِ گنهگار ٺهرائڻ واقعي انقلابي سکيا هئي، جنهن ۾ سماجواد جا عناصر موجود آهن. گرونانڪ صاحب جي اهڙي سکيا جنهن ۾ سماجوادي جزا سمايل آهن، سا اڄ به اهميت واري آهي.

❊ ❊ ❊

# انسانيت جو پرچارڪ
# امر شهيد سنت ڪنور رام

راجڪمار ڪيسواڻي ڪشور

هن پياري وطن جي ڌرتيءَ تي سوين فقير، صوفي، سنت، درويش پيدا ٿيا آهن جن مذهب کان مٿيرو ٿي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪيو. غريب غربي، هاري ناريءَ جي شيوا ڪرڻ انهن پنهنجو فرض ڄاتو، پنهنجون زندگيون انهن لاءِ وقف ڪيون ۽ ان کان سواءِ انهن صوفين هن ڌرتيءَ تي مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري کي پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون صرف ڪيون. انهن انسان دوست صوفين ۾ "ڀڳت ڪنور رام "بابا فريد گنج جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. هتي اسان صرف ڀڳت ڪنور رام جي زندگيءَ جو احوال ڏينداسين.

ڀڳت ڪنور رام جرواڙ ڳوٺ، تعلقہ ميرپورماٿيلو ۾ جنم ورتو. پيءُ جو نالو ڀائي تارا چند هو. ڀائي تارا چند کي تمام گهڻي وقت کان پوءِ هڪ" پٽ "اپريل1885 ع ۾ ڄائو. سندس چهرو چوڏس جي چنڊ سمان چمڪندڙ، ڪنول گل وانگر نرم ۽ گلاب جي گل وانگر ٻهڪندڙ هو. ڪنول گل جي نسبت سان رهڙڪيءَ جي صوفي سنت سترام داس جن نينگر جو نالو ڪنور رام رکيو ۽ کيس آشيرواد ڏنائين تہ،" هي سدائين ڪنول جي گل وانگر نرليپ رهندو "يعني تہ رهندو بہ هن جهان ۾ ۽ هن جهان جي لالچ، لوڀ، آڪڙ، ڪام (جنسي خواهشن) ۽ غصي جهڙين بڇڙاين کان بچي رهندو"

ڀڳت ڪنور رام نئيڊپڻ کان ئي مانيٽي سياءِ وارو هوندو هو. پنجن سالن جي عمر ۾ ئي ماستر ڏائو مل وٽ ان وقت جي رواج موجب هٽڪي پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. ٿوري ئي وقت ۾ هٽڪيءَ سان گڏ حساب ڪتاب بہ سکي ويو.

نون سالن جي عمر ۾ ماتا ڪيس ڪوهر رڏي ناهي ٿالهي ۾ وجهي ڏيندي هئي تہ وڃي سچ جو سودو ڪر. ڀڳت صاحب ڪوهر وڪڻڻ سان گڏ پنهنجي سريلي سنگيت جو مينهن وسائيندو ويندو هو. ڀڳت ڪنور رام صاحب ننڍپڻ ۾ سرسنگيت جي ڏات جو مالڪ هو. ننڍي هوندي کان وٽي هن جي آواز ۾ اهڙو تہ رس ۽ ميناج پريل هو جو جڏهن ڳائيندو هو تہ، پنهنجي سڌ ٻڌ پلجي ويندو هو ۽ پڻ ٻڌندڙ جي سڌ ٻڌ بہ پلائي ڇڏيندو هو. حيات پتافيءَ جي دربار ۾ هاسارام مشهور راڳيندڙ هو جنهن شري ڪنور رام صاحب کي ڳائڻ جي وديا سيکاري.

بالڪ ڪنور رام جڏهن ڏهن سالن جو ٿيو تنهن ڏينهن کان وٽي رهڙڪيءَ جي دربار ۾ رهڻ لڳو. اتي سنتن، فقيرن، درويشن جي شيوا ڪرڻ ۾ لڳي ويو. جڏهن بہ ستگرو سنت ستارام داس ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ڏيندو هيس تہ ڳوٺ وڃي ماتا پتا جي شيوا ڪندو هو.

سنت ستارام داس جو چوڻ هو تہ، ”سچي قرب ۽ نيڪيءَ جي رستي تي هلڻ ڪنن آهي، انهيءَ رستي تي هلڻ لاءِ سر کي بہ قربان ڪرڻو پوي ٿو. انسان تڏهن مکت تي سگهندو جڏهن دنيا ۾ رهي دنياوي ڪمن ڪارين کان پري رهندو. جيئن ڪنول جو گل بہ سدائين پاڻيءَ ۾ رهي پاڻيءَ کان مٿي رهندو آهي“

سنت ستارام داس ڀائي ڪنور رام صاحب جن کي بال اوستا ۾ ئي جامون ۽ چير پهرايا. ڪيس سنڌ جي صوفين جا ڪلام خاص ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح جا ڪلام

ٻڌائيندو هيو ۽ ڪيس نصيحت ڪندو هو ته، سچي ڀڳتي (عبادت) لوڪ شيوا ۾ آهي نه ڪي نوڳي ساڌوءَ وانگر، پاڻ ته چئيهه پرڪارن جا پوڄن ڪائين، عام ماڻهن ۾ شيوا ڌارين ڪي سڪٽي دال، پاڻ ته گرميءَ ۾ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ سياري ۾ بند گرم ڪمرن ۾ ۽ عوام کي آسمان هيٺ ٿڌن تي سمهارين ـ انهن ڪلجڳي ڪپٽين ۽ چيلن لاءِ چيو ويندو آهي ته.

ڀڳت ڪنور رام جي آواز ۾ ايترو ته اثر هيو جو سر سارنگ ڳائڻ سان بادل ٻرجي ايندا هئا ۽ راڳ مارو سان وري وينل شائقينن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هو. پاڻ سائين جن مختلف فرقن جي ماڻهن جون دشمنيون ختم ڪرڻ ۽ پنچائت مان قوت ۽ نفاق جي باهه کي ختم ڪرڻ لاءِ سدائين اڳيرا رهيا .هو ڌرم جي ڀيد ڀاوَ کان مٿي هئا .مسافر خانا ٺهرايائون، رهڙڪي توڙي جروارن ۾ لنگر ڪليل هوندا هئا، جتي ذات پات جي فرق کان سواءِ سيني کي ڪاڌو پيتو ملندو هو.

هر انسان جي ڀلي ۽ بهبوديءَ لاءِ پنهنجي عزت جي به پرواهه نه ڪندا هئا، هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته، مير علي مراد ٽالپر هڪ مسلمان کي ڪنهن ڏوهه هيٺ قيد ۾ وڌو .قيديءَ جي ماءُ ڀڳت صاحب وٽ آئي ۽ عرض ڪيو ته " منهنجي ٻچڙي کي بچاءِ نه ته اسان جو گهر تباهه ٿي ويندو، الله جو واسطو اٿئي ".مائي جي واتان الله جو نالو ٻڌي ڀڳت صاحب مير صاحب وٽ ويا ۽ مير صاحب قيديءَ کي آزاد ڪندي چيو ته، آئينده لاءِ اهڙا سوال نه ڪجو، چو ته ائين ڪرڻ سان اسان جي حڪومت جو چرخو نه هلي سگهندو، تنهن تي ڀڳت صاحب چيو ته،" ڏاڙهيءَ جو انجام آهي اڳتي ائين نه ٿيندو " ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڀڳت صاحب جن وٽ ساڳيءَ طرح ٻي قيديءَ کي ڇڏائڻ لاءِ الله جو نالو وڌو ويو .جنهن ڪري ڀڳت صاحب مير صاحب وٽ ويو .مير صاحب ڀڳت صاحب کي آيو ڏسي چيو ته،" اوهان ڏاڙهيءَ جو انجام ڏنو هو، پوءِ وري اهو

سوال ڪٿي ڪيئن آيا آهيو "ڀڳت ڪنور رام صاحب وراڻيو تہ، " الله جي نالي وجهڻ تي اسان تارازي ڪٿي هڪ طرف الله جو نالو ۽ ٻئي طرف پنهنجي ڏاڙهي وڌي سين تہ الله جو نالو ڳرو تي پيو وري پنهنجي مرشد جي، پيءُ ۽ ڏاڏي جي ڏاڙهي بہ وڌيسين تڏهن بہ الله جي نالي وارو پاسو ڳرو تي پيو، تنهن ڪري اسان تنائي نہ سگهياسون "ڪنور رام صاحب جن جا اهي وچن ٻڌي مير صاحب کي رحم پيو ۽ ڀڳت صاحب جو ڇيو نہ موٽايائين.

انهن ڪمن کان علاوه غريب ڇوڪرين جي شادي ڪرائڻ، ڳئون شالائون نهرائڻ، غريب غربي ۽ ڪنهن حاجتمند کي خالي نہ موٽائڻ، انهن لاءِ ميڙ مان چندو ڪري انهن حقدارن کي پئسا ڏيڻ، مطلب تہ پاڻ کان جيڪو بہ نيڪيءَ جو ڪم پڄندو هين تنهن کي پورو ڪري پوءِ ڇڏيندا هئا، نہ ڪي اڄڪلهہ جي ڦورو ۽ نوڳي باون ۽ سنتن وانگي تہ پوڄا پاٺ جو پئسو پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي ملڪيت سمجهي پنهنجي هار سينگار ۽ ننڌ نانگر تي خرچ ڪندا.

1930ع کان پوءِ اهڙي ڪا واءُ گهلي جو سنڌ ۾ رهندڙ عوام مذهبي بنيادن تي هڪ ٻئي جا دشمن تي پيا، اهو اثر هيو تنگ نظر فرقي پرست ۽ متعصب مهاسيائي اڳواڻن ۽ ملن جو، جن پنهنجي گروهي ۽ طبقاتي مفاد خاطر سنڌ جي عام، ابوجهہ ۽ سادي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو، بدقسمتيءَ سان اهڙي منحوس سازش کان ڀڳت ڪنور رام صاحب جهڙو پراپڪاري ۽ لوڪ شيوڪ بہ بچي ڪونہ سگهيو.

27آڪٽوبر1939 ع تي ڀڳت صاحب جن کي مانجهاندن ۾ هڪ بزرگ جي ورسيءَ تي وڃڻو پيو .اتان ڪين دادو اچڻ لاءِ عرض ڪيو ويو جيڪو سائين جن قبول ڪيو .مانجهاندن کان ٽيندا جڏهن (ڀهرين) انومبر تي دادو پهتا تہ اتي سهٽي

ويو هجي .اهڙو ماتم سڄي سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن مهاتما جو
ٿيو هجي .هر ڪنهن ڳوٺ توڙي شهر ۾ پئنچائتن شوڪ جا
ٺهراءَ پاس ڪيا ۽ هندو مسلم بزرگن سندن يادگيريءَ ۾ شرڌا
جا ڦول چاڙهيا .سنڌ جي هندن ڀڳت صاحب جي شهادت تي
ماتم جي خيال کان ڏياريءَ جو ڏڻ بہ نہ ملهايو.

❊ ❊ ❊

# سنڌ جا سپوت

ڊاڪٽر فهميده حسين

اڄ آئون جڏهن سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ٻي لوث خدمت ڪندڙ سپوتن تي لکڻ لاءِ ويٺي آهيان تہ ورهاڱي کان اڳ جا جيڪي نالا ذهن تي هُري آيا آهن انهن ۾ سواءِ مرزا قليچ بيگ جي يا هڪ ٻن ٻين عالمن جي، گهڻي ڀاڱي اسان جا هندو سنڌي عالم تمام اڳيرا آهن،جن جو ڪم ۽ علمي پورهيو اهڙو آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۽ سماج تي تمام پختي پيڙهہ مهيا ڪري ڏني.

انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کي نئين سر ترتيب ڏياري جڏهن سرڪاري مڃتا ڏني ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ڏيڻ کان پوءِ اسڪولن ۾ رائج ڪيو يا سرڪاري عملدارن لاءِ لازمي قرار ڏنو تہ هن سڀ کان اول سنڌي درسي ڪتابن جي ضرورت پيش آئي، ان کانسواءِ گرامر جا ڪتاب، ڊڪشنريون ۽ ادبي علمي موضوع تي مختلف ڪتاب پڻ گهربل هئا. اهي تيار ڪرائڻ لاءِ عالمن کي دعوتون ڏنيون ويون جن وسان ڪين گهٽايو ۽ توري ئي عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو دامن وسيع ۾ڪان وسيع تر ٿيندو ويو ۽ سنڌن تحقيقي ۽ تخليقي ڪاوشون منظر عام تي آيون.

سنڌي ٻوليءَ جو پهريون درسي ڪتاب "با بنامو" ديوان ننديرام تيار ڪيو، جنهن کانپوءِ ٻين مضمونن جا ڪتاب عالمن لکيا. سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ترجمو ٿيل ناول راسيلاس هو جيڪو اڌارام ٿانور داس ترجمو ڪيو. ان دور

جا ڪي مشهور نالا تا ڏسجن تہ ديوان ڪوڙو مل چندن مل، ڪاڪو پيرو مل، ڊاڪٽر هوتچند، مولچند گربخشاڻي، لعل چند امر ڏنو مل، جهمٽ مل نارو مل وسناڻي، ديوراج ناگراڻي، گلاب راءِ، پرمانند ميوارام، منگها رام ملڪاڻي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي نالا سنڌي ادب جي تاريخ ۾ تمام اهم جاءِ والارين ٿا. اسين جيڪڏهن رڳو سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ٻڻ بنياد ۽ تاريخ ڊڪشنرين وغيره جوڙڻ جي ڏس ۾ ادبي تاريخن تي نظروجهون تہ ڪيترائي اهم نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. جن مان ڪن جو پورهيو هت ڳڻائجي ٿو.

جهمٽمل نارو مل وسناڻي: هي هڪ تمام وڏو عالم هو جنهن سنڌي ٻوليءَ جو سنڌيءَ ۾ پهريون گرام جو ڪتاب لکيو جنهن جو نالو هو "نئون سنڌي ويا ڪرڻ" جيڪو 1892ع ۾ ڇپيو، ان کان سواءِ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت لفظن جي نالي سان تيار ڪيو، اها هڪ قسم جي لغت هئي جنهن ڪي اشتقاقي لغت چئبو آهي. ان کانسواءِ "شاهہ جا بيت"، "ايڊيش" ۽ "ديسي حسابن جو ڪتاب" اسڪولي ٻارن لاءِ لکيائين،هو پاڻ بہ شڪارپور جي هڪ اسڪول ۾ استاد هو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي جنهن ٻئي ماڻهوءَ جو اهم ڪم آهي سو آهي پيرو مل مهرچند آڏواڻي، جنهن کي اسين پيار ۽ احترام مان ڪاڪو پيرومل لکندا آهيون، هي اهو روشن ستارو آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ تي وڏا وڙ ڪيا آهن ۽ تمام گهڻي تحقيق ۽ کوجنا ڪري لکيو آهي ۽ جڻ تہ پنهنجي حياتي ان لاءِ ارپي ڇڏي ۽ چاليهارو ڪتاب لکيا. انهن مان ڪي ٻوليءَ تي، ڪي سنڌ جي تاريخ تي تہ ڪي وري شاهہ لطيف تي لکيائين، ناٽڪ ناول، ڪهاڻيون ۽ شاعري ان کانسواءِ اٿس، منهنجي پنهنجي ڪٿ مطابق سندس لکيل ڪتابن مان "قديم سنڌ" "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" لطيفي سير ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جو ڪتاب "وڏو سنڌي

ويا ڪرڻ تمام اهم ۽ اعليٰ درجي جا تحقيقي ڪتاب آهن ۽ هڪ لغت ”غريب الغات جي نالي سان جوڙيائين، ’غريب‘ سندس تخلص هو، پيرو مل مهر چند هڪ ماهر لسانيات ۽ وڏو عالم هو. سندس تعلق حيدرآباد جي آڏواڻي ڪٽنب سان هو. پيرو مل جو شاعريءَ سان بہ شغف هو جنهن ۾ ’غريب‘ تخلص هئس، سندس هڪ تمام مشهور نظم ٻاراڻي ڪتاب ۾ شامل رهيو آهي ان جا ٻول آهن.

مون کي ڪنهن تي ڪير پياريو
پيار منجهان تي گود ويهاريو
خوش تي هر هر مون ڏي نهاريو
منهنجي امڙ، منهنجي امڙ.

ڊاڪٽر هوتچند، مولچند گربخشاڻي:

سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ڊاڪٽر ٽرمپ جرمنيءَ مان سندس رسالو ڇپرائي پڌرو ڪيو پر ان کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارو پهريون ماڻهو ڊاڪٽر گربخشاڻي هو جنهن رسالي کي جديد انداز ۾ مرتب ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي بهترين شرح ڪئي آهي ۽ ”مقدمہ لطيفي“ جي نالي سان لکيل پنهنجي مهاڳ واري مقالي ۾ نہ صرف شاهہ جي شاعريءَ جي خوبين کي نروار ڪيو پر ان ۾ موجود تصوف ۽ ٻوليءَ تي بهترين انداز ۾ تحقيق ڪري لکيو، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ لطيف تي باقاعدي جديد انداز ۾ تحقيق ڪرڻ وارو گربخشاڻي پهريون ماڻهو هو. هن جو تعلق بہ حيدرآباد سنڌ سان هو. هن بي مثال عالم لنڊن يونيورسٽيءَ مان ”انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف“ جي عنوان تي پي ايچ ڊي ڪئي هئي ۽ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ استاد ۽ پوءِ پرنسپال تي رهيو. گربخشاڻيءَ سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب لکيا پر سندس

"شاهه جو رسالو" ۽ "مقدمہ لطيفي" پنهنجو مٽ پاڻ آهن جنهن جي ڪري هو سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ امر ڪردار ليکيو وڃي ٿو.

پرمانند ميوارام:

جڳ مشهور سنڌي اخبار جوت جي ايڊيٽر ۽ ان ۾ لکيل سندس مضمونن جي سهيڙيل مجموعي "گل ڦل" جي خالق پرمانند ميوارام جنهن پورهيي جي ڪري امرتا ماڻي ۽ اڄ ٻہ هند سنڌ ۾ چاتو سڃاتو وڃي ٿو سو آهي سندس طرفان سنڌي انگريزي (1910ع) ۽ انگريزي سنڌي ڊڪشنري (1933ع) جي جوڙ ۽ ڇپائي، هو هڪ اهڙو لغت نويس هو جنهن انهن ٻن لغتن جي ذريعي جڻ تہ پوءِ جي لغت نويسن کي هڪ بنياد مهيا ڪري ڏنو جن سندس ٻنهي لغتن مان استفادو ڪري ٻيون لغتون جوڙڻ ۾ مدد ورتي جن ۾ "جامع سنڌي لغات" بہ شامل آهي. اهي ٻہ ڊڪشنريون اڄ بہ سنڌ توڙي هند ۾ ڪيئي ڀيرا ڇپجي چڪيون آهن. پرمانند ميوارام 1866ع ۾ حيدرآباد جي هڪ عامل گهراڻي ۾ جنم ورتو، پر پوءِ عيسائي مذهب اختيار ڪيائين، پرمانند ميوارام لڳ ڀڳ 22 ڪتاب لکيا، جن ۾ گهڻي قدر اخلاقي موضوع يا عيسائيت جي پرچار وارو مقصد نظر اچي ٿو، پر سُندس نثر تمام سهڻو ۽ وڻندڙ آهي، جنهن ۾ تمام گهڻو ميناج آهي، هن سنڌي اخبار 'جوت' جي ذريعي بہ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻي خدمت ڪئي، هو بينادي طرح استاد هو ۽ سندس لکيل ڪيترائي سبق سنڌي درسي ڪتابن ۾ ٻارن کي پڙهايا ويندا هئا، پرمانند ميوارام سنڌ جو اهو سپوت هو جنهن سنڌي ٻوليءَ جي پيڙهہ کي پختو ڪيو، هن 1938ع ۾ لاڏاڻو ڪيو پر اڄ بہ سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي.

## منگهارام ملڪاڻي:

سنڌ ادب ۾ ايم اي ڪندڙ هند ۽ سنڌ جا شاگرد ۽ استاد هڪ ڪتاب ضرور پڙهندا آهن، سو آهي ”سنڌي نثر جي تاريخ“، هيءَ ڪتاب سنڌي نثر تي ڏار ڪتاب طور لکيل پهريون ڪتاب هو، جنهن ڪان پوءِ ٻيا ڪتاب لکيا ويا، هي سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ تمام اهم ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌي ناول، افسانې، مضمون ۽ ڊرامي جي فن ڪانسواءِ اوسر تي ڀرپور انداز ۾ لکيو ويو آهي،خاص ڪري ڊرامي جي فن تي پهريون ڀيرو تمام گهڻي تفصيل سان لکيل آهي ان ۾ نه صرف تيرڪن ۽ سنڌن ناٽڪن جو احوال آهي بلڪ ورهاڱي کان اڳ انهن ناٽڪن کي اسٽيج تي پيش ڪندڙن ۽ انهن ۾ اداڪاري ڪندڙن جو ٻه احوال موجود آهي. ملڪاڻيءَ جو جنم 1896ع ۾ ٿيو هو هڪ ئي وقت عالم، اديب، نقاد، مؤرخ ۽ پروفيسر هو، پروفيسر ملڪاڻي جو پڻ حيدرآباد سنڌ سان تعلق هو، پر پوءِ ڪراچي جي ڊي جي ڪاليج ۾ اُستاد مقرر ٿيو ته اتي ئي رهائش اختيار ڪيائين، جتي هو سنڌي ساهت منڊل جو صدر هو، هن جا 22 ڪتاب لکيل آهن. هن 1980ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. هن کي سنڌي اسٽيج ڊرامي يا ناٽڪ جو باني پڻ چيو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان سندس محبت جو اهو حال هو جو هن ورهاڱي وقت ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ اتي ٻه انهن جي ترقيءَ ۽ پلائيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ 14 سال 1949کان 1962ع تائين سنڌي ساهت منڊل جو صدر رهي نئين ٿهيءَ جي ليکڪن جي همت افزائي ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ هڪ قومي ٻولي تسليم ڪرايو ان لاءِ ڀارت جي صدر ڊاڪٽر راجندر پرساد کي قائل ڪ و جنهن 1967ع اهڙو اعلان ڪيو.

علم ادب ڪانسواءِ ڪيترن سنڌي هندو شخصيتن جا

نالا تعليم، سماجي ڀلائي ۽ ٻين فلاحي ڪمن جي ڪري مشهور آهن جن مان ڪن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو.

ساڌو هيرانند آڏواڻي:

هن جو تعلق حيدرآباد جي عامل گهراڻي سان هو ۽ سندس مشهوريءَ جو سبب سندس تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ جي شعبن ۾ خدمتون آهن. هن سڀ کان پهرين " يونين اڪيڊمي" حيدرآباد ۾ برپا ڪئي جنهن جي ذريعي نوجوانن خاص ڪري ڇوڪرين جي تعليم لاءِ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو، ان سان گڏ " سنڌ سڌار " نالي هڪ اخبار به جاري ڪيائين جيڪا گهڻو ڪري . سنڌي ٻوليءَ جي پهرين اخبار هئي. هن ڪي هڪ ٻئي سڄاڻ شخص رشي ديارام گدومل " سنڌ جي آتما " سڏيو آهي ڇو ته هن سنڌ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو.

ساڌو ٽي ايل واسواڻي:

ٿانور داس ليلارام واسواڻي 1879 ۾ جنم ورتو ۽ هن سنڌ ۾ تعليم جي فروغ لاءِ، خاص ڪري نياڻين جي تعليم لاءِ هڪ تحريڪ هلائي جنهن جي ذريعي حيدرآباد ۾ ڇوڪرين لاءِ مشهور اسڪول " ميران اسڪول " قائم ڪيو جيڪو هيرا آباد ۾ اڄ به موجود آهي ۽ هاڻي ميران ٻائي گورنمينٽ پائلٽ اسڪول جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هن اسڪول جون سنڌ جي سماج لاءِ وڏيون خدمتون آهن. اڄ به ڪيئي مشهور هستيون اهڙيون موجود آهن جن ان اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي ۽ سنڌي سماج جي خدمت ڪئي. منهنجي ابتدائي تعليم پڻ ميران اسڪول مان ٿي. هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ هن ڪيئي ڪتاب لکيا ۽ سماجي ڪم ڪيا، جنهن جي مڃتا ۾ کيس ڪيئي انعام اڪرام مليا ۽ هن جي احترام ۾ هڪ ٽپال جي ٽڪلي جاري ڪئي . پوني جو درشن ميوزيم

هن جي زندگي تي آڏارت ميوزيم آهي. هن جو ”ساڌو واسوائي مشن“ اڄ بہ هلندڙ آهي.

## ديوان ڏيارام ڄيٺمل:

سنڌ ۾ تعليمي خدمتن جي حوالي سان ڏيارام ڄيٺمل جي قائم ڪيل ” ڊي جي سنڌ ڪاليج“ جو نالو تمام اهم آهي. ڏيارام ڄيٺمل هڪ تمام گهڻو سخي سرنديءَ وارو فرد هو جنهن جي ڪوشش سان 1887 ۾ هڪ بنگلي ۾ اهو ڪاليج قائم ڪيو ويو ۽ ساڳي سال وفات ڪيائين ان ڪري ان تي سندس نالو رکيو ويو.

## راڄ رشي ديوان ڏيارام گدومل:

هي ديوان حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ سڄي ڄمار سنڌي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هن هڪ سياسي تنظيم ” سنڌ سڀا “ جو بنياد وڌو جنهن سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ آواز اٿاريو ۽ هڪ اخبار بہ جاري ڪئي جنهن جو نالو هو ” دي سنڌ ٽائيمس “ جنهن ۾ هن ڪيترائي ليک لکي سنڌ جي سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو. هن ڀهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ ڀڳوت گيتا جو ترجمو ڪيو جنهن جو نالو هو Essence of Bhagwat Geeta جيڪو 1893 ۾ ڇپيو. هن شاهہ لطيف تي بہ ڪافي ليک لکيا جيڪي سندس ڪتاب Something about Sindh ۾ ڇپيا. حيدرآباد ۾ نفسياتي مريضن جي اسپتال جي قيام ۾ هن جو وڏو حصو هوجيڪا پوءِ سندس نالي پنيان سڏي وئي.

اڪثر تاريخن ۾ هن کي ڏيارام ڄيٺمل سان منجهايو ويندو آهي جنهن ڊي جي ڪاليج قائم ڪيو هو جڏهن تہ ديوان ڏيارام گدومل حيدرآباد ۾ قليلي تي قائم بوائز ڪاليج جي قيام ۾ مدد ڪئي هئي ان ڪري ڪجهہ وقت 1928 کان ان ڪاليج کي ”ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج“ پڻ سڏيو ويندو هو پر هاڻي ان کي گورنمينٽ بوائز ڪاليج قليلي حيدرآباد سڏيو وڃي ٿو.

پروفيسر رام پنجواڻي:

1911 ۾ لاڙڪاڻي ۾ ديوان خاندان ۾ جنم ورتو، سندس والد زميندار هو ان ڪري هن کي سنڌ جي ڳوناڻي ڪلچر سان پيار هوءِ ان جي ادب ۽ ورثي جي حفاظت جو اونو هئس. 1934 ۾ بي اي ڪرڻ کان پوءِ ڊي جي ڪاليج ڪراچي ۾ استاد مقرر ٿيو. هن کي آرٽ خاص ڪري موسيقيءَ سان خاص لڳاءُ هو ۽ ڪاليج ۾ ثقافتي سرگرمين کي ڀرپور هٿي ونرايائين. ورهاڱي وقت هن کان پوءِ هن ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ قائم ڪرايو ۽ ان جو پهريون سربراه مقرر ٿيو. هن کي ڀڳت ڪنوررام جيتري اهميت ۽ شهرت حاصل هئي ڇو ته هن سنڌي لوڪ موسيقيءَ خاص ڪري" ڀڳت" کي نئون رنگ ڏنو ان لاءِ " منڪي " وڄائيندو هو، ڪا ٻه آڪاڻي ڪٽندو هو ته ماڻهو جهومي اٿندا هئا، هو ليکڪ به سٺو هو. سنڌ ۾ هن جو ناول "پدما" ڇپيو هو، باقي ڪتاب هند ۾ ڇپيا. هن سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي آئين ۾ تسليم ڪرائڻ لاءِ پڻ گهڻي جدوجهد ڪئي ۽ بمبئيءَ ۾ " سيتا سنڌو پون" جو بنياد وڌو جتي اڄ ڏينهن تائين سنڌي ڪلچر کي پيش ڪيو ويندو آهي. هن کي هند سرڪار 1981 ۾ " پدم شري " ايوارڊ سان نوازيو.

دادي ليلاوتي هرچنداڻي:

تازو 101 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويل دادي ليلا هڪ ديومالائي ڪردار ڇئي سگهجي ٿي جنهن جهڙا ڪردار صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هوءَ هڪ ئي وقت استاد، سماج سڌارڪ، گائڪ، موسيقيءَ جي ماهر ۽ انتهائي محب وطن خاتون هئي جنهن سنڌ جي باشندن خاص ڪري نياڻين کي تمام گهڻو اتساهيو. هوءَ نياڻين جي جي تعليم جي وڏي ۾ وڏي چئمپين هئي ۽ پنهنجي سموري حياتي ان مقصد لاءِ

اربي ڇڏيائين. حيدرآباد ۾ 1916 ۾ جنم وٺندڙ دادي ليلان صوفي طبيعت رکندڙ عورت هئي. هن دين ڌرم ۽ ٻين مت ڀيدن کي پاسيرو رکي سنڌ جي ماڻهن جي تعليم جي ميدان ۾ رهنمائي ڪئي ۽ گهر گهر وڃي ڀهراڙين توڙي شهرن جي ڇوڪرين جي مائٽن کي نياڻيون پڙهائڻ لاءِ قائل ڪيو ۽ هزارن جي تعداد ۾ ڪين اسڪولن تائين پهچايو ۽ ڪيترن ٻي پهچ ۽ غريب ڇوڪرين جي پنهنجي هٿان وڙان مدد ڪئي ته جيئن اهي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهن. تعليم کاتي ۾ وڏن وڏن عهدن تي رهڻ سان گڏ هوءَ پارليامينٽ ميمبر به بڻي پر هن پئسو ڪمائڻ بدران عزت ڪمائي ۽ سنڌ جي هڪ سدوري ڌيءُ ثابت ٿي. هن”ناري سيا “ نالي تنظيم قائم ڪري سماجي ڀلائيءَ جا ڪيترا ڪم ڪيا.

ڇئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي سرزمين پنهنجي مٽيءَ مان ڪيئي اهڙا املهه ماڻڪ پيدا ڪيا جن سندس مان وڌائڻ لاءِ هر طرح جي خدمت ڪئي ۽ ڌرتيءَ، ٻوليءَ ۽ ديس واسين سان نينهن نڀايو.

❊ ❊ ❊

# ديوان امرت راءِ حشمت رامِ جئسنگهاڻي

## هڪ دياوانءَ صوفي منش
## جيئل اوڏ



ديوان امرت 3-جون 1903ع اربع ڏينهن، 6-ربيع الاول 1321هجري، 21-ڄيٺ 1960 بڪرمي سنبت ڳوٺ طيب تعلقي رتيديري ضلع لاڙڪاڻي جي هڪ مشهور ۽ شاهوڪار هندو گهراڻي جي ديوان حشمت راءِ جئسنگهاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو. کيس 12-13 هزار جريب ساريالي زمين، عاليشان عمارتون، ماڙيون ۽ فيڪٽريون هيون. ان کان علاوه ڀليون مينهون، ڳئون ۽ ڀلا گهوڙا موجود هئا.

ديوان امرت جو والد- فقير محمد حسن ڪندڙيءَ جي گاديسر جو طالب هو، ديوان امرت جو ننڍو ڀاءُ ديوان آتما رام جن وري صوفي صفي الله صاحب نوشهرائي جن جا عقيدتمند ۽ مريد هئا. ديوان امرت راءِ جن ا-ح جئسنگهاڻي ۽ ادبي

تخلص "سام" جي نالي سان هميشہ ياد ڪيا ويندا.
جامع سنڌي لغات ۾ "سام" جي معنيٰ لَڄَ، امانت، پناهہ، اَجهو، اوٽَ، بچاءُ، رکيا، سرن، حفاظت، پنارو، اڙ، حمايت، ذمو، عيوضو، بدلو، صدقو ۽ پيش ڄاڻائي ويئي آهي.
سام صاحب جڏهن هوش جي عالم ۾ قدم رکيو تہ ڪيس طيب جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، ان بعد رتيديري ۽ شڪارپور مان انگريزي تعليم حاصل ڪيائين.
سن 1919ع ۾ تعليم کي خيرباد چئي مهاتما گانڌيءَ جي هلچل ۾ گهڙيو ۽ سوديشيءَ پرچار ۾ بهرو ورتو. پوري هندوستان ۾ انگريزن کان وطن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تحريڪون هلي رهيون هيون ۽ عدم تعاون جي تحريڪ کي موثر بنائڻ لاءِ شري ليلا رام سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو سات ڏنو ۽ ڏينهن رات چندو جمع ڪري شڪارپور ۾ قومي اسڪول قائم ڪيو، جتي نوجوانن کي انگريز سرڪار خلاف جدوجهد ۽ هلچل بابت مڪمل تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ويئي.
1919ع ۾ سام مهاتما گانڌي سان ملڻ لاءِ بمبئي ويو ۽ ملاقات نہ ڪري سگهيو. پر هي سترهن سالن جو نوجوان پنهنجي جذبي ۽ جنون جي حد تائين سچو هو، سو بمبئي مان واپس شڪارپور اچي ساڌو واسواڻي سان گڏجي "عدم تعاون" تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.
1920ع ۾ فرينچ مدبر موسيو پال رچرڊ سان ملڻ جي شوق ۾ وري بمبئي ويو ۽ شملي کان پنجاهہ ميل پري هماليہ جبل تي ساڻس مليو ۽ ان سان اٽڪل ڏهہ ڏينهن گڏ گذاريا.
ڪجهہ عرصي بعد پال رچرڊ جي دعوت تي ايڪويهين سالن جي عمر ۾ هي سيٺ حاتم علوي سان گڏجي ولايت ويو، اتي وڃي، سئزرليند جي پهاڙن تي پال سان ملاقات ڪيائين.
هتان ئي ديوان سام سياست کي الوداع چئي. فلسفي ۽ زندگي ڏانهن لاڙو ڪيوءِ محسوس تيس تہ پڙهڻ ۽

ڪڙهڻ جدا ڳالهيون آهن، علم عقل ڪان سواءِ نامڪمل آهي، زندگي جي معنىٰ چرپر، ڏسڻ پسڻ، غور ڪرڻ، سمجهڻ، روئڻ، مسڪرائڻ، ڪاوڙ، غيرت، پيار ۽ محبت آهي.

تصوف، فلسفي ۽ انسانيت جي خدمت امن محبت جي اصولن هن تي وڏو اثر ڪيو ۽ سال 1930ع ۾ گارڊن ڪراچي ۾ هڪ ادبي ادارو "اڪبر آشرم" نالي قائم ڪري هندو مسلم ۽ ڪرسچن ڪي ويجهو آڻڻ لاءِ جتن شروع ڪري ڏنا. (آشرم، ساڌن، سنياسن جي رهڻ واري جاءِ، مڙهي ۽ ڪُٽيا ڪي چيو ويندو آهي).

1934ع ڌاري سام صاحب پنهنجي خانداني ڳوٺ طيب موٺي آيو، هن پنهنجي اباڻي زمينن جي سار سنڀال لهڻ ڪان علاوه هارين ۽ ڳوٺ جي عوام لاءِ سماجي پروگرام ترتيب ڏنا، جنهن ۾ سماجي ترقي لاءِ ڪوآپريٽو اسٽور پراجيڪٽ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن پروگرام هيٺ پنهنجي مدد پاڻ اصول تحت سستيون، سُنيون دوائون ۽ زمين لاءِ اعلىٰ سستا ٻج فراهم ڪرڻ شامل هو. هو ڪڙمين ۽ نوڪرن سان انصاف وارو رويو ۽ سلوڪ رکندو هو. غريبن ڪي ڏک سُک ۾ مدد ڪرڻ، بيروزگارن ڪي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سان لڳائڻ، ڳوٺ ۾ امن لاءِ فيصلا ڪرڻ ۽ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيترا سال هر هفتي "پريتي پوڄن" ڪندو هو، (پريتي پوڄن جو مطلب مالڪ ۽ نوڪر جو گڏجي ماني کائڻ آهي).

پاڻ هڪ بهترين حڪيم بہ هو، ڳوٺن ۾ غريبن جو مفت علاج ڪندو هو، ٻاهر نڪرڻ وقت بہ سفر ۾ خدمت خاطر هر وقت دوائون ساڻ کڻندو هو، پاڻ ٿورو ڪائيندو هو، ٿورو ڳالهائيندڙ هو، پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڌوئيندو هو ۽ زمين تي هيٺ سمهندو هو.

سام صاحب 1938ع ۾ عشق جي ٻي شادي ڊاڪٽر سرلا ديوي سان ڪئي. زندگيءَ جي پهرين حصي ۾ امير سوچ ۽

زندگي گذارڻ واري سام کي حضرت عشق کيس فقير ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ سڄي زندگي خلوص، محبت، صداقت، عجز، نوڙت ۽ قرباني جي اصولن جي سهاري گهاري.

ديوان سام ادبي حلقن ۾ وڏي شهرت ۽ عزت ماڻي، سندن سنڌي ڪتابن ۾، پينو جي سوغات جيڪو نثري نظم ۾ آهي، سندس ٻيو ڪتاب "آتم باغ" جيڪو تمثيلي ڪهاڻين تي مشتمل آهي. رباعيات تي مبني ڪتاب "دل جو جام سدا ڀرپور" هڪ سٺو ادبي شاهڪار آهي، سندن ڪتاب "تون ۽ مان" بہ هڪ شاندار ڪتاب آهي.

هرهڪ سنڌي ڪتاب جي قيمت هڪ روپيو آهي، ڪتاب تون ۽ مان پڪي جلد واري جي قيمت ڏيڍ روپيہ يعني هڪ روپيو ۽ پنجاهہ پئسا مقرر هئي. ايئا جو آواز جي قيمت پنجاهہ پئسا جاڻايل آهي.

سام صاحب هيٺيان ڪتاب انگريزي ۾ لکيا، هرهڪ ڪتاب جي قيمت هڪ روپيو ۽ پنجاهہ پئسا آهي يعني ڏيڍ روپيو.

1. Temple of Joy
2. Spiritual Life
3. Talks with Eeyaa
4. The Vision of Life
5. Dialogues in an Ashram
6. If Truth at last be told
7. The Model village to be Brought out.
8. The path wisdom (Allegorical)
9. The Beggar's gift (Prose poems)
10. The garden of Soul (Allegorical Stories)
11. Thou & I (Prose poems).

هنن ڪتابن کان علاوه سنڌي ۽ فارسي شاعري ۾ بہ سندس ديوان شايع ٿيل آهن. هن جي ڪتاب تي هند سنڌ يورپ

۽ مشرق وسطيٰ جي ملڪن جي اديبن به تبصرا لکيا آهن.

سال 1947ع ۾ هندوستان جو ورهاڱو ٿيو ته پاڪستان وجود ۾ آيو ماڻهو سنڌ مان هند ويا ۽ هند کان سنڌ آيا.

ڪليمن جي ڪرامات سان امير غريب ته وري لُٽيل هٿين خالي آيل غريب امير ٿي ويا. هُتي جيڪي هاري هُيا سي هِتي وري زميندار ٿي ويا ۽ جيڪي هِتي زميندا هئا ڪوڙن ڪليمن جي عذاب هيٺ اچي پنهنجون زمينون بچائي نه سگهيا. اهڙي حالت سام صاحب سان به ٿي ۽ پنهنجون زمينون بچائي ڪونه سگهيو ۽ خاموشي سان طيب ڳوٺ ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. پهريائين ڊي سي اسڪول جي مٿئين پورشن ۾ رهيا.

ميونسپل زنانه اسپتال لاڙڪاڻي جي مٿان، گهاڙ واهه جي ڪناري چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ گيڙو رتڙا صوفي فقير هٿن ۾ يڪتارا ۽ ڪڙتالون ڪٽي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي صوفياڻيون ڪافيون ڳائي سڄي ماحول تي سحر طاري ڪري ڇڏيندا هئا. ان سان گڏوگڏ فقير هارمونيم، ڍولڪ، گهڙو ۽ ٽليون وڄائي سنگت جو ڀرپور ساٿ ڏيندا هئا. سمورا فقير به وجد ۾ اچي جُهومڻ لڳندا هئا ۽ "حق موجود" ۽ "تون ئي تون" جي نعرن سان سموري ڪچهري گونججي ويندي هئي. اهڙين محفلن ۾ شهر ۽ ٻاهر کان آيل امير، ڪبير، ڪامورا ۽ فقير ان ۾ شموليت اختيار ڪري محفل جو مان مٿاهون ڪندا رهندا هئا.

جڏهن ڊاڪٽر سرلا رٽائرمينٽ ورتي ان بعد علي گوهر آباد محلي ۾ رهڻ لڳا، هتي هر وقت وڏيون محفلون، راڳ رنگ ۽ ادبي ذوق شوق جاري رکيائين، هن جي محفلن ۾ دان ۽ گيان هوندو هو، غريبن جي سار سنڀال لهڻ کان سواءِ گهر ۾ ننڍن ٻارن جي تعليم جو مرڪز قائم ڪيائين، وڏا وڏا شاعر اديب وٽس حاضري ڀريندا هئا.

سام نہ هندو هو نہ مسلمان، نہ منڪر نہ مشرڪ، بس صوفي با صاف، صاف دل، صاف نيت، انسانيت جو سچو خير خواهہ، اعليٰ ذوق ۽ نفاست وارو آدرشي صوفي منش انسان هو.

ڪتابن جو مطالعو، فقيرن جي محبت ۽ سنگت، سير سياحت سندس مشغلا هُيا. ديوان سام ۽ سندس پتني ڊاڪٽر سرلا ٻئي درويش صفت ماڻهو هئا ۽ ٻنهي کي "تون ئي تون" ۽ حق جي شمع جيڪا شاهہ عنايت صوفي، شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جن ٻاري هئي ان جا پوئلڳ تي رهيا.

سام صاحب جن 12-02-1988 عيسوي، 14 جمادي الثاني 1408 هجري، مانگهہ مهيني جي 20 تاريخ 2044 بڪرمي سنبت اڱاري ڏينهن هن فاني جهان مان رحلت فرمائي ويا.

حوالا:


1. "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو" مرتب: گل محمد گاد (اردو حصو ) ڇپائيءَ جو سال 1984ع، صفحو-62.
2. "لاڙڪاڻو امر شخصيتون" عبدالستار ڀٽي، سال 2000ع- صفحو-378.
3. "جهانگير صد سالہ جنتري" سال 1976ع.
4. "جيتامڙي جي ڊائري"، سال 1951ع کان 1954ع.
5. "رهاڻ جا پرچا"سال 1963ع.
6. "ديوانِ سام" .
7. "جامع سنڌي لغات" ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (جلد چوٿون) سال 1985ع، صفحو-1542.
8. "جامع سنڌي لغات" ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (جلد پهريون) سال 1960ع صفحو-57.


❊ ❊ ❊

# امن جي جنگ، انسان جي بقا لاءِ

محمد ابراهيم جويو

- دنيا ۾ جنگي هٿيارن گهٽائڻ ۽ ائٽمي هٿيارن تي مڪمل بندش وجهڻ جي سوال تي ويچار ڪرڻ لاءِ 7 جون1982 ع کان 9 جولاءِ1982 ع تائين، نيويارڪ ۾، اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جو خاص اجلاس تي گذريو 12 .جون تي، شاهي جلوس جي صورت ۾، پنجن لکن ماڻهن جي عظيم اجتماع، دنيا جي مختلف ملڪن جي عيوضين جي اڳواٽيءَ هيٺ 9 ڪروڙ ماڻهن جي صحيحن سان، عالمي امن جي اپيل، اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي هلندڙ اجلاس کي پيش ڪئي .اڄ سڄيءَ دنيا جي بني نوع انسان، امن دوست وسيع انساني خلق جون اکيون اقوام متحده ۾ کتل آهن، ڇو ته امن جي هن عالمي جنگ ۾ انسان جي فتح ئي حياتِ انسانيءَ جي بقا جي ضمانت آهي، ۽ اُن لاءِ بني نوع انسان اڄ اقوام متحده جي احساس ذميواريءَ ۽ ذي هوش ۽ پر عزم عمل ۾ ئي اميد رکي ٿو.
- مغربي ملڪن جي ناٽو (NATO)اتحاد هيٺ جيڪي آبدوز ڪشتيون فقط يورپ جي ڪناري سان گشت ڪري رهيون آهن، انهن تي جيڪو بارود اسٽور ٿيل آهي، اهو ايترو بارود آهي جيترو ٻيءَ عالمي جنگ جي سڄي عرصي ۾ سڄيءَ دنيا جي محاذن تي ڪم آيو...

آگسٽ1945ع جي 9 تاريخ تي جيڪو ائٽمي بم، انگلينڊ جي رضامنديءَ سان، آمريڪا طرفان جپان جي هيروشيما شهر تي اڇلايو ويو هو، اُن ۾ هڪ لک چاليهه هزار ماڻهو مُئا هئا .ٽن ڏينهن کان پوءِ، اهڙوئي ٻيو بم ناگاساڪي شهر تي اُڇلايو ويو هو، جنهن ۾ ستر هزار ماڻهو موت جو بک ٿيا هئا .مري ويلن هر ڏهن ماڻهن مان 9 ماڻهو نہ فوجي هئا ۽ نہ سياستدان، اُهي ٻار هئا، اهي مائرون هيون، اهي پوڙها مرد ۽ پوڙهيون عورتون هيون....

1945ع کان وڌي1947ع تائين، ايندي ايندي، اڄ دنيا ۾ مخالف محاذن تي بيٺل فوجن وٽ اهڙا ٻہ نہ پر پنجاهہ هزار ائٽمي بم موجود آهن، جن جي ڌماڪي جي طاقت 1945ع واري هيروشيما تي اُڇليل بم کان ڏهہ لک ڀيرا وڌيڪ موتمار آهي......

اڄ جيڪڏهن آمريڪا ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ جنگ ڇڙي پوي، تہ اها ائين هوندي جڻ هڪ هڪ سيڪنڊ ۾ دنيا جي ٻي عالمي جنگ لڳي پوري ٿي، ۽ ان ۾ رڳو هڪ انگلينڊ تي هيروشيما جي بم جهڙا 5 هزار بم ڪري سگهن ٿا، جن سان ان ملڪ جو سڄو پنج ڪروڙ آدم هڪ ڀيرو نہ، ٻہ ڀيرا نہ پر ويهہ ڀيرا، وري وري، مري سگهي ٿو.....

- آمريڪا جي صدر، رونالڊ ريگن، ائٽمي لڙائيءَ جي حالت ۾ شهري بچاءَ جي هڪ رٿا جو اعلان ڪيو آهي، جنهن ۾ وڏن شهرن جو سڄو آدم لڏائي ٻهراڙيءَ ۾ نيو ويندو .

آمريڪا جي جڳ مشهور نفسياتي ماهر، رابرٽ لفٽن، جيڪو اتان جي ڊيل يونيورسٽيءَ جو پروفيسر بہ آهي، صدر ريگن جي هن رٿا کي” خود فريب ديوانگي ” سڏيندي، چيو آهي تہ سڄيءَ شهري آباديءَ کي هن قسم جي شهري بچاءَ لاءِ رڳو تربيت ڏيڻ تي جيڪو بي انداز خرچ ايندو، اهو ائين سمجهو ڄڻ بيڪار سڙي مٽيءَ جا ڍير تي ويو ۽ ٻيو تہ ائٽمي حملي کان اڳ ڪروڙن جي شهري آباديءَ کي ائين لڏائي ڀهراڙين ڏانهن وني وڃڻ جي ڳالهہ سواءِ هڪ ظاهرظهور بي عقليءَ ۽ چسائيءَ جي ٻي ڪا ڳالهہ ڪانهي .آمريڪي ڪانگريس جي سب ڪاميٽيءَ آڏو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي، پروفيسر لفٽن وڏيڪ چيو تہ، ائٽمي جنگ ۾ جيڪي چند ڪٽي بچي بہ ويا، اهي سڀ نفسياتي طور ايترا تہ نستا ۽ بي جان هوندا، جو گهڻو وقت هو جيئرا ئي ڪونہ رهي سگهندا ...رڳو آمريڪا جو انسان نہ، پر بني نوع انسان، سڄي جو سڄو، ڌرتيءَ جي گولي تان ختم ٿي ويندو....

• اعصابي گئس، جيڪا ٻيءَ عالمي جنگ ۾ پهريائين نازي جرمنيءَ ناهي هئي، هڪ انتهائي موتمار ڪيميائي جنگي هٿيار آهي .هيءَ گئس بي رنگ آهي، بي سواد آهي، ۽ هن ۾ ڪا بوءِ بہ ڪانهي .هيءَ گئس ساهہ وسيلي يا رڳو بت کي لڳڻ سان ڇهجي، جسم جي اندر وڃي ٿي، ۽ سڄي اعصابي ماڊاڻ کي بگاڙي بيڪار ڪري ٿي ڇڏي، جنهن ڪري هڪدم ماڻهو ٻوساٽجي پوي ٿو، انڌو ٿي پوي ٿو، اٽيون ۽ دست اچڻ شروع ٿينس ٿا جيڪي جهلجي نٿا سگهن، ۽ ماڻهوءَ جي بت کي زوردار ڌڪٽي وني ٿي وڃي، ۽ گئس جي ڳتل مقدار مطابق، چند ڪلاڪن ۾ سخت تڪليف ۽ عذاب هيٺ يا چند منٽن ۾ ئي ماڻهو لُڇي لُڇي مري ٿو وڃي.

پهرينءَ مها ياري لڙائيءَ ۾ هڪ لک کان ڪجھ وڌيڪ ماڻهو اهڙيءَ هڪ هلڪي قسم جي گئس جي اثر هيٺ مئا هئا.

تازو ويٽنام ۾ آمريڪي فوج طرفان زهريلي ڪيميائي مادي جا بم ڪيرايا ويا هئا، جن جي اثر هيٺ لڳ ڀڳ ڇهن لکن پيٽ وارين عورتن پنگلا ۽ غير انساني قسم جا ٻار ڄڻيا .انهن بمن کي هيٺ ڪيرائڻ وارن آمريڪي فوجين ۽ هيٺ ميدان تي بيٺل سندن ساٿين مان به اٽڪل 40 هزار فوجي ان زهريلي گئس جو شڪار ٿيا.

اڄ آمريڪا جي جنگي اسلحي خاني ۾ هڪ لک 50 هزار ٽن الڳ الڳ قسمن جا اهڙا ڪيميائي زهريلي گئس جا ذخيرا گڏ ڪيل آهن، ۽ ان جو رڳو اڌائي پائونڊ وزن جو ننڍڙو مقدار به يورپ جي سڄيءَ چاليھ ڪروڙ آباديءَ کي مارڻ لاءِ ڪافي آهي .

آمريڪا جي ريگن سرڪار اڃا به وڌيڪ هنن ڪيميائي هٿيارن جي ايجاد ڪرڻ ۽ انهن جي پيداوار کي وڌائڻ جي ڪم ۾ مصروف آهي.

گذريل سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ آمريڪا ڪانگريس 35 لک ڊالر منظور ڪيا ته سندن ارڪناسس رياست ۾ پائين بلف نالي ڪارخاني ۾ زهريلي گئس جي پيداوار کي وڌايو وڃي، جتي اعصابي گئس جا ڀريل گولا نهي رهيا هئا . هڪ ڪروڙ 90 لک ڊالر وڌيڪ منظور ڪيا ويا ته اُن ڪارخاني ۾. انهن گولن جي ناهڻ جي پراڻين مشينن کي نين ۽ تيز مشينن ۾ بدلايو وڃي.

آمريڪي سرڪار ائين سڄي1981 ع جي هڪ سال جي دوران، جملي 53 ڪروڙ ۽ 20 لک ڊالر ڪيميائي هٿيارن جي پيداوار تي خرچ ڪيا 1973ع جي بجيٽ ۾ ريگن سرڪار 80 ڪروڙ 30 لک ڊالر اعصابي گئس جي ٻه ڀيرا

ڦاٽندڙ بمن ناهڻ لاءِ منظور ڪيا آهن، جيڪي سندن ڏرتيءَ ڪان ڏرتيءَ تي مار ڪندڙ ۽ پڻ گهڻ _ منزلائين راڪيٽ قسم جي فضائي مار ڪندڙ ميزائيلن وسيلي اڇلايا ويندا.

هنن موتمار ميزائيلن جو رکو اسٽور ڪري رکڻ بہ خطري ڪان خالي ڪونهي .گذريل چند سالن ۾ هنن گڏ تيل زهريلن ڪيميائي توڙي ائٽمي هٿيارن ۾ هڪ هزار اهڙا سوراخ ۽ سيرون ڏٺيون ويون آهن، جن لاءِ اختياريءَ وارن پنهنجي عوام کي اها طفل تسلي ڏيڻ ڪافي سمجهي تہ انهن سوراخن يا سيرن مان ڪو خطرناڪ مادو اجا سمي يا ڳڙي ٻاهر ڪونہ نڪري سگهيو هو !پر ست سال اڳ سندن ئي تڏهوڪي فوج جي سيڪريٽريءَ، هاورڊ ڪالووي، رکو اعصابي گئس جي 828 اهڙن بمن کي ناس ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي ڇوتہ اهي ويجهي" ڊينور شهر جي آدم لاءِ اوچتيءَ آفت جو ڪارڻ بنجي سگهيا تي"

ريگن سرڪار ههڙن خطرناڪ انسان مار هٿيارن جي ناهڻ ۾ تيزي آڻڻ ۽ انهن جي ذخيره اندوزيءَ لاءِ تازو ظاهري سبب هيءُ ڏنو تہ سوويت يونين افغانستان ۾ زهريلي گئس استعمال ڪئي آهي .پر ٻن آمريڪي سائنسدانن _ مئٿيو ميسلسن جيڪو هاورڊ يونيورسٽيءَ جي سائنس ڊپارٽمينٽ جو سربراهہ آهي، ۽ اسٽيفن ميئر جيڪو اتان جي سياسي تعليم جي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ آهي، انهن" نيويارڪ ٽائيمس" جي 5 نومبر1981 ع واري پرچي ۾ اهڙن سيني الزامن جي هنن صاف لفظن ۾ ترديد ڪئي آهي1950" :ع ڪان1970 ع تائين جي 20 سالن ۾آمريڪا طرفان زهريلي ڪيميائي هٿيارن جي پيداوار ۾ لڳاتار واڌ کي ڏسندي، سوويت يونين1970 ع ڪان 1980ع جي ڏهن سالن ۾ بچاءَ جي مؤثر اپائن ونڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ خاص طرح هنن جي اها ڪوشش هئي تہ، پنهنجي فوج کي گئس ڪان بچاءَ جي نقابن ۽ زرهن

واپرائڻ ۽ ٻين اهڙن دفاعي اقدامن جي سلسلي ۾ تربيت ڏني وڃي ...آمريڪا جي جاسوسي ڪاتي کي ڏسجي ٿو ته ڪا به اهڙي واضح ثابتي ملي نه سگهي آهي ته سوويت يونين1970 ع کان1980 ع جي ڏهن سالن ۾ جڏهن ٻنهي سرڪارن جي وچ ۾ زهريلي بارود نه ناهڻ جو معاهدو هو، ڪو به اهڙو بارود ناهيو ....سوويت فوج جي خلاف، جو اهو چيو ويو ته افغانستان ۾ هنن زهريلي گئس جو استعمال ڪيو آهي، ان جي حقيقت شايد رڳو هيءَ آهي ته هنن ڪو غير موتمار ڪيميائي مادو، وڳوڙن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ، ڳوڙهن آڻيندڙ گئس جهڙو، ممڪن آهي ته اتي ڪم آندو هجي”...

- تازو، مئي1982 ع ۾ دنيا جي مذهبي ڪارڪنن جي عالمي ڪانفرنس سوويت يونين جي گاديءَ واري شهر ماسڪو ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سجيءَ دنيا جي ماڻهن کي دردمندانه اپيل ڪئي ويئي ته هو متحد ٿي، هٿيارن جي ڊوڙ کي روڪڻ ۽ ائٽمي هٿياربنديءَ جي خاتمي لاءِ زوردار تحريڪ هلائين.

ڪانفرنس پنهنجي آڏو جيڪو هڪڙو ئي محرڪ اصول رکيو هو، سو هيءُ هو“ :دنيا جا مذهبي خدمتگار ۽ ڪارڪن زندگيءَ جي مقدس نعمت کي ائٽمي تباهيءَ کان بچائين”.

ڪانفرنس ۾ 110 ملڪن جا 500 عيوضي شريڪ ٿيا، جن ۾ دنيا جي سيني وڏن مذهبن جا ڪارڪن شامل هئا، جيئن مسلمان، يهودي، هندو، ٻڌ ۽ ٻيا .ڪئٿولڪ مسيحت جي پوپ جان پال دوم پڻ پنهنجن ٻن عيوضين هٿان ڪانفرنس جي انتظامي ڪاميٽيءَ ڏانهن نيڪ تمنائن جو پيغام موڪليو هو.

هيءَ دنيا جي مذهبي ڪارڪنن جي ٻي ڪانفرنس هئي .پهرين اهڙي ڪانفرنس جون1977 ع ۾ گڏ ٿي هئي،

ديول ۾ ويس سا پکن ڪئٿولڪ مسيحين جي هئي .پر اُن جي عبادت روح افزا هئي، ۽ اتي مون مذهبي راڳ ۽ خدائي ڪتاب جون سورتون ڏاڍي هيج ۽ ايمان سان پڙهجندي ٻڌيون ۽ منهنجو من روحاني مسرت سان ڀرجي ويو“

مسٽر گراهم چيو تہ” آءُ پنهنجي دماغ ۾ هتان سوويت يونين مان نوان تازا خيال ۽ اُمنگ کڻي پنهنجي ديس وڃان ٿو، ۽ منهنجي دل انساني عظمت جي پاڪيزه اُڌمن سان ڀريل آهي“

جڏهن ڪائنس پڇيو ويو تہ، سوويت يونين ۾ ڪجھ مسيحي معتقد جهليل آهن، تن بابت پاڻ ڇا ٿي چوڻ چاهيائون، تڏهن هن وراڻي ڏني تہ” آمريڪا ۾ اسين بہ اهڙن ماڻهن کي جهليندا آهيون جيڪي غلط ڪار هوندا آهن . منهنجي پنهنجي ديول ۾ ڪڏهن اهڙي قسم جا ماڻهوايندا آهن، ۽ مون پاڻ پوليس کي اطلاع ڏيئي انهن کي جهلائي ٻاهر ڪڍائي پئي ڇڏيو آهي“

آخر ۾ مسٽر گراهم دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مسيحي ڪليسا جي الڳ الڳ حيثيت جي ڀيٽ ڪندي ٻڌايو تہ” برطانيہ ۾ انگليڪن ڪليسا جو درجو رياستي ڪليسا جو هو ۽ اها اتي رياست جي ضابطي ۾ هئي .پر سوويت يونين ۾ ڪليسا آزاد هئي، ڇاڪاڻ تہ رياست سان ان جو ڪو واسطو ڪونہ هو .آءُ سمجهان ٿو تہ، جيئن آمريڪا يا سڄيءَ مغربي دنيا ۾ مشهور ڪيو ويو آهي، ان جي اُبتڙ سوويت يونين ۾ ڪافي گهڻي آزادي آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي سوين هزارين ديوليون ۽ ٻيا عبادت گاهہ آهن، جي کليل آهن ۽ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن“

❊ ❊ ❊

# منهنجا حيدرآباد! تون ڪٿي آهين؟

پوپٽي هيراننداڻي ترجمو: پشپاولڀ

ڪيترائي ڀيرا آئون منهنجي حيدر آباد جي منڙين يادگيرين سان گهيريل هوندي آهيان!
جڏهن درد ستائيندڙ راتيون پنهنجي ٿڌڙي هوا سان پنهنجو جادو جڳائينديون آهن ۽ اسان چاندوڪي راتين ۾ پنهنجي ڪٺن تي سمهيل هوندا آهيون، جاننو چوڪيدار، راڌي شام جي رڙ ڪندو آهي، گهنٽيءَ جي ڪنڌ تي، حيدرآباد جا اڻ ڳڻيا منگهه سڄي شهر جي حفاظت ڪندا آهن، پنهنجي بندوق جهڙي شڪل سان .صبح سوير اسان جي پراڻي ڪيرواري فاطمہ اسان کي ننڊ مان جاڳائيندي ۽ چوندي آهي، ابا ڪير وٺو. ڊبل روٽيءَ جو گاڏو ڇيڪاٽ ڪندو اسان کي اوٻاسي وٺڻ تي مجبور ڪندو آهي ۽ ساڌو واسواڻي جا ٻچن اسان کي جاڳڻ تي مجبور ڪندا آهن اِهو آهي اسان جو حيدرآباد! ويچارا اسان جا ڪاڪا جيڪي هتي ايترا اڪيلا وڏو بوجھ سمجهيا ويندا آهن، اتي ڏاڏا مصروف ۽ ڪم ڪار ۾ رُڌل هوندا هيا. صبح ئي / ساجهرئي هتي گهر جي ۽ دروازي جي پرسان، انهيءَ ڪير واري جي نگهباني ڪرڻ جيڪو ڳئونءَ مان ڪير انهن جي نظر داريءَ هيٺ ڪير ڏهندو هيو. پوءِ اهي مارڪيٽ جو رخ ڪندا هيا، جيئن اهي موسمي فروٽ ۽ ڀاڄيون خريد ڪري ۽ دڪاندارن سان ڀاوُ تاوُ ڪري گهر جي خرچن کي قابو ۾ رکندا هيا.

توري وڏي ڄمار وارن ماڻهن جي لاءِ، اها نهايت ئي

پالوتجي اُهي مينهن جي مامن وانگر رستن تي گهمڻ نڪري پون .سرديءَ جي ڏينهن ۾ اُهي پاڻ فرڪوٽ پائڻ پسند ڪن . جنهن جا ڪيسا سڪل فروٽ سان ڀري ڇڏين بلڪل پولر رڇن وانگر، جڏهن گرمي هجي اهي پوپٽن وانگر ڪپڙا ڍڪين ۽ جاپاني پکن وانگر لڏن.

توري وڏي عمر جي عورتن جي لاءِ، حيدرآباد جنت هيو، جيڪڏهن ڪو موت تي وڃي ته اُهي اُتي ٻارنهن ڏينهن تائين مسلمل وڃن، اُتي ويهن ۽ ٻانيڻ جي ڪتا ٻڌن ۽ ڪڏهن وراڻي ۾ ڪنڌ ڌوڻين ۽ چون" هري رام "۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪنديون رهن، ۽ گڏوگڏ پنهنجي ڪينچي جيان تيز زبانن سان، .ننڍا وڏا ڪم به ڪنديون رهن، جهڙوڪ ڀاڄي ڪٽڻ ۽ مٽر چلڻ وغيره. سوئٽر اٽڻ، ڳنڍيون پنهنجي چادرن ۽ ٽوالن کي ڏينديون رهن. ڪا به عورت هئڙو آسان ۽ سولو پنهنجي دوستن سان ملڻ جو موقعو ڪانه ڇڏيندي هئي .شام جو چئين لڳي، اُهي پير ڌوئينديون، جُتي صاف ڪنديون، ٻپڙو بدلائينديون ۽ ٻاهر نڪري وينديون.

اسانجو شهر ننڍن ننڍن ڳوٺن سان گهيريل ڏاڍي مزي ۾ رهيو، جيئن ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو جام، ٽنڊو نوڙهو، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو آدم، ٽنڊو مستي خان، هوسڙي، هالا، بدين وغيره.

توهان هٿ سان ڪاشي ڪيل پينگهو هالا مان، سچو گيهه بدين مان گهرائي سگهو ٿا ، ٽنڊو الهيار پڪنڪ ڪرڻ لاءِ ۽ ٽنڊو محمد خان مزيدار گوشت وارا ڪاڏا کائڻ لاءِ وڃي سگهو ٿا.

اسان جي شهر ۾ ڪيڏا نه پيارا باغ هئا .داس گارڊن، شام داس پارڪ، پريم چند / پريم پارڪ، هرومل گارڊن، گرو سنگت پارڪ، ٽڪندو پارڪ، مکي گوبند رام گارڊن، ڍولڻ داس گارڊن، سيئي باغ گلن سان جهنجهيل هوندا هيا .ڪنهن به باغ ۾ گهڙو ته گلابن ۽ جاسمين جي منڙي مهڪ توهان کي

گلي لڳائيندي، انگورن جون لڏندڙ ڻاريون توهان کي خوش آمديد چونديون ۽ ٻيرن جي وڻن جا پن خوشيءَ مان تاڙيون وڄائيندا.

هتي بمبئيءَ (هاڻي ممبيءَ) ۾ ڪنهن به باغ ۾ گهڙو، پلي تہ اُهو مشهور Hanging Gardenچو نہ هجي، گُلن کان وانجهيل هوندو، وري جي ڪٿي گل هوندا بہ (فقط سياري جي موسم ۾) تہ اهي - ڳنڊ ڪانسواءِ ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ پتين سان گڏ، جيڪي تورو هٿ لائڻ سان ڪري پونديون.

توهان ڪڏهن اهڙي وڪتوريہ گاڏي جهڙي اسان جي حيدرآباد ۾ هوندي آهي ڏٺي آهي، ڪيڏا نہ شاهي ۽ تندرست گهوڙا هيا .ڪيڏي نہ شاندار ۽ آرامده گاڏي، جنهن ۾ سڪون اچي وڃي .ٻار چاهيندا هيا تہ ڪوچوان جي پر ۾ ويهن، هٿ ۾ چابڪ ڪڻن ۽ پير گهنٽيءَ جي بٽڻ تي رکن، ۽ چوڪريون اندر اکيون بند ڪري ويهي ۽ شاندار ماحول جو مزو ونديون.

ٻار، رستي تي رڙڪندا،" گاڙي والا، پُنيان چوڪرو" ، ۽ ڪوچوان پنهنجي بي پرواهہ انداز ۾ گاڏي هلائيندو، خبردار، خبردار، چابڪ کي گول گهمائيندو.

يقين ڪيو، ان کان پوءِ آئون لاهور جي ٽانگن، بنارس جي اڪي، هردوار جي رڪشا، مسوري جي ڏولي ۽ بمبئيءَ جي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي آهيان پر وڪتوريہ جو مزو ڪٿي بہ نہ ماڻيو آهي. ٺي وري اهڙو شاندار ڪاليج مليو، جهڙو اسان کي قليلي جي ڪپ تي هيو. پرنسپال H.S پارواڻي جي سربراهيءَ ۾ باغن سان گهيريل، شاگرد سماجي پروگرامن جو بندوبست ڪندا هئا، جتي ڪملا ڪِرپلاڻي پنهنجي آواز جو جادو جڳائي پنهنجو پسنديده راڳو ڳائيندي .موتي هيراننداڻي پنهنجي جولاني آواز ۾ "آيا طوفان" ڳائيندو .منگهو ٿڏاڻي هڪ ڏنڊي هٿ ۾ ڪٽندو ۽ "جاني واڪر" جي ايڪٽنگ ڪندو، ۽ گل جڳت ناڻي مور وانگر ڊانس ڪندو .انهن جي لاپرواهہ مستي،

لطيفا، دلچسپ ڪمينٽري ۽ ٺهڪن جا ڦوهارا، ڦليلي واهه سان گڏ وهندا هيا.

جنهن ڪڏهن حيدرآباد جو Bhagh-a-ji-Biha-Dabilroti، Dahi-a-jo Dodo چندو گونگي جا ناريلي بسڪوٽا، ناري جيل جا نول گولا، ٺنڊو محمد خان جون پڪل رانون، گوپال جا منگ، گاگو جي دال ڪاڌي هوندي، انهن کي اجا تائين اهو ذائقو ياد هوندو.

حيدرآباد ۾ توهان ڪيڏانهن به وڃو، توهان کي ڄاتل ساتل چهرا نظر ايندا. هتي انڊيا ۾، توهان کي ڪوبه نه سڃاڻندو .توهان تيار ٿي ڪپڙا پايو هار سينگار ڪيو، توهان، پنهنجو پاڻ کي پٽيندا .آخرڪار ڪوبه فقط پنهنجو پاڻ لاءِ ئي ته تيار ٿي ڪپڙا نه پائيندو آهي .جي ائين هجي ها ته توهان مخملي ڪپڙي جو مخملي حصو اندر جي طرف پايو جيئن اهي توهان کي ڇهي ۽ کهرو حصو ٻاهر پايو.

هتي توهان سينيما جي مالڪ فيڪٽريءَ جي مينيجر سان به ڪو رشتو ڳولهي وٺندا، يا وزير ۽ ڪنهن وڏي ماڻهو سان ڪو ناتو جوڙي وٺندا. سان هتي State less......نڌڻڪا؟؟، بي زمين ٽڙيل سنڌي، توهان پري پري تائين به ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان رشتي ۾ ناهيو .توهان اٿاهه اندين سمنڊ جي ننڍڙي لهر آهيو فقط لوڻ جي ڪٽي .اُهي صرف توهان کي پنهنجي ڪاڌي جي ذائقي لاءِ استعمال ڪندا.

اُتي فقيرن کي پنهنجيون ٻڪريون ۽ گهوڙا هيا .گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ڪڇي ماين کي صاف سٿرا ڪوارٽرهيا، صفائي ڪندڙن کي ٻتين پڪي سرن وارا گهر هيا، ، چرين کي پڻ، گدو بندر ۾ رهڻ جو جوڳو بندوبست هيو .هتي اسان جي پيارن، گهوڙن جي اسطبل ۾ رهڻ لاءِ مجبور هيو.

حيدرآباد ۾ گهٽيون آفيسون، ورڪشاپ يا صنعتون نه هيون پر اسانجن سنڌو جي مهاويرن اسان جي جڳهه کي هڪ

نندڍو خوشحال جزيرو بڻائي ڇڏيو هيو. ڀوهو ڪياني جو قلعو، ڀائي پرتاب ميتري ڀولڻ قلعي ۾ نهيل نو بنگلن ڪي دنيا جي ڪنهن محل سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي.

مونکي پڪ آهي، ڪوبہ ۽ هر هڪ جيڪو پنهنجي حيدرآباد ڪي ياد ڪري ٿو اِن نقصان ڪي محسوس ڪري ٿو، پنهنجي حيدرآباد ڪي ياد ڪري مون سان روئي ٿو ـــ تون ڪٽي آهين، منهنجي حيدرآباد.

❊ ❊ ❊

# گرداس واڌواڻي:
# منهنجي لانگ شارٽ ۾ ڪجهه جو گل

نصير مرزا

اُها هڪ رواجي شام هئي.

اسين، سائين نثار حسينيءَ جي سربراهيءَ ۾، هڪ خوبصورت وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ چڙهي، ڪلندا، ٿهڪ ڏيندا دادا گُرداس واڌواڻي سان ملڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾، ميزبان هوٽل ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. وڪٽوريا گاڏي جهم جهم جي 'ردم' تي وئي پئي اڳيان وڌندي... وئي پئي اڳيان وڌندي ۽ رستا ۽ رستن جي پاسي کان بينل وڻ، ڪراچيءَ شهر جون، اوچيون اُوچيون سمونڊ جيڏيون اجگر عمارتون ويون پئي پنيان رڙهنديون... ايتريون پنيان، جو اکين جي اڳيان ڪراچي ويران ميدان بڻجي وئي ۽ ان جي بيڪ گرائونڊ ۾، ورهاڱي جو دڪدائڪ 'ڪروما!' تنگجي ويو... ۽ مون ڏٺو ته، اُنهيءَ ڪروما ۾ موجود ايئرپورٽ جي لائوج مان هڪ خوبرو نوجوان هندستان وڃڻ واري ايئر ٽڪيٽ ڦاڙي، نهايت مانائتي انداز سان، ٻن – چپن ۾ سگريٽ ڦبائي، بريف ڪيس هٿ ۾ لوڏيندو، واپس موٽي اچي رهيو آهي.

مون دادا گرداس کي تيستائين ڪونه ڏٺو هو. پر سندس ڪالمس پڙهڻ کان پوءِ، منهنجي تصور ۾ هو سدائين ائين ايندو هو، جڻ ڪتان پريان کان، چپن ۾ سگريٽ ڦبائي، بريف ڪيس هٿ ۾ ڪني تن تنها ڪراچي شهر جي بي ڪنار آباديءَ ۾ اڪيلو پنڪي رهيو آهي. بلڪل آل الون! ۽

تن ڏينهن ۾ ئي مون ان ئي صورت حال کي ايميجن ڪري هن بابت هڪ نظم لکيو هو:

هُو سڀ جا گهر ڀاتي هئا
هُن جا گهر ڀاتي هئا
ايئرپورٽ ۽ سمنڊ جي ڪناري
هوائي جهازن ۽ آگبوٽن ۾ چڙهي
ٻَرن پٽن ۽ بيابانن مان ٿيندا
دنيا جي نقشي ۾ گم ٿي چڪا آهن
سندن اجاڙ، ڀَڙڀانگ ۽ ڀانياڙ حويليءَ ۾
بس رڳو
ڪنهن وشال ٽيبل تي ٻرندڙ
چاڻ تہ، اُجهامندڙ ڏيئو
۽ هڪڙو آلبم
'سنڌ ۾' 'هنن' جي آخري نشاني آهي!

۽ تحقيق تہ جن جي ڀاڳ ٻنديءَ ۾ سنڌ جو داٽو پاٽي وڏيڪ لکيل نہ هو، اُهي ئي پنهنجا اُجها ويران ۽ سنڌ کي حيران ڪري هتان ڪُوچ ڪري هليا ويا. ۽ ٻئي ديس جي ڌرتي ڏانهن مائيگريٽ ٿيڻ کان پوءِ، انهن جي سِرن تي، بي شڪ، وشال ۽ بي ڪنار آسمان تاڻجي ويو. پر سندن جنم ڀوميءَ جي ڌرتي، سندن پيرن هينان ٿبڪڙو ٻڻجي وئي. (الاس!) ۽ 'سنڌ' جڏهن هنن کي درشن ڏيڻ ڇڏي ڏنو، تڏهن، اها هنن لاءِ ڪيڏي نہ بامعنيٰ بنجي وئي (۽ بي شڪ تہ، انسان خساري ۾ آهي زماني جو قسم. يا صاحبِ العصر والزمان الامان الامان).

ميزبان هوٽل جي 'مين گيٽ' وٽ وڪٽوريا گاڏيءَ مان لهي، هوٽل جون ڏاڪڻيون ڏوڀار چڙهندا وڃي فرسٽ فلور تي پهتاسين. فرسٽ فلور جون ڏاڪڻيون جتي اچي پوريون پئي ٿيون، اتان ئي کابي هٿ تي، هڪ سوڙهي گيلري مان لنگهي ڪارنر واري ڪمري ۾ سائين نثار اينٽر ٿيو ۽ اسين سڀ جا

ڪِليءَ ۾ هڪ پاي پراڻا ڪوٽ ۽ ٻئي پاسي هڪ جهوني امبريلا ٽنگيل هئي ۽ ڪنڊ ۾، هڪ پراڻو واٽرڪولر رکيل هو ۽ مسلسل ان جي ٻُونجيءَ منجهان، ڦُڙو ڦُڙو تي پاڻي ٽِمي رهيو هو. موسم سياري جي هئي ۽ اُن مناسبت سان دادا پلنگ تي ڪوسي ڪوسي سوڙ ۾ هُڙَ ٻٽيو بند وينو هو. صرف سندس ننڍڙو پوپالو، پيارو مُک سوڙ جي مٿان رکيو هو. ڳالهيون ڪندي، ڪنهن ڪنهنگهڙيءَ، هن اوچتو اندران سوڙ مان مِٽولي شيپ واري هڪ بوتل ڪڍي، چپن تي رکي، ان مان ڪجهه آبِ حيات اندر ۾ اوتيو تي ۽ وري ٻنان چپن اگهڻ جي ڌيمي ڌيمي انداز ۾ ڳالهيون ڪرڻ ۾ جنبي تي ويو.

اڙي نشاڙ! پوءِ پائي ڪيئن ٽيندو... اڙي منهنجو ڪتاب ڪڏهن تو ڇپين!؟ پائي جلدي آڻ نہ، 'منهنجو ڪتاب' ... ۽ دراصل ڇا و جو، تن ڏينهن ۾، دادا چاڪ ڪونہ هو ۽ هن جي ساهہ جي ڏور تنبوري جي تارن جيان تاڻجي، ٽڙڪاٽ ڪري ٽٽڻ واري هئي.دادا کي پڻ هو تہ متان... متان ڪتاب ڇپجي اچڻ ڪان اڳ ئي ساهہ ستار جي تار ٽٽي نہ پوي... پر، پر پوءِ جي ديا سان، دادا بچي ويو ۽... نئين اتساهہ ۽ امنگ سان پنهنجي سون ورن ساروڻين کي ٻيهر ڪالمن ۾ قلمبند ڪرڻ جي اهم تاريخي ڪم ۾ لڳي ويو.

اُن ڏهاڙي دادا جي ناچاڪي سبب، ساڻس ڪچهري ڪرڻ، حال احوال اورڻ واري خواهش اندر ۾ اڌوري رهجي وئي هئي. ۽ ان جو ڪيڏو نہ ملال ٿيو هئم. ۽ ان ڪان پوءِ جڏهن ان ڳالهہ کي ڪيئي مهينا گذري ويا تہ، مون دادا کي اسٽريچن روڊ جي فوٽ پاٿ تان هلندي، ڪيڏانهن ويندي ڏٺو. مان اُن سمئي برنس گارڊن جي لان تي وينو، بور تي رهيو هئس. دادا کي سامهون ويندو ڏسي مان هُري چئي، باغ مان پڇندو، نيسنل ميوزم جي دروازي تائين جڏهن پهتس تہ دادا رستو ڪراس ڪري چڪو هو ۽ منهنجي ۽ هن جي وچ ۾

ٽرئفڪ جو درياھ وچائجي چڪو هو. مان ميوزم جي مين گيٽ کي ٽيڪ ڏئي پنڊ پهڻ تي ويهي رهيس.

خير دادا سان ڪلڻ ۽ ملڻ واري آشا وري اتفاق سان ان ڏينهن پوري ٿيندي پئي نظر آيم، جڏهن هو پيڻ ماهتاب محبوب جي سفرنامي، 'اندر جنين اُجَ' جي مهورت ۾ شرڪت لاءِ حيدرآباد ڪهي آيو هو. فنڪشن جي پڄاڻيءَ تي مان سري وچي دادا جي پير ۾ ويٺو هئس. دادا چاڪليٽي ڏارائن واري پنهنجياڪيلي ٽِري پيس سوٽ ۾ بي حد سمارٽ لڳي رهيو هو. سندس اکين تي نيرن شيشن وارو نظر جو ٿلهو چشمو پاتل هو ۽ انگريزي ڪٽ، وار ڪتريل هئس. نِمسڪار ڪري، دادا کي هٿ ڏنم تہ، پاڻ انگريزي ۾ پنهنجو تعارف ڪرايائين... "آءِ ايم گرداس واڌواڻي" مون هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ هلڪو، منو دٻاءُ ڏئي ڪيس واپس موٽائي ڏنم ۽ سنڌيءَ ۾ چيم، "دادا، مان نصير آهيان."

دادا ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ هيٺيان آڱوٺو رکي، منهنجي لفظن کي ڌيان سان ڪنائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

"ڇا؟"

اڇا تہ دادا ڪنن کان ٿورو سڄو ٿي ويو آهي. (مون دل ۾ سوچيو) ۽ انهيءَ کان پوءِ مون دادا کي نالو ڪونہ ٻڌايو. مون نٿي چاهيو تہ، دادا لاءِ مان ڪنهن پريشانيءَ جو سبب بنجان. انڪري وراڻيم، "دادا هائو آر يو!..." ٻيائين "Fine". اُن کان پوءِ دادا کي وينتي ڪيم، "پليز! دادا، مون کي آٽوگراف ڏيو." تڏهن دادا آٽوگراف بڪ وٺي لکي ڏنو: "جنني جنمي سنڌ... جيئي."

۽ اُن کان پوءِ، مان داد اکي پريس ڪلب ڪراچيءَ ۾ سندس ڪتاب جي مهورت واري ڏينهن مائيڪروفون تي ڳالهائيندي ٻڌو. دادا چيو پئي: مان پنهنجي ٽن ڪتابن مان ٻن جو پبلشر پاڻ آهيان. (اي واءِ حسرتا)... ۽ پوءِ پنهنجي جيون

جي رام ڪٿا ٻڌائيندي دادا شايد رُنو پئي. يا شايد سندس آواز ۾ رقعت پيدا ٿي وئي هئي. يا شايد مان روئي رهيو هئس. ان کان پوءِ هڪ نوجوان تقرير ۾ چيو پئي: حيدرآباد واري تلڪ چاڙهي چمڻ جي قابل آهي. ڇو تہ انهيءَ تان دادا گرداس ڊوڙندي، هلندي گهمندي پنهنجا نندپڻ وارا ڏينهن گذاريا آهن.

شمشير الحيدريءَ صاحب چيو پئي... اڄ هو ٻهراڙيءَ جي اُن ٻار وانگر خوش آهي، جيڪو عيد جي ڏينهن، نوان ڪپڙا پائي مُرڪندو آهي. ڊاڪٽر مهڪري صاحب انگريزي ۾ تقرير پئي ڪئي. سندس انگريزي اچارن مان، مون کي، ٽِررر ٽِرررر ٽِرررر... جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. شايد سندس اندر ۾ يادن جو ٽيليفون پئي وڳو. چيائين پئي: پوڙهو تہ مان بہ ٿي ويو آهيان، پر هي پوڙهو... جنهن جو نالو گرداس واڌواڻي آهي، ڏاڍي لئي ۾ آهي. (اڇا! دادا گرداس واڌواڻي لئي ۾ آهي.) اهو سوچي مون مُرڪي ڏنو. آخر لئي ۾ هجي بہ ڇو نہ! نہ گهر نہ گهاٽ، نہ ٻار، نہ ٻچو، نہ اڳيان نہ پويان... دربدري، اڪيلائي ۽ تنهائي. مون دل ۾ چيو: تحقيق تہ دادا- توهان واقعي لئي ۾ آهيو. (دادا زنده باد)

دادا پنهنجي صحافتي ڪيريئر جي ابتدا انگريزيءَ ۾ لکڻ سان ڪئي ۽ جيستائين انگريزيءَ ۾ لکندو رهيو، سندس شهرت جو چنڊ ڪڪرن پويان لڪل رهيو. سراج صاحب جي صلاح سان جڏهن هن هلال پاڪستان ۾ سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو تہ، سنڌي صحافت جي آسمان تي اندلٺ بڻجي اُڀري آيو. دادا، پنهنجي ڪالمن جو بنياد گهڻو تڻو پنهنجي ساروڻين ۽ سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي فنڪشن جي رپورٽنگس تي رکيو ۽ ڪالم نگاريءَ جي روايت ۾ هڪ، نہ فقط مانائتو ڏانءُ ۽ ڊڪشن ڊسڪور ڪيو، پر ان سان گڏوگڏ سنڌي صحافت جي معيار کي پڻ اوچو ڪرڻ جي ڏس ۾ هٿ ونڊايو.

گهري نظر سان سندس ڪالمن جو مطلاعو ڪيو تہ،

اُهي ڇڻ 'موزيڪ' جي صورت اختيار ڪري، خود دادا جي نجي ۽ ذاتي زندگي جا رنگ روپ ڏيکاريندا نظر ايندا. ۽ ائين دادا جا ڪالم نه فقط Review اسٽائيل جا ڪالم آهن، پر گڏوگڏ پنهنجي يُگ جي سماجي، سياسي، ادبي حالتن جو نفسياتي مطالعو به پيش ڪن ٿا. دادا جي ڪالمن بابت حيرت انگريز حقيقت هي به اهي ته، ڪالمن ۾، نه هو لفظن، جا طلسمي دائرا جوڙي ٿو، نه پنهنجي سِٽن ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو جادو ڏيکاري ٿو. ۽ شايد فطري سادگيءَ سبب ئي دادا جي ڪالمن ۾ ڪابه ڳالهه اضافي لڳڻ بدران، مڪمل سچ محسوس ٿيندي آهي.

ذاتي زندگيءَ جون ساروٽيون لڪندي، دادا، سيڪجهه ڪڍي ٻاهر ڪرڻ بجاءِ، شرميلن ڇوڪرن وانگر، ٿورو ٻڌائي، گهڻو ڪجهه گول ڪري ويو اهي ۽ مون اڪثر دادا کي ڏٺو آهي ته، دادا جنهن سان ملندو ته، مرڪندو ضرور! ممڪن اهي ته، اها مرڪ، دادا جي ڪيموفلاج هجي، ته جيئن ڪوبه هن جي اندر تائين پهچي نه سگهي. هڪ دفعو ڪنهن صحافي دوست (غالبا هدايت منگيءَ) سندس اندر ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي ته، پاڻ هڪدم ان کي چنبي ڇڏيائين: "توکي مزو ٿو اچي ڇا اهڙين ڳالهين ۾...؟ مان ڪنوارو آهيان ته، So What. تنهن ۾ تنهنجو ڇا....؟ شٽ اَپ!"

دادا، جيتوڻيڪ پنهنجن ڪالمن ۾ ذاتي ساروٽيون بيان ڪندي، هيٺ تهه تائين نٿو لهي. پر اُن جو اهو مقصد قطعي ڪونهي ته، هن جي ڪا ذاتي زندگي هوندي ئي ڪانه...! ضرور هوندي، تڏهن ئي ته، هن اُن کي ظاهر ڪرڻ کان لنوايو آهي. منهنجي دل اڪثر چاهيندي آهي ته، مان دادا جو اڳ جهلي ڪانئس پُڇان. "ڇا واقعي دادا اوهان جوانيءَ کي Enjoy نه ڪيو آهي؟ سويٽ گرينڊپا! ڇا ريئلي توهان ڪجهه ناهي ماڻيو؟ نه سرير جي واسنا، نه ڪنهن جي ديهه! نه نندون ڦٽائي

ڇڏيندڙ وارن جي هڳاءَ جو واس. ۽ تلڪ چاڙهي تان اوهين بيشڪ نندپڻ ۾ لهيا چڙهيا، عشق جي چاڙهي تي ڪيترا دفعا آئوٽ بيڪ ڪيوَ...؟“ پر ڪابہ ڳالهہ دادا ڪان پڇڻ جي همٿ تي ئي ڪونہ! دادا جو قلم اڌ صدي ڪان بہ وڌيڪ عرصي ڪان صحافت جي ريگزار تي هلندو رهيو. بلڪ هر دؤر ۾ اڳ ڪان اڳرو، بهتر ڪان بهتر جو متلاشي ۽ فريش نيس جي ساک پريندو رهيو... ۽ ڪيترن ئي هاجيڪار حالتن مان لنگهڻ جي باوجود، هن جي قلم، نہ ڪڏهن پڇتاءُ جو اظهار ڪيو ۽ نہ پشيمانيءَ جو....

دادا جيتوڻيڪ سدائين پنهنجي ز ِگيءَ جي آخري ’شو‘ ۾ نظر آيو، پر سندس قلم ۾ اُهي ئ، جوانيءَ واريون جولانيون ۽ سندس زهن ۾ اميدن جون اهي ئي چٽنگون جيئن جو تيئن روشن ڏٺيون ويون.

دادا کي مون ڪئي سال اڳ پريس ڪلب ڪراچيءَ جي مين گيٽ وٽ ڏٺو هو. ساڻس ملڻ ۽ ڊگهي ڪچهري جي خواهش ڪٺي مان اندر داخل تي رهيو هئس ۽ هو مين گيٽ مان نڪري، ڪيڏانهن ٻاهر وڃي رهيو هو. مون پُٺ ورائي ڏٺو... تہ دادا منهنجي اکين جي فوڪس ۾ فريم تي ويو. ڪيس پري پري تائين ويندو ڏسي، ’هينري ڊان‘ جو هڪ اُداس ڪري ڇڏيندڙ نظم (جڻ هُن جي اندر جو ترجمان بنجي) منهنجي چپن تي چڙهي آيو:

مان وڃان پيو ۽ توهان داخل تي رهيو آهين
تولاءِ راهہ روشن آهي ۽ قلعي اندر
ديوان خاص تي، دسترخوان وڇائجي چڪو آهي،
تون نئون آيل مهمان آهين،
۽ منهنجيروانگي لاءِ، سَراءِ جي دروازي تي
گهوڙو سنجو بِينو آهي.
هان وٽ هي سَرهو گل ۽ گلاب جو ڏنڊڻ

جيستائين هي منهنجو گول ڪومائجي
پنهنجي پوڪيل گلاب جي ڏنڊَڻ، تيار ٿيڻ جو انتظار ڪج
چڱو هاڻي روانگي جو وَقت پرجي چڪو آهي.
وري ڪڏهن به نه، ملڻ لاءِ- الوداع.
الوداع!

افسوس اُن دفعي به، دادا سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ واري منهنجي خواهش پوري نه ٿي سگهي ۽ اُهو ڏينهن، ڪراچيءَ ۾ منهنجي نوڪريءَ جو آخري ڏينهن هو.

(30 اپريل 1983ع)

✻ ✻ ✻

# گرداس واڌواڻي سان ڳالهه ٻولهه

ڪرتار ڏاواڻي

**سوال :رامائڻ جو دور، مهاڀارت جي زماني، کان اڳ جو آهي يا پوءِ جو؟**
جواب :اندازي مطابق تہ رامائڻ 15 هزار سال پراڻو آهي جڏهن تہ مهاڀارت ۽ گيتا ني لکئي 5 هزار سال مس ٿيا آهن.
**سوال :پاڻ هندن ۾ هڪ کان وڌيڪ شادين کي سٺي نگاهہ سان نہ ڏٺو ويندو آهي ۽ راجا دسرٿ ٽي شاديون ڪيون هيون، اوهان جو ان بابت رايو؟**
جواب :اڳئين زماني ۾ جڏهن جنگيون تمام گهڻيون ۽ وقت بوقت ٿينديون هيون، تڏهن لازمي ڳالهہ آهي تہ مرد ئي جنگ ۾ مارجي ويندا هئا ۽ نسبت (RATIO) ۾ عورتون مردن کان تعداد ۾ گهڻيون هيون، گهڻيون شاديون ان دور جي پيداوار آهن ۽ اهي ماڻهو جيڪي هڪ کان وڌيڪ زالون رکندا هئا، انهن جو ڳاڻاپو وڏن ماڻهن ۾ ڪيو ويندو هئو، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن انسان جي ذهن جي ارتقا بہ ٿيندي رهي ۽ جنگين جا پراڻا طريقا بہ بدلجي ويا، گڏوگڏ ان سوچ ۾ بہ تبديلي ايندي رهي تہ شان ۽ معاشري ۾ عزت جو واحد طريقو گهڻيون زالون ئي نہ آهي .آءُ سمجهان ٿو تہ، اوهين ان مان ٻنهي دورن جي سوچ ۾ فرق محسوس ڪيو هوندو.
**سوال :رام سيتا خاطر راوڻ سان ايڏي وڏي جنگ جوٽي هئي ۽ ان ئي رام هڪ ڌوٻيءَ جو مهڻو ٻڌي سيتا کي ايوڌيا مان ڪڍي**

**ڇڏيو هيو، اوهان رام جي ان فيصلي بابت ڪهڙو ويچار رکو ٿا؟**

جواب :رام سيتا کي راوڻ جي قيد مان آزاد ڪرائي ڪانئس ان وقت جي رواج موجب باهہ مان گذاري سندس ست جي پريڪشا ونئي پنهنجا شڪ دور ڪيا .ان ڪانپوءِ سري رامچندر جڏهن ايوڌيا جو راجا بڻجي ٿو تہ منهنجي خيال موجب هن اهو ڏيکارڻ ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ منهنجي راڄ ما ڪوبہ ناخوش ڪونهي .ان سوچ ڪان سواءِ سڄي رامائڻ مان ڪو سبب ئي نٿو ملي جنهن مان سيتا کي ايوڌيا مان ڪيڻ جو جواز ملندو هجي .هونئن سندس ان رويي کي منافقت وارو رويو يا ( Hypocratic way) چئي سگهجي ٿو.

**سوال :لڇمڻ بن ۾ رام جي مدد لاءِ وڃڻ کان اڳ ۾ سيتا کي هڪ ليڪو ڪڍي ڏئي ويو هو ۽ ڪيس يقين ڏياريو هئائين تہ، ان ليڪي اندر رهندي تنهنجو وار بہ ونگو نہ ٿيندو، ان ليڪي جو فلسفو ڪهڙو آهي؟**

جواب :سنڌيءَ ۾ "ليڪو لنگهڻ "اصطلاح طور پڻ ڪم ايندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مريادا کان ٻاهر اڇڻ، غلط ڪم ڪرڻ، سماج جون مقرر ڪيل حدون اورانگهڻ وغيره وغيره.

ماتا سيتا جڏهن راوڻ کي ساڌوءَ واري روپ ۾ ڏٺو ۽ ساڌو سمجهي ان تي عمل ڪري ليڪو لنگهي آئي هئي تہ تڪليف ۾ پئي هئي، اهو مثال اسان سمورن کي ٻڌائي ٿو تہ، هن دنيا ۾ ٺگ ۽ چور ساڌن جي روپ ۾ ان زماني کان موجود آهن، جنهن جڳ کي اسان جي ڌرمي ڪتابن ۾ "ستجڳ "چيو ويندو آهي.

هن زماني ۾ صحيح ماڻهواهي آهن جيڪي ٻين جي تجربن مان نتيجا حاصل ڪري پنهنجي لاءِ راهون جوڙن . جيڪڏهن اسين هر ڳالهہ جو تجربو شخصي طور ڪرڻ چاهينداسين تہ پوءِ هيءَ ننڍڙي حياتي تہ تجربا ڪندي پوري

ٿي ويندي، ان ڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي نظر کي تيز ڪريون ۽ هرويرو اهو نه سمجهون ته" هر گيڙو رتا ڪپڙا پاتل ساڌو آهي ۽ مندر ۾ هر پجاري ڀڳوان جو نيڪ پرش آهي".

سوال :**اڳ ۾ هندن ۾ عورت کي آزادي هوندي هئي جو هوءَ "سويمبر "ڪري پنهنجي پسند جو جيون ساٿي چونڊيندي هئي ) جيئن سيتا به ڪيو .(پر اڄ جي دور جي شادين ۾ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي پسند کان وڌيڪ مائٽن جي ويچارن جو وڏو دخل آهي .اوهان ڪنهن کي صحيح ۽ سٺو سمجهو ٿا؟**

جواب :شروع شروع ۾ جڏهن عورت جي منزل چوديواري نه هوندي هئي ۽ هوءَ جنگين ۾ پڻ حصو وٺندي هئي تڏهن عورت کي پنهنجي بابت فيصلي ڪرڻ جي پوري پوري قوت هئي، پر وقت گذرڻ سان مرد عورت مٿان قابض ٿيندو ويو ۽ هن عورت کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ مختلف دليل استعمال ڪيا، جهڙوڪ تون جسماني طور (Physically) ڪمزور آهين، نازڪ بدن آهين، تڪليف سهڻ لائق نه آهين وغيره وغيره، ان ڪانپوءِ عورت جو مقام آهستي آهستي گهٽجندو ويو ۽ ڪو وقت اهڙو به هو جڏهن مڙس جي مرڻ تي سندس زال کي جيئرو جلايو ويندو هيو ۽ کيس ستيءَ جو سهڻو لقب ڏئي خوش ڪيو ويندو هو، حالانڪ زال جي مرڻ تي مرد ستي نه ٿيو آهي، اهڙيءَ طرح مختلف زمانن ۾ مختلف طريقن سان عورت تي ضابطا وڌندا ويا جنهن کي مهذب ٻوليءَ ۾ غلامي پڻ چئي سگهجي ٿو.

اها پنهنجي جاءِ تي اٽل حقيقت آهي ته، لڳاتار صدين جي غلامي انساني ذهنن کي مفلوج ڪري ڇڏيندي آهي ان ڪري ئي اڄ جي دور ۾ سويمبر ته پري رهيو پر پسند جي اظهار کي ڇڙواڳي ۽ فحاشي وغيره سڏيو وڃي ٿو.

سوال :**مورتي پوڄا بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟**

جواب :انسان اصل کان رني ڀڳوان کي سمجهڻ جي ڪوشش

پئي ڪئي آهي، جيئن تہ ڀڳوان کي ڪابہ مادي صورت ڪونهي ۽ ان کي اسين صرف محسوس ڪري سگهون ٿا، تڏهن ان جو ڪو روپ اهڙو هجڻ ضروري ٿي پيو، جنهن کي ڏسي ۽ تصور ڪري هو Lnuslrf ٿئي.

ماڻهوءَ جي نظر ۾ ڀڳوان کي انساني روپ ۾ ڏنو ويو، سوچيو ويو ۽ ان لاءِ سوين تخليقون، هزارين بت وغيره انساني شڪل ۾ ٺي آهن، هونئن بہ تصور جي اسان وٽ وڏي اهميت آهي، سورهين صديءَ ۾ ميران بائيءَ جي مشهور محبت، ڪرشن مهراج جي تصور تي ئي قائم رهي .مورتي پوڄا بابت هڪ ٻيو بہ دليل عام طور ڏنو ويندو آهي تہ، جڏهن ڪا خاص تصوير سامهون رکي پوڄا ڪبي آهي تہ ذهن کي ٽِڪڻ جو موقعو گهڻ ملندو آهي.

**سوال :هندن ۾ چار ڪلاس :برهمڻ، کتري، وئش ۽ شودر ڪڏهن کان وجود ۾ آيا؟ انهن جي اڳ ۾ ڪيتري اهميت هئي ۽ اڄ ڪيتري ضرورت آهي.**

جواب :انساني فطرت ۾ اها ڳالهہ ڏاڍي گهرائيءَ سان سمايل آهي تہ، هو ٻين کان مٿانهون هجي، هن جو ذڪر ڪٿي بہ نڪري تہ عزت سان سندس نالو پڪاريو وڃي، ٻيا ماڻهو هن کي سائين سائين ڪن وغيره، ان فطري خواهش جي عمل لاءِ هن مختلف وقتن تي مختلف عمل پئي ڪيا آهن، پنهنجي حيثيت مڃائڻ خاطر!

ڪڏهن ڪڏهن هن جنگيون جوٽي حڪومتون هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪڏهن هن ٻين ملڪن تي حملا ڪري، رت جون نديون وهائي بہ فاتح سڏرائڻ جي خواهش پوري ڪئي آهي ۽ وري ڪن موقعن تي حضرت انسان ڌرم ۽ مذهب کي سهارو بڻائي پنهنجي برتري (Superiority )قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هندن جا چار ڪلاس مٿين ڌرمي برتريءَ جي پيداوار

آهن .آرين جڏهن سنڌ ۽ هند تي قبضو ڪيو ته، انهن جي ذهين طبقي مستقل حاڪميتِ قائم رکڻ خاطر هتان جي لوڪل دراوڙن ( Dravidians ) کي صفائيءَ لاءِ مقرر ڪري ڪين شودر ۽ اڇوت سڏڻ لڳا) هو ويچارا بہ مجبور هئا، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون: مون وڏا وس ڪيا (ائين فاتحن جو چوڻ مڃيندا رهيا .ٻيو ڪلاس هنن واپارين جو مقرر ڪيو، انهن کي هو وئش سڏڻ لڳا ۽ ٽيون ڪلاس هنن ملڪي حفاظت خاطر مقرر ڪيو، هنن جو ڪم صرف جنگيون جوٽڻ هيو ۽ انهن کي ڪٽري سڏڻ لڳا، پاڻ کي هو برهمڻ سڏڻ لڳا، سندن ڪوبہ خاص ڪم ڪونہ هيو .هو تعليم يافتہ هئا ۽ سندن باقي ٽئي طبقا عزت ڪرڻ لڳا ) جيڪا ئي هنن جي بنيادي خواهش هئي (هنن جي منهن مان نڪتل لفظن کي رد ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ جرئت نہ هوندي هئي، ۽ انهيءَ طريقي سان هندن جا چار ڪلاس وڏيا ۽ ويجهيا جيڪي اڄا تائين هلندا اچن ٿا، سواءِ ڪترين جي جيڪي اڪيلا جنگيون ڪندي ڪندي ختم ٿي ويا متين ڪلاسن جي نہ اڳ ۾ ڪا ضرورت هئي ۽ نہ ئي هاڻي ڪا گهرج آهي.

سوال :اڄ جو نوجوان ڌرم کان دور ڇو ٿو رهڻ چاهي؟

جواب :ڌرم ان دور جي پيدائش آهي جڏهن انسان اجا ڪٽنبن جي زندگي نہ اپنائي هئي، هو ننڍن ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هو، جنگيون ۽ جهيڙا عام هئا، ان وقت ڌرم سماجي سڌارا آڻي ماڻهن ۾ ڪافي حد تائين ايڪتا پيدا ڪئي هئي، ننڍا ننڍا ڪٽنب وڏي قومن ۾ جذب ٿي ويا هئا، ماڻهن ۾ اجتماعي سوچون پيدا ٿيڻ لڳيون ۽ ائين مذهب انسانيت جي ڀلائيءَ خاطر پنهنجا اثر ظاهر ڪرڻ لڳو.

ڌرم جو بنيادي مقصد انسانن جي ڀلائي رهيو آهي، پر وقت بہ وقت هن ڌرتيءَ تي اهڙن ماڻهن جنم پئي ورتو آهي، جن ڌرمن کي پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندي، ان کي

Rigidۦ غير لچڪدار ڪري ڇڏيو آهي .دنيا جو ڪوبہ دين يا مذهب نفرت ڪونہ ٿو سيکاري، ڪوبہ ڌرم پاڻ کي اوچو ڪندي ٻئي کي نيچ ڪونہ ٿو سڏي، تنهن ڪري دنيا جا سڀ مذهب محبت لائق آهن، پر هڪ ڳالهہ مان اوهان کي ٻڌائڻ چاهيندس ۽ مٿي بہ ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ، انسان مذهب لاءِ نہ پر مذهب انسان لاءِ نهيو آهي ۽ جيئن تہ هن وقت ڌرم ۾ رجعت پسندي وڌي وڃڻ ڪري ويهين صديءَ مطابق تبديليون آڻڻ جي گنجائش نہ رهي آهي، انڪري نوجوانن ۾ اهڙي قسم جو رجحان ڏنو وڃي ٿو .هونئن بہ خدا کان سواءِ هر ڳالهہ بدلجڻي آهي.

**سوال :رامائڻ جي فلسفي بابت اوهان جا ويچار؟**

جواب :مون اڳ ۾ بہ ٻڌايو آهي تہ، رامائڻ جو قصو 15 هزار سال پراڻو آهي ۽ اهو Confirm بہ ڪونهي تہ، قصو واقعي ٿي گذريو آهي يا من گهڙت آڪاڻي آهي .سري والميڪ رشي رامائڻ عيسوي سن کان ٿي سو سال اڳ ۾ لکي هئي، تنهن جي معنيٰ تہ اها آڪاڻي ان وقت بہ 13 هزار سال پراڻي هئي ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ، ڪهاڻيءَ ۾ رنگ پرڻ خاطر والميڪ رشي ڪنهن سني ناول نگار جيان ڪيتريون ڳالهيون پنهنجيون لکيون هجن، جيئن هميشہ ٿيو آهي تہ، وقت گذرڻ سان هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ ۽ ٻئي کان ٽئين ماڻهوءَ تائين ڳالهہ پهچڻ ۾ اصل مصالحا ملايا ويندا آهن، تيئن ٿي رامائڻ سان ٿيو هجي، انديشو رکي سگهجي ٿو.

فرينچ ليکڪ Mr. Leli جو هڪڙو ڪتاب Dante e Rama آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ، Helen of Troy جي لڙائي ۽ رامائڻ جي ڪٿا هوبهو هڪ جهڙي آهي ۽ اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ، اها ڪهاڻي هندستان مان يورپ منتقل ٿي آهي يا يورپ مان هندستان .مسٽر شرما" آريا ورت پارت "۾ لکي ٿو تہ، رامائڻ ۾ جن پولڙن جو ذڪر آهي، اهي حقيقت ۾

مهاراشٽر جا مرهٽا آهن ۽ جن کي اسين راڪاس ٿا سڏيون اهي اصل ۾ دراوڙ (Dravidians) آهن) جيڪي آرين کان اڳ ۾ هندستان جا اصل رهاڪو هئا (جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته، سڄي هندستان تي جنگيون ڪري هتان جي اصلي رهاڪن مٿان قبضو ڪيو هو، تيئن ئي سري لنڪا ۾ لڳل مٿين جنگ کي آرين ۽ اڻ آرين وچ ۾ ملڪن تي قبضي ڪرڻ جي هوس ۾ لڳل لڙائي پڻ تصور ڪري سگهجي ٿو.

سري رامچندر هونئن ڪابه فلاسافي، ڪوبه نظريو، ڪابه هدايت، سٺي ۽ صحتمند زندگي گذارڻ لاءِ ڪي به راهون اسان کي ڪتابي صورت ۾ نه ڏئي ويو آهي، البت هن جي گذريل زندگي اسان ۽ اوهان سڀني لاءِ سبق آميز آهي .سري رامچندر جو پيءُ جي وچن کي پاڙي ڏيڻ خاطر چوڏهن سال بنواس ۾ ڪاٽڻ ۽ تخت جي حقيقي وارث هئڻ جي باوجود به ان تان هٿ کڻڻ هڪ اهڙي عظيم قرباني آهي، جنهن جي لفظن ۾ تعريف ڪري ئي نه ٿي سگهجي.

رام پيلڻي) جنهن کي هندو اڇوت يا گهٽ ذات سڏيندا آهن (جا جونا ٻير کائي اهو واضح ڪيو آهي ته، اوچ نيچ جا چڪر قدرتي نه پر انسانن جا ناهيل آهن، جن جو موجود هجڻ نه صرف غير ضروري پر غلط پڻ آهي.

**سوال :توهان اهو ٻڌائيندا ته اهي ڪهڙيون پراڻيون ريتون ۽ رسمون آهن جيڪي اڄ جي سائنسي دور ۾ قبول ڪرڻ جوڳيون آهن ۽ اهي جيڪي غير ضروري آهن، پر اسان وٽ مروج آهن.**

جواب :ريتن ۽ رسمن جو تعلق وقت ۽ حالتن سان آهي، ڪافي ڳالهيون جيڪي اڳ ۾ عام هيون هينئر ختم ٿي چڪيون آهن ۽ گهڻيون شيون جيڪي هن وقت مروج آهن اڳتي هلي پنهنجو پاڻ ختم ٿي وينديون .هڪ هندوءَ جي حيثيت ۾ رڳو پراڻين ريتن ۽ رسمن تي زور ڏيڻ ئي ڪافي ناهي ۽ پڻ اهو

نہ سوچڻ گهرجي تہ، ڪنهن ريت يا رسم ڪي پورو نہ ڪرڻ ڪري هندپٽو خطري ۾ پئجي ويندو، پر هر ڳالهہ کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهرجي ۽ وقت ۽ حالتن پٽاندڙ عمل ڪرڻ گهرجي.

سوال :**ڪو اهڙو قول جيڪو اوهان کي ڏاڍو پسند هجي؟**

جواب :مون کي شرت چندرچٽوپاڌيا جو اهو جملو ڏاڍو وڻندو آهي تہ،" جنني) ماءُ (۽ جنم ڀوميءَ کان وڌيڪ اهم شيءِ هن دنيا ۾ ڪابہ ڪونهي."

سوال :**نوجوانن لاءِ پيغام؟**


جواب :انڌو وشواس نہ ڪيو، روشن خيال ٿيو ۽ لڪير جا فقير نہ ٿيو.

ختم ٿيو




1982 ع ۾ ڪجهه شاگردن سوچيو تہ ڇو نہ چانڊڪا مان ڪا ميگزين ڇاپي وڃي. ڏياري ويجهو هئي تنهن ڪري طئہ ٿيو تہ ميگزين ڏياري جي مناسبت سان هجي. هاڻي ميگزين ڇاپڻ لاءِ پئسن جو بندوبست ڪرڻو هو. گڏجي چندو جمع ڪرڻ جو بيڙو کنيوسي. ميگزين لاءِ مواد گڏ ڪيوسين ۽ ميگزين

چاپي 1985ع ۾ پڌري ڪئي سون. ميگزين سهڻي پريس حيدرآباد مان محترم طارق اشرف مرحوم جي نگراني ۾ ڇپي ۽ ان جا پروف محترم ولي رام ولڀ ڏنا. ان ميگزين تي ڪيترن ئي اديبن پنهنجا رايا لکيا جن مان محترم رشيد ڀٽي مرحوم نمايان آهن. افسوس جو اهي رايا مون وٽ محفوظ ڪونهن نه ته ڇپجن ها.



شبري (Shabari) هيٺين ذات سان تعلق رکندڙ پمپا ڍنڍَ جي پاسي ۾ متُنگا (Matunga) جي آشرم جي سنڀال ڪندڙ هڪ عورت هئي، هن جي گُرو متنگا هن کي چيو هو تہ هن وٽ هڪ ڏينهن شري رام ضرور ايندو. هوءَ سالن تائين رام جو انتظار ڪندي رهي، رامچندر سيتا کي جهنگل ۾ ڳولهيندي اُتي پهتو ۽ پمپا ڍنڍَ جي پاسي ۾ شبري سان مليو شبري شري رام کي پنهنجا چکيل جوٺا ٻيرَ جيڪي هوءَ تسلي ڪري تہ اهي مٺا آهن کارائيندي رهي. چون ٿا تہ لڇمڻ جيڪو رام سان گڏ موجود هيو. اُن اِن تي بُرو مڃايو جنهن کي شري رام اهو چيو تہ ڳالهہ ننڍي ۽ وڏي ذات جي نہ آهي، ڳالهہ آهي محبت جي. رام شبري جا جوٺا ٻيرَ کائي ڇوت ڇات واري سوچ جي مخالفت ڪري انسانيت جو ڳاٽ اوچو ڪيو.

MOHEN JO DARO
PUBLISHING AGENCY
مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي

مهين جو دڙو پبلشنگ ايجنسي

لاڙڪاڻو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٽُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٺن جٺن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجھِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙھ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ڳوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)